سال (18) چنڇر 06 ڊسمبر 2025ع 14 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (76)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

68 Years 1958 - 2025

Regd: NO-2430-B

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) چنڇر 06 ڊسمبر 2025ع 14 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (113)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Saturday 6th December 2025

Daily Ibrat Hyderabad Saturday 6th December 2025

عوام فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي جرئتمنداڻي ۽ بهادراڻي قيادت کي سدائين ياد رکندو: وزيراعظم شهباز شريف

فيلڊ مارشل عاصم منير جي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز طور مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري

1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 273 ۽ پاڪستان ايئر فورس ايڪٽ 1953ع جي سيڪشن 10 بي تحت وزيراعظم ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جي ملازمت جي مدي ۾ به ٻن سالن جي واڌ جي منظوري

قوم جي سلامتي جي نگهبان جي طور تي سنڌس قيادت جو اسان جي بهادر هٿياربند فوج کي معرڪ حق ۾ فيصلائتي فتح تائين پهچائڻ ۾ بنيادي ڪردار آهي. فيلڊ مارشل عاصم منير کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا: شهباز شريف

جنگ جي مشڪل ترين حالتن ۾ هٿياربند فوج کي متحد، پوري قوم کي گڏ ڪيو ۽ ملڪ جي لاءِ تاريخي ڪاميابي يقيني بڻائي، دشمن جي 7 جهازن ۽ جديد ميزائيل دفاعي نظام کي تباهه ڪيو ويو

پاڪستان جي فضائي برتري کي وڌيڪ مضبوط ڪيو، سمورا قومي ادارا پاڪستان جي دفاع، ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ متحد آهن انشاءَ الله، گڏجي پنهنجي ملڪ جي دفاع کي حقيقي معنيٰ ۾ فتح نه ٿيڻ جوڳو بڻائينداسين

اسلام آباد (اي پي پي) دفاع واري وزارت فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز طور ۽ چيف آف ايئر اسٽاف، ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جي ملازمت جي مدي ۾ ٻن سالن جي واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي گذريل ڏينهن دفاع واري وزارت مان جاري نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته صدر

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخوا ڪابينا نو مئي وارا ڪيس ختم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

نو مئي جي 51 ڪيسن ۾ رياست ڪابينا جي منظوري تي دستبردار ٿيندي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسان ثابت ڪيو آهي ته ادارن کي وفاق کان وڌيڪ بهتر طريقي سان هلائي سگهون ٿا: بلاول ڀٽو

مٺي، سيوهڻ ۽ شهيد بينظير آباد ۾ مرڪز قائم آهن، اين آءِ سي وي ڊي دل جي علاج لاءِ دنيا جو سڀ کان وڏو نيٽورڪ بڻجي چڪو آهي

سنڌ حڪومت سيلز ٽيڪس گڏ ڪرڻ لاءِ تيار آهي سنڌ ۽ بلوچستان رڪارڊ ٽيڪس گڏ ڪيا آهن

جيڪڏهن وفاقي حڪومت ڪم هدف مقرر ڪري ۽ اسان ان کي پورو نه ڪري سگهون ته اسان وفاقي حڪومت کي پنهنجي حصي مان پئسا ڏئي سگهون ٿا

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي (پ پ پ) چيئرمين ۽ اڳوڻو پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پيپلز پارٽي شهرين کي مفت ۽ معياري علاج جون سهولتون فراهم ڪري رهي آهي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ اڳواڻ شهزاد اڪبر اشتهاري قرار، گرفتار ڪرڻ جو حڪم

سيشن عدالت شهزاد اڪبر کي اشتهاري قرار ڏيڻ جو لکت ۾ آرڊر جاري ڪيو

پرڏيهه ۾ رهي رياست جي خلاف پروپيگنڊا ڪندڙن کي جلد ملڪ واپس آندو ويندو: گهرو وزير

اسلام آباد (م د) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ جنهن سان ڳالهين لاءِ تيار آهي اهي ڳالهائڻ نٿا چاهين: راڻا ثناءُ الله

وزيراعظم ٻه دفعا ايوان ۾ اپوزيشن کي ڳالهين جو چيو ۽ دعوت ڏني: وزيراعظم جو صلاحڪار

پي ٽي آءِ قيادت اسان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي، هو جن سان ڳالهين لاءِ تيار آهن اهي هنن سان ڳالهائڻ نٿا چاهين

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته پي ٽي آءِ قيادت اسان سان ڳالهين لاءِ تيار

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پارٽي ميڊيا کي ڪوڙ ڪانسواءِ ڪجهه نٿو اچي، انهن کي شرم اچڻ گهرجي: وفاقي وزير اطلاعات

اڊيالا جيل ٻاهر امن امان خراب ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه آهي: عطاءُ الله تارڙ

جيڪو به جيل رولز جي خلاف ورزي ڪندو ان کي باني پي ٽي آءِ سان ملاقات جي اجازت نه هوندي

وڏن وڏن سينيئر صحافين کي قوم کان معافي وٺڻ گهرجي، انهن چانهه جي پياليءَ ۾ طوفان برپا ڪري رکيو هو

پاڪستان جو دفاع وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي، پاڪستان اسٽرڪچرل تبديليون ڪري دشمن کي خوفزده ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته پارٽي ميڊيا کي ڪوڙ ڪانسواءِ ڪجهه نٿو اچي اڊيالا جيل جي ٻاهر امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ جي ڪنهن

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سينيٽ ۾ بلوچستان ۽ سنڌ ۾ بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ بابت ڌيان ڇڪايو نوٽيس

پاڪستان جا وسيلا سمورن صوبن لاءِ برابر آهن ۽ ڪنهن صوبي سان ڪو به اڻبرابري جو سلوڪ نه ٿي رهيو آهي: طارق فضل چوڌري

ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ نه ٿي رهي آهي، اعلانيل لوڊشيڊنگ طريقيڪار تحت ٿيڻ گهرجي

لائن لاسز سان مسئلا پيدا ٿيندا، ايران جي سرحد تان تيل جي اسمگلنگ روڪڻ لاءِ حفاظتي قدم وڌيڪ سخت ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ اجلاس ۾ جمعي ڏينهن بلوچستان ۽ ڪراچي ۾ بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ جي حوالي سان ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۽ عوامي اهميت جي معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جو 12 هون ڪنوڪيشن، 826 شاگردن کي ڊگريون ۽ ميڊلز ڏنا ويا

گريجوئيٽس نظم و ضبط، ميرٽ، پيشه ورانه مهارت ۽ اخلاقي قدرن کي برقرار رکن: ڊاڪٽر عشرت حسين

سکر آءِ بي اي يونيورسٽي هڪ نعمت آهي، تعليم سماجي برابري قائم ڪرڻ ۽ موقعن کي برابر ڪرڻ جي ڪنجي آهي:حسن علي خان

ناصر حسين شاهه پاران مرحوم پروفيسر نثار احمد صديقي کي خراج تحسين پيش، گريجوئيٽس کي زندگي ۾ سکڻ جي نصيحت ڪئي

آصف احمد شيخ 826 گريجوئيٽس کي مبارڪباد ڏني، 410 شاگردن کي ذاتي طور شرڪت لاءِ سڃاڻپ ڏني وئي

سکر (رپورٽ خالد ٻانيهو) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جمعي، 5 ڊسمبر 2025 تي مين ڪيمپس ۾ پنهنجو 12هين ڪنوڪيشن منعقد ڪيو جنهن ۾ مختلف علمي شعبن مان تعلق رکندڙ 826 کان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

CHIEF GUEST

سکر: آءِ بي اي يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۾ صوبائي وزير ناصر شاهه ڊگريون ورهائي رهيو آهي ٻئي طرف شاگردن ۽ شاگردياڻين جو ورتل گروپ فوٽو

آئي بي اي ملڪ جي ٽاپ يونيورسٽيز ۾ شامل آهي: ناصر شاهه

هتي اچي فخر محسوس ٿيندو آهي ڇو ته هتي ميرٽ ۽ شفافيت آهي

ٻين ادارن کي به بدنام ڪيو پيو وڃي، روزانو رڪارڊ پيپر ڪيس تي ڪم ٿي رهيو آهي

پي ٽي آئي جنهن دور مان گذري پئي، ان جو ڪارڻ به منفي پروپيگنڊا آهي

سکر: صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي آئي بي اي سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو آهي ته سکر آئي بي اي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪنوڪيشن ۾ 16 گولڊ، 10 سلور ۽ 5 برانز ميڊلز ڏنا ويا

سکر: سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي ساليانو 12ڪنوڪيشن 2025 ۾ ڪل 826 شاگردن کي ڊگريون ڏنيون ويون جن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ ۾ 17 ملين ڊالر جي لاڳت سان هڪ ميڊيڪل ٽاور تعمير ڪرڻ جو اعلان

هن رقم مان 10 ملين ڊالر اڳ ۾ ئي حاصل ڪيا ويا آهن جڏهن ته باقي 7 ملين ڊالر حڪومت فراهم ڪندي: وڏو وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اعلان ڪيو آهي ته فيصل ايڌي جي سهڪار سان سنڌ حڪومت نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ ۾ 17 ملين ڊالر جي لاڳت سان هڪ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

هڪ ذهني مريض قومي سلامتي لاءِ خطرو آهي، سياسي قيادت جو احترام ڪريون ٿا، پر فوج کي ان کان پري رکو: ترجمان آءِ ايس پي آر

چيف آف ڊفينس فورسز جي مقرري تي سڀني کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو، چيف آف ڊفينس فورسز هيڊڪوارٽر جو آغاز ٿي چڪو آهي، هن هيڊ ڪوارٽر جي ڏاڍي گهڻي عرصي کان ضرورت هئي

پريس ڪانفرنس جو مقصد اندروني طور موجود قومي سلامتي خطري بابت آگاهه ڪرڻ آهي، رياست کان وڌيڪ ڪو به ناهي، هڪ شخص جي ذلت ۽ خواهشون ايتريون وڌي ويون آهن جو هو چوي ٿو ”مان نه ته ڪجهه نه“

اسان پاڪستان جي هٿياربند فوج آهيون ۽ ڪنهن سياسي سوچ جو اولڙو ناهيون، ڪو شخص پنهنجي سوچ تحت پاڪ فوج تي حملو ڪندو ته اسان به جواب ڏينداسين، پاڪ فوج ۽ عوام ۾ ڏار پوڻ نه ڏينداسين

فوج خلاف ماڻهن کي ورغلائڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، ڪو پنهنجي فوج يا قيادت تي حملو ڪري ٿو ته ڇا اهو ڪنهن ٻي فوج لاءِ جاءِ پيدا ڪرڻ چاهي ٿو؟ اهو شخص رياست ۽ فوج خلاف بيان ڏئي ٿو جيڪو آئين، قانون ۽ ضابطن جي ابتڙ آهي

چيف آف ڊفينس فورسز جي نوٽيفڪيشن تي منظم پروپيگنڊا ڪئي وئي، ڇا اها اظهار جي آزادي آهي؟ اها ڪهڙي سياست آهي، اصل معاملن تي ڌيان هٽائڻ لاءِ فوج جي هڪ هڪ خبر تي پروپيگنڊا ڪئي وئي

آرٽيڪل 19 تحت اظهار آزادي آهي پر ان جون به ڪجهه حدون آهن، آرٽيڪل 19 ملڪ ۽ قومي سلامتي خلاف ڳالهائڻ جي اجازت نٿو ڏئي، اسان اشرافيا مان نه پر وچولي يا هيٺين وچولي طبقي مان آهيون: پريس ڪانفرنس

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته پاڪستان کان وڏو ڪو ناهي هڪ شخص جون خواهشون ان حد تائين وڌي چڪيون آهن جو هو چوي ٿو ”مان نه ته ڪجهه به نه“ ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته چيف آف ڊفينس فورسز جي مقرري تي سڀني کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو چيف

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

AHMED
PAK ARMY

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

”ڪتو ڀونڪندو آهي، ان بابت پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي“: ترجمان پاڪ فوج

اسان سياستدان ناهيون، وقتي حڪومت سپريم هوندي آهي، رياست فوج ناهي، پر حڪومت رياست

پاڪستان ابد تائين رهندو، پاڪستاني فوج به رهندي، گورنر راڄ حڪومت جو فيصلو آهي، اهو حڪومت

”توهان آهيو ڪير؟ ۽ ڪنهن جي ٻولي پيا ڳالهايو؟ پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿا سمجهو؟ هن شخص جو ذهني بيماريون اڳ ئي

پهريان 9 مئي تي جي ايڇ ڪيو تي حملو ڪرايو، پوءِ هر مخالف کي غدار قرار ڏنو، هو سمجهي ٿو ته

هن لاءِ سياست جي تعريف اها آهي ته جيڪڏهن هو اقتدار ۾ هجي ته جمهوريت، نه ته آمريت آهي، بار بار ٽوئيٽ ۾ شيخ

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته ”ڪتو ڀونڪندو آهي ان بابت پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي“، رياست اسان کان معافيون آهي، اسان سياستدان ناهيون، وقتي حڪومت سپريم هوندي آهي رياست فوج نه آهي حڪومت رياست هوندي آهي فوج هڪ ادارو آهي جيستائين پاڪستان آهي پاڪستان ابد تائين رهندي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسان حق تي آهيون ۽ حق تي رهنداسين: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف

سان کي ڏينهن جي روشني وانگر چٽو نظر اچي رهيو آهي ته ڇا ٿي رهيو آهي

ڪوڙ ۽ فريب جو هي ڪاروبار نه هلندو، ان جي اجازت نه ڏني ويندي

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو آهي ته اسان کي ڏينهن جي روشني وانگر چٽو نظر اچي رهيو آهي ته ڇا ٿي رهيو آهي ڇو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

علي امين گنڊاپور جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري، گرفتاري جو حڪم

جج نصر من الله بلوچ ڪي پي جي اڳوڻي وڏي وزير خلاف آڊيو ليڪ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

عدالت علي امين جي غيرحاضري سبب فرد جرم واري ڪارروائي 20 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد جي مقامي عدالت خيبرپختونخوا جي اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور جا ضمانت نه

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

عدالت عمر ايوب جي عارضي ضمانت غير حاضريءَ سبب خارج ڪري ڇڏي

دهشتگردي ڪورٽ عدالت جي جج ارشد جاويد ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، عمر ايوب پيش نه ٿيو

عدالت عمر ايوب جي هڪ ڏينهن جي حاضريءَ کان معافيءَ واري درخواست رد ڪري ڇڏي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي واري خصوصي عدالت ڪلمه چوڪ تي ڪنٽينر کي باهه ڏيڻ سميت 9 مئي جي 3

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ اٽلي پاران ماربل انڊسٽري کي مضبوط بڻائڻ لاءِ فني تعاون تي اتفاق

ماربل انڊسٽري ۾ بهتري، اسڪلز ڊولپمينٽ، ويليو ايڊيشن جي معاملن تي ڳالهيون

پيسمايڪ هو آءِ ٽي اي ۽ لاڳاپيل ماهرن سان گڏ پلان تيار ڪري ۽ جامع رپورٽ ڏي: هارون اختر

اسلام آباد (اي پي پي) صنعت ۽ پيداوار بابت وزيراعظم جي خاص مددگار هارون اختر خان اٽلي جي ٽريڊ ايجنسي (آءِ ٽي اي)

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سيد عاصم منير جي مقرري هڪ تاريخي فيصلو آهي: گورنر ڪي پي ڪي

گورنر، ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جي ملازمت جي مدي ۾ ٻن سالن جي واڌ جي به آجيان

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي صدر مملڪت آصف علي زرداري طرفان فيلڊ مارشل سيد

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

فوج ۽ سپهه سالار خلاف بڪواس برداشت نه ڪئي ويندي: فيصل واوڊا

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) سينيٽر فيصل واوڊا چيو آهي ته رياست جواب ڏئي ڇڏيو آهي ته هاڻي ڪا به بڪواس برداشت نه

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

گورنر جي ٿائيلينڊ جي قومي ڏينهن جي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

تقريب ۾ شرڪت پاڪ-ٿائي لاڳاپن جي مضبوطي جو هڪ اهم عڪاسي آهي: ٽيسوري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ٿائيلينڊ جي قومي ڏينهن جي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

گم ٿيل 16 ڄڻن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي

6 گم ٿيل شهرين کي مختلف ڪيسن ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي: پوليس

سچل ڳوٺ جي علائقي مان گم ٿيل سيد محمد علي گهر واپس پهچي ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ جي جسٽس يوسف علي سعيد ۽ جسٽس مبين لاکي تي ٻڌل ٻه رڪني

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حڪومت به آءِ ايم ايف رپورٽ چارج شيٽ قرار ڏئي ڇڏي، 31 ڊسمبر تائين مهلت

پارليامينٽ هائوس ۾ سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽين جا الڳ الڳ اجلاس ٿيا

سينيٽ ڪميٽي محمد اورنگزيب کي رپورٽ تي بريفنگ لاءِ طلب ڪيو هو پر هو ڪنهن ٻئي اجلاس ۾ مصروف هجڻ سبب پيش نه ٿيو

ناڻي وزير ڪميٽي کي حڪمراني، ٽيڪس اوڳاڙي، ڪرپشن، ريگوليٽري معاملن ۽ قانون جي بالادستي تي ڳالهائڻ گهرجي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت به ڪرپشن تي آءِ ايم ايف جي رپورٽ کي حڪومت چارج شيٽ قرار ڏنو آهي ۽ ان تي عملدرآمد لاءِ 31 ڊسمبر تائين ايڪشن پلان

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي ڪورٽ عدالت پاران 9 مئي جي ڪيسن ۾ شاهه محمود قريشي جي عارضي ضمانت ۾ 16 جنوريءَ تي واڌ

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ نئين چونڊيل ميمبر ايم اين اي بلال بدر پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

National Day of the Kingdom of Thailand

اسلام آباد: ريلوي وارو مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ وفاقي وزير يوسف شيخ تقريب ۾ شريڪ آهي

سنڌ جي هر روڊ تي تمام جلد ماڻهن لاءِ سرڪاري بسون هلنديون: شرجيل ميمڻ

حيدرآباد جي مختلف علائقن ۾ تمام جلد بسون هلنديون ٽريفڪ انتظاميا ٽرانسپورٽ جي مسئلن کي گهٽائڻ لاءِ سٺو ڪم ڪيو آهي

ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل جي ٽڪراءَ ۾ ضروري ناهي ته هر ڀيري ٽرڪ جي غلطي هجي اسان کي ٽريفڪ انتظام لاءِ ڪيس بائي ڪيس غور ڪرڻ گهرجي

اي وي بسن لاءِ چارجنگ گارنٽي آهي، جيڪڏهن ڪا بيٽري خراب ٿئي ٿي ته ڪمپني ست سالن جي چارجنگ بيٽري گارنٽي ڏني آهي

ڪچرو گڏ ڪرڻ جو نظام تمام خراب آهي هر مهيني شهرين کان پئسا ورتا ويندا آهن، شهر ۾ مختلف هنڌن تي ڪچري جا ڍير لڳايا ويندا آهن: عامر صديقي

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو/ مجيد عباسي) سنڌ جي ٽرانسپورٽ واري سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي کي يقين ڏياريو آهي ته سنڌ جي هر روڊ تي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جو اجلاس 8 ڊسمبر تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پاڪستان چين جي خودمختياري جي مڪمل حمايت ڪري ٿو: پرڏيهي وزارت

پاڪستان پنهنجي پراڻي پاليسي ورجائي ٿو ته چين جي خودمختياري جي حمايت جاري رهندي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان چين جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ چونڊ نظام کي غير اسلامي قرار ڏيڻ بابت 36 سالن جو پراڻو ڪيس اڪلائي ڇڏيو

جسٽس شاهد وحيد جي سربراهي ۾ پنج رڪني شريعت اپيليٽ بينچ جمعي ڏينهن ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

وفاقي شريعت عدالت جن قاعدن کي غير اسلامي قرار ڏئي نشاندهي ڪئي هئي ته هاڻي اهي ختم ٿي چڪا آهن: ايڊيشنل اٽارني جنرل

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ شريعت اپيليٽ بينچ چونڊ نظام کي غير اسلامي قرار ڏيڻ بابت وفاقي حڪومت جون 36 سال پراڻيون اپيلون حڪومت طرفان واپس وٺڻ جي بنياد تي اڪلائي ڇڏيون

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ترڪ سفير پريس ڪلب ۾ ترڪ ڪافي جي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ۾ شريڪ آهي

بينڪ اڪائونٽس هيڪنگ ۾ ملوث 5 جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدارن ۾ ايل ون، ملڪ نعمان، شيراز طارق، شهريار طارق ۽ رائس شامل

جوابدار ماڻهن جا بينڪ اڪائونٽ هيڪ ڪري مختلف اڪائونٽس ۾ رقم منتقل ڪندا هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اين سي سي آءِ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

نيشنل گيمز جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن:محمد بخش مهر

نيشنل گيمز کي يادگار بڻائڻ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي جا خاص انتظام ڪيا ويا آهن

اعزاز جي ڳالهه آهي ته سنڌ صوبو هن وڏي قومي تقريب جي ميزباني ڪري رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ 6 ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ 35 هين نيشنل گيمز جا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن جمعي ڏينهن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

نيشنل گيمز جي افتتاحي تقريب سڀاڻي ٿيندي بلاول ڀٽو شريڪ ٿيندو

ميوزڪ ڪنسرٽ ۾ ملڪ جا مشهور فنڪار حديقه ڪياني ۽ علي عظمت پرفارم ڪندا

ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته افتتاحي مشعل قومي هيروز روشن ڪن: محمد بخش مهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي رانديون واري وزير سردار محمد بخش مهر قومي رانديگر ارشد نديم ۽ سيڪريٽري رانديون

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مقابلي بعد 5 زخمين سميت 8 جوابدار گرفتار

گرفتار ڪيل ملزمن کان هٿيار، منشيات ۽ ٻيو چوري ٿيل سامان هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلشن معمار

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

M-TAG
WELCOME

پشاور: موٽر وي تي ڪوهيڙي سبب ٽيل ڊانڊ جو ڏيک

35TH NATIONAL GAMES 2025 - KARACHI
PAKISTAN
NADEEM
PARIS 2024

شوقين تي وچن تيار!

تاريخي افتتاحي تقريب

6 ڊسمبر 2025 نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم، ڪراچي

ارڙهن سالن جي ڊگهي انتظار کان پوءِ...

ارڙهن سالن جي ڊگهي وقفي کان پوءِ، سنڌ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر قومي راندين جو ميلو نئين جوش ۽ جذبي سان منعقد ٿيڻ وارو آهي. هي هڪ تاريخي موقعو آهي جتي نوجوانن کي پنهنجون صلاحيتون ڏيکارڻ، پنهنجي محنت جو ثمر حاصل ڪرڻ ۽ عالمي سطح تي پاڻ مڃرائڻ جو موقعو ملندو. هي تقريب راندين جي واڌاري، نوجوانن جي همت ۽ قومي يڪجهتي جي علامت بڻجي ويندي.

پهريون ڀيرو خاص سهولت

ڪٽنب هاڻي هن اشتهار ۾ آفيشل QR ڪوڊ استعمال ذريعي پنهنجي شرڪت رجسٽر ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجون سيٽون اڳواٽ محفوظ ڪري سگهن ٿا. هن شاندار تقريب جو حصو بڻجو ۽ انهن لمحن جا شاهد بڻجو جيڪي تاريخ جو حصو بڻجڻ وارا آهن.

شريڪ ٿيڻ جو طريقو

■ QR ڪوڊ اسڪين ڪريو ■ ڪٽنب جي معلومات درج ڪريو ■ فوري طور تي ٽڪيٽ حاصل ڪريو
داخلا فقط QR رجسٽريشن ذريعي ممڪن آهي. (سيٽون محدود آهن، پهرين اچو پهرين وٺو)

نمايان پروگرام

■ ايگزيبيشن ٿرو: اولمپين ارشد نديم ■ آتشبازي ۽ لائٽ شو ■ ليزر شو
■ موسيقي ڪنسرٽ: نامور فنڪارن جي شرڪت ■ ثقافتي پروگرام ■ جمناسٽڪس شو

رجسٽريشن جي لاءِ QR Code اسڪين ڪريو

رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن وارو کاتو، سنڌ حڪومت

www.nationalgames2025.com

INF/KRY/4118/25

بقايا 1 منظوري

ڪابينا نو مئي وارا ڪيس ختم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي خيبرپختونخوا جي ايڊووڪيٽ جنرل شاهه فيصل اتمان خيل ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صوبائي ڪابينا اجلاس ۾ نو مئي ڪيسز جي خاتمي جي منظوري ڏني وئي آهي هن چيو ته نو مئي جي 51 ڪيسن ۾ رياست ڪابينا جي منظوري تي دستبردار ٿيندي، ان کانسواءِ نو مئي جي واقعن جي جاچ لاءِ ڪميٽي جوڙڻ جي منظوري پڻ ڏني وئي آهي. ايڊووڪيٽ جنرل جو چوڻ هو ته ڪابينا اجلاس ۾ شرڪت لاءِ وڏي وزير مون کي خاص طور تي طلب ڪيو هو سرڪاري ذريعن موجب، اسيمبلي ميمبرن کي ڪيسن ۾ سزا جي صورت ۾ نااهلي جو خدشو آهي.

بقايا 2 آءِ ايس پي آر

آف ڊفينس فورسز هيڊڪوارٽر جو آغاز ٿي چڪو آهي چيف آف ڊفينس فورسز هيڊ ڪوارٽر جي ڊگهي گهڻي عرصي کان ضرورت هئي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پريس ڪانفرنس جو مقصد اندروني طور موجود قومي سلامتي خطري بابت آگاهه ڪرڻ آهي رياست کان وڌيڪ ڪو به ناهي هڪ شخص جي ذات ۽ خواهشون ايتريون وڏي ويون آهن جو هو چوي ٿو "مان نه ته ڪجهه نه" هن چيو ته سياست هاڻي ختم ٿي چڪي آهي اهو همراهه هاڻي نيشنل سڪيورٽي ٿريٽ بڻجي چڪو آهي ۽ ٻاهرين عنصرن سان گڏجي ڪم ڪري رهيو آهي. احمد شريف چوڌري چيو ته اسان پاڪستان جي هٿياربند فوج آهيون ۽ ڪنهن سياسي سوچ جو اولڙو ناهيون جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي سوچ تحت پاڪ فوج تي حملو ڪندو ته اسان به جواب ڏينداسين. اسان سياسي قيادت جو احترام ڪريون ٿا پر فوج کي پنهنجي سياست کان پري رکو ڪنهن کي به پاڪستاني فوجن ۽ عوام جي وچ ۾ ڏار وجهڻ جي اجازت نه ڏينداسين. اسان اشرافيا مان نه پر وچولي يا هيٺين وچولي طبقي مان آهيون جيڪڏهن ڪو شخص آرمڊ فورسز يا ان جي قيادت تي حملو ڪندو ته اهو برداشت نه ڪيو ويندو سڀني سياسي شخصيتن ۽ جماعتن جو احترام آهي توهان پنهنجي سياست ڪريو پر فوج کي ان کان پري رکو ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته فوج بابت تعميري راءِ يا آبزرويشن ٿي سگهي ٿي پر فوج خلاف ماڻهن کي ورغلائڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. جيڪڏهن ڪو پنهنجي فوج يا قيادت تي حملو ڪري ٿو ته ڇا اهو ڪنهن ٻي فوج لاءِ جاءِ پيدا ڪرڻ چاهي ٿو؟ اهو شخص هر ملاقات ۾ رياست ۽ فوج خلاف بيان ڏئي ٿو اهو بيان آئين قانون ۽ ضابطن جي ابتڙ آهي هن چيو ته اها فوج خارجي دهشتگردن ۽ عوام جي وچ ۾ رنڊڪ بڻيل آهي دنيا جي هر ملڪ ۾ هڪ فوج هوندي آهي هي ڪهڙو آئين ۽ قانون آهي جنهن تحت توهان هڪ ڏوهاري سان ملو ٿا ۽ هو فوج ۽ ان جي قيادت خلاف بيانيو گهڙي ٿو؟ سندس پارٽي کان پڇو ته ڇون ٿا اسان کي خبر ناهي بيان ڪٿان هلي ٿو ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته آرٽيڪل 19 تحت اظهار آزادي آهي پر ان جون به ڪجهه حدون آهن. آرٽيڪل 19 ملڪ ۽ قومي سلامتي خلاف ڳالهائڻ جي اجازت نٿو ڏئي هن چيو ته هڪ ذهني مريض ٽوئيٽ ذريعي اصل بيانيو ڏئي ٿو ۽ ڀارتي ميڊيا سندس بيانن کي هلائي ٿي ڀارتي ميڊيا خوشي سان پاڪ فوج جي سپهه سالار خلاف خبرون هلائي رهي آهي هن چيو ته ٽوئيٽ ڪانپوءِ ٽرول اڪائونٽ ظاهر ٿين ٿا جيڪي سڀ ٻاهرين ملڪن ۾ ويٺل آهن هڪ منظم طريقي سان مهم هلائي وڃي ٿي افغان سوشل ميڊيا ۽ ڪجهه عالمي ميڊيا به شامل ٿي وڃي ٿي هن چيو ته اهو شخص چوي ٿو ته سندس پارٽي جو ڪو به ماڻهو اين ڊي يو ويو ته غدار آهي يعني سندس منطق مطابق جيڪو به آءِ ايس پي آر وڃي اهو غدار آهي چيف آف ڊفينس فورسز جي نوٽيفڪيشن تي منظم پروپيگنڊا ڪئي وئي، ڇا اها اظهار جي آزادي آهي؟ اها ڪهڙي سياست آهي اصل معاملن تي ڌيان هٽائڻ لاءِ فوج جي هڪ هڪ خبر تي پروپيگنڊا ڪئي وئي خبر نٿي پوي هنن جي دماغ ۾ اهڙا خيال اچن ڪٿان ٿا؟ ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته اهو شخص چاهي ٿو ته انهن خارجين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي جيڪي اسان جي ٻارن ۽ سپاهين کي شهيد ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڀارت حملو ڪري ها ته هو ڳالهين لاءِ هٿ ۾ ڪستو کڻي نڪري پوي ها. هن چيو ته هي شخص ماڻهن کي آپريشنز خلاف ڀڙڪائي ٿو عوام کي چوي ٿو ته هنگامو ڪريو اسان ڪليئر آهيون ته سندس سياست رياست مخالف آهي هن چيو ته هو هڪ ذهني مريض آهي هي هڪ ٽيرر ڪرائم نيڪسس آهي، جنهن ۾ منشيات، نان ڪسٽم پيڊ گاڏيون، ڀنگ عيوض اغوا ۽ ٻيون غيرقانوني سرگرميون شامل آهن هن وڌيڪ چيو ته رياست کان سواءِ اسان جي ڪا سڃاڻپ آهي نه اوقات نه ئي سياست، هن سڄي نيٽ ورڪ ۾ وڏا معاشي مفاد جڙيل آهن جيڪو به هن نيڪسس جي خلاف بيهندو ان تي حملو ڪرايو ويندو ڪير اهو نه چوي ته توهان 12، 13 سالن کان اقتدار ۾ آهي گورننس ڪٿي آهي

بقايا 3 ترجمان پاڪ فوج

پاڪستاني فوج به رهندي ڊي جي آءِ ايس پي آر وڌيڪ چيو ته گورنر راڄ حڪومت جو فيصلو آهي اهو حڪومت ئي ڪندي، پنهنجن ٻارن جن کي ٻاهرين ملڪ ۾ رهايون پيا آهيو انهن کي پاڪ فوج ۾ ڀرتي ڪرايو پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته "توهان آهيو ڪير؟ ۽ ڪنهن جي ٻولي ڳالهائي رهيا آهيو؟ پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿو سمجهين؟" هن چيو ته هن شخص جون ذهني بيماريون اڳ به نظر اچي چڪيون آهن. پهريان 9 مئي جي ايڇ ڪيو تي حملو ڪرايو پوءِ هر مخالف کي غدار قرار ڏئي هو سمجهي ٿو ته سمورو علم هن وٽ آهي ۽ ٻيا سڀ غلط آهن هن لاءِ سياست جي تعريف اها آهي ته جيڪڏهن هو اقتدار ۾ هجي ته جمهوريت، نه ته آمريت آهي. بار بار ٽوئيٽ ۾ شيخ مجيب الرحمان جا مثال ڏئي ٿو هن چيو ته "توهان وٽ هڪ صوبو آهي ان تي ڇو نٿا ڳالهايو؟ ملڪ جا اصل مسئلا ڇو نٿا کڻي اچو؟ اسان بار بار چئي رهيا آهيون اسان کي ان معاملي کان پري رکو

بقايا 4 مهلت

تيار ڪرڻ جي ڊيڊ لائن ڏني وئي آهي. پارليامينٽ هائوس ۾ سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽين جا الڳ الڳ اجلاس ٿيا، جن ۾ آءِ ايم ايف جي گورننس اينڊ ڪرپشن ڊائيگناسٽڪ (GCD) رپورٽ جو تفصيل سان جائزو ورتو ويو ناڻي واري وزير ڪميٽي کي 15 اهم سفارشن تي بريفنگ ڏني سينيٽ ڪميٽي محمد اورنگزيب کي رپورٽ تي بريفنگ لاءِ طلب ڪيو هو پر هو ڪنهن ٻئي اجلاس ۾ مصروف هجڻ سبب پيش نه ٿيو بعد ۾ هو قومي اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي اجلاس ۾ شامل ٿيا، جنهن جي صدارت نويد قمر ڪئي حڪومت آءِ ايم ايف جي گورننس اينڊ ڪرپشن ڊائيگناسٽڪ رپورٽ کي چارج شيٽ قرار ڏيندي چيو ته ان تي عمل ڪرڻ لاءِ 31 ڊسمبر تائين هڪ جامع ايڪشن پلان تيار ڪيو ويندو ناڻي واري وزير ڪميٽي کي حڪمراني، ٽيڪس آرگنائيزيشن، ڪرپشن، ريگوليٽري معاملن ۽ قانون جي بالادستي جهڙن مختلف شعبن ۾ آءِ ايم ايف جي 15 اهم سفارشات کان آگاهه ڪيو حڪومت فيصلو ڪيو آهي ته انهن سفارشن تي عملدرآمد لاءِ مختصر وچولي ۽ ڊگهي مدي وارو ايڪشن پلان تيار ڪيو ويندو جنهن ۾ 6 مهينا، 18 مهينا ۽ 36 مهينا شامل هوندا. وزير خزانه چيو ته 31 ڊسمبر 2025 تائين انهن سفارشن تي عملدرآمد جو روڊ ميپ تيار ڪيو ويندو ان کان علاوه، حڪومت اعلان ڪيو آهي ته ايندڙ سال تائين سرڪاري آفيسرن جا اثاثا آن لائن ڪيا ويندا، جيئن انهن جي نگراني ۽ بدعنواني خلاف قدم کنيا سگهن پاڪستان هڪ دفعو ٻيهر واضح ڪيو آهي ته جيستائين افغان حڪومت طرفان دهشتگردن جي پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ جي روڪٿام بابت پختي خاطري نه ڪرائي ويندي تيستائين سرحد بند رهندي هفتيوار پريس بريفنگ دوران پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي چيو ته مسئلو رڳو ٽي ٽي پي يا ٽي ٽي اي جو ناهي، افغان شهري به پاڪستان اندر سنگين ڏوهن ۾ ملوث رهيا آهن سرحد جي بندش کي انهي حقيقت جي پس منظر ۾ سمجهڻ گهرجي ترجمان چيو ته پاڪستان کي افغان عوام سان ڪو اختلاف ناهي اهي اسان جا پاڙيسري ۽ ڀائر آهن. بارڊر بندش جا سيڪيورٽي سبب آهن هن چيو ته افغان عوام لاءِ امدادي راهداري فراهم ڪرڻ ۾ پاڪستان هميشه هاڪاري رهيو آهي بارڊر پاليسي جو تعلق افغان سرزمين تان پاڪستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ عملي سهڪار سان آهي افغان حڪومت ضمانت ڏئي ته دهشتگرد ۽ پرتشدد عنصر پاڪستان ۾ داخل نه ٿيندا جيستائين اهڙي پڪ نه ڏياري ويندي تيستائين پاڪ–افغان سرحد بند رهندي هڪ سوال جي جواب ۾ ترجمان چيو ته سعودي عرب ۾ پاڪ–افغان ڳالهين جي حوالي سان ميڊيا رپورٽن بابت ڄاڻ آهي طاهر حسن اندرابي چيو ته ترڪ صدر ٻه هفتا اڳ اعلان ڪيو هو ته هڪ اعليٰ سطحي ترڪي وفد اسلام آباد ايندو وفد جي نه اچڻ جو ڪارڻ شيڊيولنگ به ٿي سگهي ٿي يا طالبان طرفان سهڪار نه ڪرڻ افغانستان سان سرحد جي بندش پنهنجي حفاظت لاءِ ڪئي آهي اسان نٿا چاهيون ته اسان جا شهري دهشتگردي جو نشانو بڻجن ترجمان چيو ته صدر پيوٽن جو ڀارت جو دورو ٻن خودمختيار ملڪن جو گڏيل معاملو آهي ڀارت ۽ روس جي امڪاني دفاعي معاهدن تي پاڪستان جي ڪا مخصوص پوزيشن ناهي رياستون پنهنجا ٻه طرفا لاڳاپا وڌائڻ ۾ خودمختيار آهن هن چيو ته ڀارتي حڪومت جون مسلم مخالف پاليسين تي ڳڻتي آهي، رياستي سرپرستي انتهاپسند تنظيمن کي وڌيڪ دلير بڻايو آهي سڀاڻي بابري مسجد جي شهادت کي 33 سال پورا ٿيندا، اهو واقعو اڄ به ڏک ۽ ڳڻتي جو سبب آهي. مسلم مذهبي نشانين ۽ تاريخي ورثي کي نقصان پهچائڻ جي هر عمل جو شفاف احتساب ضروري آهي ڪنهن به مقدس هنڌ جي بي حرمتي مذهبي برابري جي اصولن جي ڀڃڪڙي آهي

بقايا 5 ضمانت

ڪوڙ خصوصي عدالت 9 مئي تي باهيون ڏيڻ ۽ ڀڃ ڊاهه بابت 4 ڪيسن ۾ شاهه محمود قريشي جي عارضي ضمانت ۾ 16جنوريءَ تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي عدالت ڪوٽ لکپت جيل جي سپرنٽينڊنٽ کي ايندڙ ٻڌڻيءَ تي شاهه محمود قريشيءَ کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو شاهه محمود قريشيءَ خلاف گلبرگ، ماڊل ٽائون ۽ نصير آباد ٿاڻن ۾ 9 مئي جي واقعن بابت ڪيس داخل ٿيل آهن.

بقايا 6 حلف کڻي ورتو

نئين چونڊيل ايم اين اي بلال بدر پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو جمعي ڏينهن قومي اسيمبلي جو اجلاس پينل آف چيئرپرسن نزهت صادق جي صدارت هيٺ پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيندڙ اجلاس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت، نعت، حديث ۽ قومي ترانو کان پوءِ نزهت صادق نئين چونڊيل ميمبر بلال بدر کان سندس عهدي جو حلف کڻايو جنهن کان پوءِ هن ايم اين اي لاءِ رکيل ڪتاب تي صحيحيون ڪيون. پينل آف چيئرپرسن نزهت صادق نئين چونڊيل ايم اين کي مبارڪون پيش ڪيون

بقايا 7 شرجيل ميمڻ

تمام جلد ماڻهن لاءِ بسون هلنديون. سنڌ حڪومت ماڻهن کي بهترين سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي جمعي ڏينهن سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ ايم ڪيو ايم جي ميمبر صابر قائمخاني پنهنجي هڪ اعتراض تي چيو ته حيدرآباد ۾ ماڻهن لاءِ بسون وڌائڻ گهرجن حيدرآباد ۾ گاڏي کاتا کان گدو چوڪ تائين ماڻهن لاءِ بسون هلائڻ پڻ تمام ضروري آهي هن چيو ته ٽنڊو محمد خان روڊ هڪ صنعتي علائقو آهي، جيڪڏهن گدي کاتا کان بسون هلن ٿيون ته هر هنڌ سهولت هوندي ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل ميمڻ چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته هر روڊ تي بسون هلايون وڃن حيدرآباد جي مختلف علائقن ۾ تمام جلد بسون هلنديون هن چيو ته ٽريفڪ انتظاميا ٽرانسپورٽ جي مسئلن کي گهٽائڻ لاءِ سٺو ڪم ڪيو آهي، ٽريفڪ سسٽم ۾ سڌارا آڻيا پوندا. هن چيو ته ٽريلر ۽ موٽرسائيڪل جي ٽڪراءَ ۾ ضروري ناهي ته هر ڀيري ٽريلر جي غلطي هجي اسان کي ٽريفڪ انتظام لاءِ ڪيس بائي ڪيس غور ڪرڻ گهرجي جيڪو به غلطي ڪندو ان کي مقرر ڪيل سزا ملڻ گهرجي اسان کي پاڻ کي بهتر بڻائڻو پوندو حڪومت هر شخص جي آهي هن سڀني ميمبرن کي دعوت ڏني ته اسان جي آفيسن ۾ اچن ۽ مثبت تجويزون ڏين. حڪومت ضرور انهن تي غور ڪندي شرجيل ميمڻ چيو ته اسان ايندڙ مهيني ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ايم ڪيو ايم ميمبر ڊاڪٽر فوزيه حميد چيو ته بسن تي بحث ٿيو انهن جي سهولتن کي ڏسڻو پوندو چارجنگ اسٽيشنن کي به وڌائڻو پوندو ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل ميمڻ چيو ته اي وي بسن لاءِ چارجنگ گارنٽي آهي جيڪڏهن ڪا بيٽري خراب ٿئي ٿي ته ڪمپني ست سالن جي چارجنگ بيٽري گارنٽي ڏني آهي جمعي ڏينهن سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ معدنيات ۽ معدنيات جي ترقي واري کاتي بابت سوالن جي وقت جماعت اسلامي جي صوبائي اسيمبلي جي ميمبر محمد فاروق نشاندهي ڪئي ته ساموندي لوڻ آلودگي سبب ته ڪڍيو پيو وڃي پر اهو لوڻ گندي پاڻي سان ڪڍيو پيو وڃي اهو لوڻ پوءِ مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ آندو ويندو آهي جيڪو مختلف بيماريون پکيڙي رهيو آهي سنڌ حڪومت ان تي پابندي ڇو نٿي لڳائي؟ هن اهو اظهار سنڌ اسيمبلي ۾ معدنيات ۽ معدنيات کاتي بابت سوالن جي وقفي دوران ڪيو پارلياماني سيڪريٽري يوسف بلوچ ميمبرن جي مختلف تحريري ۽ ضمني سوالن جا جواب ڏنا. يوسف بلوچ چيو ته حڪومت کي گندي لوڻ بابت ڪا به شڪايت نه ملي آهي جيڪڏهن اهڙي ڪا شڪايت آهي ته مهرباني ڪري اسان کي ٻڌايو ۽ اسان ضرور ڪارروائي ڪنداسين ايم ڪيو ايم جي فوزيه حميد سوال ڪيو ته گريڊ 14 ۽ 16 جون نوڪريون ڪيئن ڏنيون وڃن ٿيون ۽ سنڌ ۾ ماڻهن کي ڪٿان مليون؟ يوسف بلوچ چيو ته اهي ڀرتيون سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ڪيون وڃن ٿيون ۽ مختلف ضلعن ۾ ميرٽ جي بنياد تي ڀرتيون ڪيون وڃن ٿيون مختلف ضلعن ۾ ڀرتيون ڪيون وڃن ٿيون فوزيه حميد اهو به پڇيو ته معدنيات جي معيار کي جانچڻ جو طريقو ڇا آهي پارلياماني سيڪريٽري چيو ته جيولوجيڪل سروي سڄي پاڪستان ۾ هڪ سروي ڪيو هو پر معيار ۽ مقدار جو اڃا تائين تعين نه ڪيو ويو آهي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ يوسف بلوچ چيو ته گذريل سال ٻن آفيسرن کي ڪرپشن جي الزام ۾ معطل ڪيو ويو هو هڪ سوال جي جواب ۾ هن ايوان کي ٻڌايو ته سنڌ ۾ جپسم جو معيار ايترو سٺو ناهي ۽ جيڪو پارٽي دلچسپي رکي ٿي ان کي لائسنس ملي ٿو ۽ پاڻ معيار جي جانچ ڪري ٿو ايوان جي ڪارروائي دوران ميمبرن جي مختلف ڌيان ڇڪائيندڙ نوٽيسن تي به بحث ڪيو ويو؛ ايم ڪيو ايم جي قرة العين پنهنجي ڌيان ڇڪائيندڙ نوٽيس ۾ چيو ته سنڌ ۾ سياحن لاءِ ڪهڙا حفاظتي انتظام ڪيا ويا آهن. خاص طور تي ڪراچي جي ساحلي پٽي ۾، ڇاڪاڻ ته ساحلي تفريحي هنڌن تي واقعا هر روز ٿيندا رهندا آهن هاڪس بي ساحل تي پنج ماڻهو فوت ٿيا. گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار چيو ته ساموندي علائقي جي سيڪيورٽي ڪوسٽ گارڊز جي نگراني ۾ آهي. پر اسان اتي پوليس پڪٽس پڻ قائم ڪيون آهن اسان جا جان بچائيندڙ گارڊ پڻ موجود آهن هن چيو ته اسان انهن شهرين کي مناسب سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا جيڪي تفريح لاءِ ساحلي پٽي ڏانهن ويندا آهن هن چيو ته اسان سنڌ ميري ٽائيم پوليس قائم ڪرڻ جو سوچي رهيا آهيون هن چيو ته مان اڄ ڪوسٽ گارڊز جي اختيارين کي خط لکندس ڇاڪاڻ ته اهو هڪ مسئلو آهي. قلم 144 جي باوجود به حادثا ٿين ٿا ايم ڪيو ايم جي عامر صديقي پنهنجي ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۾ چيو ته ايس ايس ڊبليو ايم بي جو ڪچرو گڏ ڪرڻ جو نظام تمام خراب آهي هر مهيني شهرين کان پئسا ورتا ويندا آهن شهر ۾ مختلف هنڌن تي ڪچري جا ڍير لڳايا ويندا آهن پر شهرين جي گهرن مان ڪچرو نه کنيو پيو وڃي مقامي حڪومتن جي پارلياماني سيڪريٽري قاسم سراج سومرو چيو ته متن ڪوارٽرز امين آباد، پي آءِ بي ڪالوني، جمشيد ڪوارٽرز لاءِ معزز ميمبر چيو ته اتي ڪو به ڪم نه ٿو ٿئي پر عامر صديقي پاڻ تعريف جو خط به لکيو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته آفيسر انهن جون سڀئي شڪايتون حل ڪن ٿا. سراج قاسم سومرو چيو ته عامر صديقي جي حلقي ۾ 127 صفائي جا ڪم آهن سندس حلقي ۾ 146 ڪچري جا دٻا به آهن ايوان جي ڪارروائي دوران جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق پنهنجي هڪ اعتراض تي چيو ته ڪراچي يونيورسٽي جو اي سي سي بي هڪ ادارو آهي ۽ ان کي خودمختيار بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هتي پنج سئو ايم فل پي ايڇ ڊي شاگرد آهن جيڪڏهن هن اداري کي الڳ ڪيو ويو ته عام شاگرد لاءِ تعليم جا دروازا بند ٿي ويندا ۽ سنڌ جي شاگردن لاءِ ڏکيائون پيدا ٿينديون. ايوان جي ڪارروائي دوران ايم ڪيو ايم جي شارق جمال نشاندهي ڪئي ته ڪراچي ۾ پاڻي جي سخت کوٽ آهي هن اهو به چيو ته ماڊل ڪالوني جو رستو سالن کان خراب هو حڪومت اهو روڊ ٺاهي رهي آهي مان توهان جو شڪريو ادا ڪريان ٿو هن چيو ته هڪ پارٽي تختي لڳائي پبلسٽي حاصل ڪري ٿي ۽ ٻي پارٽي آهي جنهن کي ايم سي پارڪ کي يونيورسٽي جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي بعد ۾ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سومر ڏينهن 3 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا 8 ملتوي

اجلاس 8 ڊسمبر تي شام جو 5 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو آهي گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي جو اجلاس پينل آف چيئرپرسن نزهت صادق جي صدارت هيٺ پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيو ڪلام پاڪ جي تلاوت، نعت، حديث ۽ قومي ترانو کانپوءِ سوالن جي وقفي جي شروع ۾ اپوزيشن ميمبر صبغت الله طرفان ڪورم جي نشاندهي ڪئي وئي. ڳڻپ ڪانپوءِ مٿي ڄاڻايل انگ مڪمل نه ٿيڻ تي ايوان جي ڪارروائي 15 منٽن لاءِ ملتوي ڪئي وئي ان وقفي کانپوءِ ٻيهر اجلاس شروع ٿيو ۽ ڳڻپ ڪئي وئي ايم اين ايز جا لازمي انگ مڪمل نه ٿيڻ تي پينل آف چيئرپرسن نزهت صادق قومي اسيمبلي جو اجلاس سومر جو 8 ڊسمبر تي شام جو 5 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 9 پرڏيهي وزارت

خودمختياري ۽ علائقائي سالميت بابت معاملن ۾ ان جي مڪمل حمايت ڪري ٿو ڪالهه جمعي ڏينهن پرڏيهي وزارت جي ترجمان طاهر اندرابي صحافين جي سوال جي جواب جنهن ۾ چين جي پرڏيهي وزارت پاران زانگنان (اروناچل پرديش) بابت بيان ۽ ڀارتي ميڊيا جي ردعمل تي پاڪستان جي موقف بابت پڇيو ويو هو ته پاڪستان چين جي پرڏيهي وزارت جي بيان جو نوٽيس ورتو آهي. پاڪستان پنهنجي پراڻي پاليسي ورجائي ٿو ته هو چين جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت بابت معاملن ۾ ان جي مڪمل حمايت ڪري ٿو

بقايا 10 اڪلائي ڇڏيو

جسٽس شاهد وحيد جي سربراهي ۾ پنج رڪني شريعت اپيليٽ بينچ جمعي ڏينهن ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران ايڊيشنل اٽارني جنرل موقف اختيار ڪيو ته وفاقي شريعت عدالت جن قاعدن کي غير اسلامي قرار ڏئي نشاندهي ڪئي هئي ته هاڻي ختم ٿي چڪا آهن ۽ چونڊن جي حوالي سان اليڪشن ايڪٽ 2017ع هن وقت لاڳو ۽ عمل جوڳو قانون آهي ايڊيشنل اٽارني جنرل وڌيڪ چيو ته جيئن ته لاڳاپيل قانون هاڻي موجود ناهي رهيو ان لاءِ حڪومت طرفان داخل اپيلون غير موثر ٿي چڪيون آهن ۽ کين واپس وٺڻ چاهيون ٿا. ياد رهي ته چونڊ نظام کي غير اسلامي قرار ڏيڻ جي درخواست 36 سال اڳ داخل ڪئي وئي هئي، جڏهن ته وفاقي حڪومت وفاقي شريعت عدالت جي فيصلي خلاف 1989ع ۾ اپيلون سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪيون هيون عدالت حڪومتي موقف سان اتفاق ڪندي اپيلون واپس وٺڻ جي بنياد تي اڪلائي ڇڏيون

بقايا 11 گرفتار

ڪراچي پاران ڊي ايڇ اي ۾ غيرقانوني ڪال سينٽر تي ڇاپو بينڪ اڪائونٽس هيڪنگ ۾ ملوث 5 جوابدار گرفتار اضافي ڊائريڪٽر اين سي سي آءِ ڪراچي موجب گرفتار جوابدارن وٽان هيڪنگ ڊوائيسز ۽ موبائيل فون مليا. گرفتار جوابدارن ۾ ايل ون ملڪ نثار شيراز طارق، شهريار طارق ۽ واٿس شامل آهن ڪال سينٽر جو مالڪ جواد خان هن وقت ٻاهر ملڪ موجود آهي نيشنل سائبرڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي ڪراچي جي ٽيم خفيه اطلاع تي پهتي هئي. فيز 6 وڏو بخاري ۾ هيڪنگ جو منظم نيٽ ورڪ هلائجي رهيو هو جوابدار ٻاهرين ملڪن ۾ ڊجيٽل وارداتن ۾ ملوث هئا ۽ ماڻهن جا بينڪ اڪائونٽ هيڪ ڪري مختلف اڪائونٽس ۾ رقم منتقل ڪندا هئا سرچنگ دوران 11 سي پي يو، هڪ ليپ ٽاپ ۽ 13 موبائيل فون هٿ آيا جڏهن ته مختلف اهم دستاويزون پڻ قبضي ۾ ورتيون ويون. گرفتار جوابدارن خلاف مقدمو داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 12 محمد بخش مهر

ڪمشنر ڪراچي جي آفيس ۾ منعقد ٿيل هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ صوبائي رانڌين واري وزير سردار محمد بخش مهر کي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي اجلاس کي ٻڌايو ته نيشنل گيمز جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ۽ رانڌين جو کاتو انتظاميه، پوليس، ٽريفڪ پوليس، تعليم کاتو سميت سمورا لاڳاپيل ادارا قومي جذبي سان پنهنجا فرض ادا ڪري رهيا آهن ڪمشنر ڪراچي چيو ته نيشنل گيمز کي يادگار بڻائڻ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي جا خاص انتظام ڪيا ويا آهن، جڏهن ته ٽريفڪ پوليس پارڪنگ ۽ ٽريفڪ جي روانگي کي برقرار رکڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان گڏجي هڪ گڏيل منصوبو ٺاهيو آهي ان موقعي تي صوبائي رانڌين واري وزير سردار محمد بخش مهر چيو ته 35 هين نيشنل گيمز سنڌ لاءِ تمام گهڻي اهميت رکن ٿيون ۽ اسان لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي ته سنڌ صوبو وڏي عرصي کان بعد هن وڏي قومي تقريب جي ميزباني ڪري رهيو آهي هن سڀني ادارن کي هدايت ڪئي ته ايونٽ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مربوط ۽ فعال ڪردار ادا ڪن. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته نيشنل گيمز ۾ ڪيترن ئي ملڪن سان 11 هزار رانديگر حصو وٺندا، جڏهن ته افتتاحي تقريب جو خاص مهمان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هوندو اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو، سيڪريٽري اسپورٽس منور علي مهيسر ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه ايڊيشنل ڪمشنر ڪراچي ون غلام مهدي شاهه ڊپٽي ڪمشنر اوڀر ۽ سيڪيورٽي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي ۽ صوبائي وزير کي سيڪيورٽي ۽ انتظامن بابت بريفنگ ڏني

بقايا 13 شريڪ ٿيندو

منور علي مهيسر سان گڏ نيشنل اسٽيڊيم ڪراچي جو دورو ڪيو جتي انهن 35 هين نيشنل گيمز جي افتتاحي تقريب جي تيارين جو جائزو ورتو ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن صوبائي وزير کي انتظامن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني اڳوڻي سيڪريٽري رانڌين عبدالعليم لاشاري، چيف انجنيئر اسلم مهر سيڪريٽري جنرل سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن احمد علي راجپوت، پارلياماني سيڪريٽري صائمه آغا، اسماعيل شاهه پوليس آفيسر ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ ان موقعي تي موجود هئا. دوري کان بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي سردار محمد بخش مهر چيو ته نيشنل گيمز جي افتتاحي تقريب سڀاڻي نيشنل اسٽيڊيم ڪراچي ۾ منعقد ٿيندي ۽ سموريون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تقريب ۾ شرڪت ڪندو، جنهن جي سيڪيورٽي لاءِ فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن رانڌين واري صوبائي وزير چيو ته اسٽيڊيم اندر ۽ ٻاهر سخت سيڪيورٽي جا انتظام آهن، جڏهن ته ٽريفڪ ۽ انتظامي ادارا پڻ مڪمل طور تي فعال آهن هن رانڌين جي شوقينن کي سڀاڻي اسٽيڊيم ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ۽ چيو ته هي تقريب ڪراچي ۽ سنڌ لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي. سردار محمد بخش مهر چيو ته افتتاحي تقريب ۾ هڪ ميوزڪ ڪنسرٽ پڻ هوندي جنهن ۾ ملڪ جا مشهور فنڪار حديقه ڪياني ۽ علي عظمت پرفارم ڪندا. هن چيو ته ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته افتتاحي مشعل قومي هيروز روشن ڪن جڏهن ته ان حوالي سان آخري فيصلو پاڪستان اولمپڪ ايسوسيئيشن ڪندي هن وڌيڪ چيو ته چيئرمين پيپلز پارٽي، پارليامينٽ ميمبرن ۽ صوبائي وزيرن سان گڏ تقريب ۾ شرڪت ڪندا. ارشد نديم ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي ته هتي نيشنل گيمز منعقد ٿي رهيون آهن 18 سالن کان بعد سنڌ کي ميزباني ملي آهي جيڪا خوش آئند آهي. هن خواهش جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ۾ اهڙا وڏا راندين جا ايونٽس مستقل بنيادن تي منعقد ٿيڻ گهرجن

بقايا 14 گرفتار

سرجاني ٽائون ۽ پاڪ ڪالوني پوليس مبينا مقابلي کان پوءِ 8 ملزمن کي گرفتار ڪيو آهي، جن ۾ 5 زخمي به شامل آهن تفصيل موجب ٻنهي علائقن مان گرفتار ڪيل ملزمن کان هٿيار، منشيات ۽ ٻيو چوري ٿيل سامان هٿ ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پاڪ ڪالوني مان گرفتار ڪيل ملزم لياري گينگ وار ارشد پپو گروپ سان تعلق رکن ٿا. گلشن معمار پوليس خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات ناردرن بائي پاس تي عباس ڪٽ ويجهو مبينا مقابلي کان پوءِ هڪ ملزم کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو زخمي جوابدار کي طبي علاج لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب، زخمي جوابدار وٽان هڪ پستول ۽ موبائل فون ۽ نقدي هٿ ڪئي وئي گرفتار جوابدار جا ٻيا ساٿي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. بايوميٽرڪ سرچ ڊيوائس جي مدد سان گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي سرجاني ٽائون پوليس خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات سرجاني ٽائون سيڪٽر 10/A شاهه بيگ گوٺ ويجهو مبينا مقابلي کان پوءِ 2 زخمين سميت 3 ملزمن کي گرفتار ڪيو زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدارن کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ زبير پٽ اعجاز ۽ علي پٽ نواز جي نالي سان ٿي آهي. جڏهن ته ٽئين گرفتار جوابدار پنهنجو نالو شاڪر پٽ ممتاز عزيز ٻڌايو آهي گرفتار جوابدارن کان گولين سان گڏ ٻه پستول موبائل فون نقد رقم ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي پاڪ ڪالوني پوليس خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات پراڻي گوليمار ويجهو هڪ مبينا مقابلي کان پوءِ 2 زخمين سميت 4 جوابدارن کي گرفتار ڪيو زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدارن کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي جوابدارن جي سڃاڻپ ارباز ۽ حسن جي نالي سان ٿي آهي. جڏهن ته ٻين ٻن جوابدارن جا نالا پوليس راز ۾ رکيا آهن جوابدارن کان ٻه پستول، موبائل فون، نقد رقم ٻه موٽرسائيڪلون ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي وئي آهي گرفتار جوابدارن جو تعلق لياري گينگ وار جي اڳواڻ رستم گروپ سان آهي جيڪو ارشد پپو آهي گرفتار جوابدار منشيات جي اسمگلنگ ۽ ٻين سنگين ڏوهن ۾ ملوث رهيا آهن

بقايا 15 ٻڌڻي

بنچ ۾ شهر جي مختلف علائقن مان گم ٿيل 16 ڄڻن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي ٿي. پوليس پنهنجي رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏي آهي پوليس چيو ته گم ٿيل 7 شهرين سراج، محمد اسحاق، فهد، زبير حيدر ۽ عدنان سميت ٻيا شامل آهن هنن جو پتو لڳايو ويو آهي 6 گم ٿيل شهرين کي مختلف ڪيسن ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. رپورٽ آهي ته سچل ٿاڻي جي علائقي مان گم ٿيل سيد محمد علي گهر واپس پهچي ويو آهي. عدالت ستن ڄڻن جي بازيابي بابت درخواستون اڪلائي ڇڏيون آهن، گهر واپس آيل سيد محمد علي ٻن مهينن کان لاپتا آهي پوليس گمشدگي جو ڪيس داخل نه ڪيو عدالت ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ٻين گم ٿيل شهرين جي بازيابي لاءِ موثر قدم کنيا وڃن عدالت سنڌ جي گهرو کاتي، آءِ جي سنڌ پوليس ۽ ٻين کان ٻن هفتن ۾ رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

بقايا 16 شرڪت ڪئي

ان موقعي تي ٿائيلينڊ جي قونصل جنرل گورنر سنڌ جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو تقريب ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ معززين پڻ شرڪت ڪئي تقريب دوران گورنر سنڌ ۽ ٿائيلينڊ جي قونصل جنرل راڻي سرڪٽ جي وفات تي هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي ۽ مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪيو گورنر سنڌ قومي ڏينهن جي موقعي تي ٿائي قونصل جنرل ۽ عوام کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته هن تقريب ۾ شرڪت پاڪ-ٿائي لاڳاپن جي مضبوطي جو هڪ اهم عڪاسي آهي گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته عوام کان عوام تائين رابطا ۽ باهمي تعاون ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪندو ان موقعي تي ٿائي قونصل جنرل پاڪستان جي عوام لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دوستي ۽ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو

بقايا 17 فيصل واوڊا

ڪئي ويندي فيصل واوڊا پنهنجي بيان ۾ چيو ته مون ته نرم ٻولي استعمال ڪئي هئي پر رياست واضح انداز ۾ جواب ڏئي ڇڏيو آهي هاڻي پاڪستان ان جي فوج ۽ شهيدن جي توهين نه ڪئي ويندي هن چيو ته فوج خلاف دشمن ملڪ جي بيانئي کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو سينيٽر فيصل واوڊا وڌيڪ چيو ته اڄ رياست پنهنجو جواب بلڪل واضح طور تي ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا 18 گورنر ڪي پي ڪي

عاصم منير کي چيف آف ڊفينس فورسز ۽ چيف آف آرمي اسٽاف طور مقرر ڪرڻ جي منظوري جي آجيان ڪئي آهي گورنر هائوس جي ترجمان موجب پنهنجي بيان ۾ خيبرپختونخواهه جي گورنر چيو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي چيف آف ڊفينس طور مقرري هڪ تاريخي فيصلو آهي جيڪو ملڪي سلامتي ۽ دفاعي نظام کي وڌيڪ مضبوط بنياد فراهم ڪندو فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جون پيشيوارانه خدمتون قائدانه صلاحيتون ۽ ملڪ جي دفاع لاءِ سندس غير معمولي ڪوششون پوري قوم لاءِ فخر جو سبب آهن گورنر ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جي ملازمت جي مدي ۾ ٻن سالن جي واڌ جي به آجيان ڪندي چيو ته پاڪ فضائيه جي جديد رخن تي قيادت ۽ دفاعي حڪمت عملي ۾ سندس ڪردار ساراهه جوڳو آهي گورنر ٻنهي اعليٰ عسڪري قيادتن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي چيو ته ملڪ جي بقاءَ امن ۽ دفاع ۾ سندن ذميواريون نهايت اهميت واريون آهن ۽ پوري قوم سندن ڪاميابي لاءِ دعاگو آهي

بقايا 19 اتفاق

جي سربراهه سالواتور پرا انو سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان جي ماربل انڊسٽري کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ٻطرفي فني تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ پاڪستان جي ماربل انڊسٽري ۾ بهتري، اسڪلز ڊولپمينٽ، ويليو ايڊيشن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال جي موقعن جو جائزو ورتو ويو هارون اختر ٻڌايو ته اٽلي کان ماهرن جي هڪ ٽيم کي پاڪستان اچڻ جي دعوت ڏني ويندي جيڪا ماربل انڊسٽري جو جائزو وٺي عمل جوڳيون تجويزون پيش ڪندي. هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ماربل انڊسٽري جي پاليسي جوڙڻ ۽ ان سيڪٽر ۾ پائيدار ترقي کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن. هن چيو ته پاڪستان ۾ ماربل جا تمام گهڻا امڪان موجود آهن ۽ ويليو ايڊيشن سان گڏوگڏ ٽيڪنالاجي جو استعمال وقت جي اهم ضرورت آهي اٽالين ٽريڊ ايجنسي ماربل جي ڪوالٽي بهتر بڻائڻ ۽ جديد ٽيڪنڪ جي استعمال جي اهميت تي زور ڀريو هارون اختر خان ماربل انڊسٽري جي ترقي لاءِ ڊگهي مدي واري تعاون جي حڪومتي عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ پيسڊيڪ کي هدايت ڪئي ته هو آءِ ٽي اي ۽ لاڳاپيل ماهرن سان گڏجي تفصيلي پلان تيار ڪري ۽ جامع رپورٽ پيش ڪري.

بقايا 20 خارج

ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر ايوب جي عارضي ضمانت غير حاضريءَ جي بنياد تي خارج ڪري ڇڏي دهشتگردي ڪوڙ عدالت جي جج ارشد جاويد ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ڪالهه ٻڌڻيءَ جي موقعي تي عمر ايوب عارضي ضمانت جو مدو ختم ٿيڻ تي عدالت ۾ پيش نه ٿيو ان پاران هڪ ڏينهن جي حاضريءَ کان معافيءَ جي درخواست جمع ڪرائي وئي عدالت عمر ايوب جي هڪ ڏينهن جي حاضريءَ کان معافيءَ واري درخواست رد ڪري ڇڏي ۽ پيش نه ٿيڻ جي بنياد تي عارضي ضمانت خارج ڪري ڇڏي. عمر ايوب خلاف گلبرگ ٿاڻي ۾ پوليس جي گاڏين کي باهيون ڏيڻ، ڪلمه چوڪ ۾ ڪنٽينر کي ساڙڻ ۽ زمان پارڪ ۾ اسلام آباد پوليس تي حملي جا ڪيس داخل آهن.

بقايا 21 حڪم

ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي جج نصر من الله بلوچ ڪي پي جي اڳوڻي وڏي وزير خلاف آڊيو ليڪ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران ڪيس جا شريڪ جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا ٻڌڻي دوران عدالت غير حاضري تي علي امين گنڊاپور جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ۽ پوليس کي کين گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. عدالت علي امين جي غيرحاضري سبب فرد جرم واري ڪارروائي به ويهه جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي واضح رهي ته علي امين خلاف ڳولڙا ٿاڻي ۾ ڪيس داخل آهي

بقايا 22 ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف

ٿي رهيو آهي ۽ ڪير ڪرائي رهيو آهي هن چيو ته ڪوڙ ۽ فريب جو هي ڪاروبار نه هلندو ان جي اجازت نه ڏني ويندي، اسان هن رياست جي تحفظ جو قسم کنيو آهي جيڪڏهن ڪو سمجهي ٿو ته سندس ذات ملڪ ۽ رياست کان وڏي آهي ته هو غلط آهي پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته اسان حق تي آهيون ۽ حق تي رهنداسين هي صبح جو اٿن ٿا ۽ فوج بابت ڳالهائين ٿا، کين هڪ "مينٽل ايڪو سسٽم" ۾ رکيو ويو آهي جتي هنن جي سڄي سياست فوج جي چوڌاري ڦري ٿي، هي ته چوندا هئا ته فوج وڙهي نٿي سگهي، فوج وڙهي ڏيکاريو ۽ هنن ته اهو به ٻڌايو هو ته ملڪ ڊيفالٽ ڪرڻ وارو آهي.

بقايا 23 نوٽيفڪيشن جاري

مملڪت وزيراعظم جي ايڊوائيس تي 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 243 ۽ پاڪستان آرمي ايڪٽ 1952 جي سيڪشن 8 اي تحت فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز طور مقرري ڪرڻ جي منظوري ڏني اها مقرري 5 سالن لاءِ آهي. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ملڪ جو پهريون چيف آف ڊفينس فورسز هوندو اهڙي طرح دفاع واري وزارت ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جي ملازمت جي مدي ۾ ٻه سالن جي توسيع جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 273 ۽ پاڪستان ايئر فورس ايڪٽ 1953ع جي سيڪشن 10 بي تحت وزيراعظم شهباز شريف چيف آف ايئر اسٽاف ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جي ملازمت جي مدي ۾ ٻه سالن جي واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي اها واڌ سندس موجوده پنج سالن جي ملازمت جي مدي جي مارچ 2026ع ۾ مڪمل ٿيڻ تي لاڳو ٿيندي ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي ملڪ جي پهرين چيف آف ڊفينس فورسز جي تاريخي مقرري تي دلي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته قوم جي سلامتي جي نگهبان جي طور تي سندس قيادت جو اسان جي بهادر هٿياربند فوج کي معرڪ حق ۾ فيصلاڪن فتح تائين پهچائڻ ۾ بنيادي ڪردار آهي ڪالهه جمعي ڏينهن "ايڪس" تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي عوام فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ان جرئتمنداڻي ۽ بهادراڻي قيادت کي سدائين ياد رکنداسين جنهن جنگ جي مشڪل ترين حالتن ۾ هٿياربند فوج کي متحد، پوري قوم کي گڏ ڪيو ۽ ملڪ جي لاءِ تاريخي ڪاميابي يقيني بڻائي وزيراعظم ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو کي پڻ ملازمت جي مدي ۾ توسيع تي دلي مبارڪباد ڏني وزيراعظم چيو ته سندس شاندار قيادت ۾ پاڪ فضائيه بي مثال پيشيوارانه مهارت جو مظاهرو ڪندي 7 دشمن جهاز ۽ جديد ميزائيل دفاعي نظام تباهه ڪيو ۽ پاڪستان جي فضائي برتري کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وزيراعظم چيو ته سمورا قومي ادارا پاڪستان جي دفاع، ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ متحد آهن انشاءَالله اسان گڏجي پنهنجي ملڪ جي دفاع کي حقيقي معنيٰ ۾ فتح نه ٿيڻ جوڳو بڻائينداسين.

بقايا 24 بلاول ڀٽو

ڪراچي ۾ اين آءِ سي وي ڊي جي نئين او پي ڊي بلاڪ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملي، سيوهڻ ۽ شهيد بينظير آباد ۾ اين آءِ سي وي ڊي جا مرڪز قائم آهن هن چيو ته اين آءِ سي وي ڊي دل جي علاج لاءِ دنيا جو سڀ کان وڏو نيٽورڪ بڻجي چڪو آهي ۽ پيپلز پارٽي شهرين کي اعليٰ معيار جون صحت سهولتون مفت فراهم ڪري رهي آهي. سندس چوڻ هو ته مالي وسيلا صوبن ڏانهن منتقل ڪرڻ غلطي نه هئي. ان جو بهترين مثال اين آءِ سي وي ڊي آهي اسان ثابت ڪيو آهي ته ادارن کي وفاق کان وڌيڪ بهتر طريقي سان هلائي سگهون ٿا. هن وڌيڪ چيو ته اين آءِ سي وي ڊي ۾ عالمي معيار موجب شهرين جو علاج ڪيو وڃي ٿو چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته سنڌ حڪومت سيلز ٽيڪس گڏ ڪرڻ لاءِ تيار آهي سنڌ ۽ بلوچستان رڪارڊ ٽيڪس گڏ ڪيا آهن ڪراچي ۾ اين آءِ سي وي ڊي اسپتال جي نئين بلاڪ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ايف بي آر وٽ سيلز ٽيڪس گڏ ڪرڻ جو رڪارڊ آهي ۽ سنڌ سروس تي سيلز ٽيڪس گڏ ڪرڻ لاءِ تيار آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته وفاقي حڪومت وڌيڪ ٽيڪس گڏ ڪري سگهي ٿي جيڪڏهن وفاقي حڪومت ڪو هدف مقرر ڪري ۽ اسان ان کي پورو نه ڪري سگهون ته اسان وفاقي حڪومت کي پنهنجي حصي مان پئسا ڏئي سگهون ٿا جيڪڏهن اسان هدف کان وڌيڪ پئسا گڏ ڪريون ٿا ته اهو سنڌ وٽ رهڻ گهرجي جيڪڏهن اسان هدف کان وڌيڪ پئسا گڏ ڪريون ٿا ته اهو سنڌ جي ماڻهن تي خرچ ڪيو وڃي هن چيو ته اڳوڻو وزيراعظم شهر کان شهر ويندو هو ۽ چوندو هو ته وفاق ڏيوالو ٿي چڪو آهي. ڪجهه وزير ٻين صوبن کان اختيار ۽ وسيلا وٺڻ چاهين ٿا 18 هين ترميم کان پوءِ اسان ثابت ڪيو آهي ته اسان هن اداري کي وفاقي حڪومت کان بهتر هلائي سگهون ٿا. صوبن کي مالي وسيلا ڏيڻ ڪا غلطي نه هئي. ان جو هڪ مثال اين آءِ سي وي ڊي آهي. سائبر نائف جو سڀ کان مهانگو علاج ڪراچي ۾ مفت آهي چيئرمين چيو ته ماڻهن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ سان سٺو علاج فراهم ڪيو پيو وڃي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت تعليم ۾ پڻ ڪم ڪيو پيو وڃي

بقايا 25 حڪم

ڪورٽ اسلام آباد پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شهزاد اڪبر کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو سيشن عدالت شهزاد اڪبر کي اشتهاري قرار ڏيڻ جو لکت ۾ آرڊر جاري ڪندي انهي جا گرفتاري وارنٽ به جاري ڪري ڇڏيا عدالت پنهنجي حڪم نامي ۾ چيو ته شهزاد اڪبر ڪيترائي پيرا طلب ڪرڻ جي باوجود عدالت ۾ پيش نه ٿيو شهزاد اڪبر جي خلاف ڪيس جو چالان به عدالت ۾ جمع ڪرايو ويو آهي ياد رهي ته شهزاد اڪبر جي خلاف سوشل ميڊيا تي تڪراري بيانن جي بنياد تي ڪيس داخل ٿيل آهي اين سي سي آءِ شهزاد اڪبر جي خلاف جولاءِ 2025 ۾ ڪيس داخل ڪيو هو شهزاد اڪبر پي ٽي آءِ جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ برطانيه هليو ويو هو جتي جي هو شهريت به رکي ٿو ڪجهه وقت اڳ شهزاد اڪبر سان تيزاب گردي جو واقعو به پيش آيو هو پاڪستان جي حڪومت برطانيه کان شهزاد اڪبر ۽ عادل راڄه کي حوالي ڪرڻ جو به مطالبو ڪيو آهي ۽ انهي حوالي سان ڪجهه ڏينهن اڳ گهرو وزير محسن نقوي هڪ پريس ڪانفرنس جي دوران چيو هو ته پرڏيهه ۾ ويهي رياست جي خلاف پروپيگنڊا ڪندڙن کي جلد ملڪ واپس آندو ويندو انهن کي پنهنجي هر بيان جو جواب ڏيڻو پوندو ياد رهي ته شهزاد اڪبر سان تڪراري ٽوئٽس ڪيس داخل ٿيل آهي جنهن ۾ عدالت طرفان کيس ڪيترائي پيرا طلب ڪرڻ باوجود هو عدالت ۾ پيش نه ٿيو

بقايا 26 راڻا ثناءُ الله

ناهي ۽ هو جن سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار آهن اهي هنن سان ڳالهائڻ نٿا چاهين قومي اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي راڻا ثناءُ الله چيو ته وزيراعظم ٻه دفعا ايوان ۾ اپوزيشن کي ڳالهين جو چيو ۽ دعوت ڏني، وزيراعظم چيو ته ميثاق استحڪام پاڪستان تي اتفاق ڪريو پر پي ٽي آءِ قيادت اسان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي هو جن سان ڳالهين لاءِ تيار آهن اهي هنن سان ڳالهائڻ نٿا چاهين

بقايا 27 عطاءُ الله تارڙ

کي اجازت نه آهي جيڪو به جيل رولز جي خلاف ورزي ڪندو ان کي باني پي ٽي آءِ سان ملاقات جي اجازت نه هوندي ڪالهه جمعي ڏينهن پارليامينٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته ڀارتي ميڊيا کي ڪوڙ کانسواءِ ڪجهه نٿو اچي انهن کي شرم اچڻ گهرجي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته وڏن وڏن سينيئر صحافين کي قوم کان معافي وٺڻ گهرجي انهن چانهه جي پياليءَ ۾ طوفان برپا ڪري رکيو هو پوري سوشل ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي افواهون ڦهلائيندڙن کي اڄ قوم آڏو شرمندو ٿيڻ گهرجي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جو دفاع وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي پاڪستان اسٽرڪچرل تبديليون ڪري دشمن کي خوفزده ڪري ڇڏيو آهي. سمورين فورسز جي متحده ڪمانڊ قائم ڪئي وئي آهي ان سان اسان کي جنگ ۾ فتح ملي اسان اوڀر ۽ اولهندي سرحدن کي مضبوط ڪيو دشمن کي شڪست ڏني، اڳتي دشمن جرئت نه ڪندو.

بقايا 28 نوٽيس

مختلف سينيٽرز سڄي ملڪ ۾ خاص طور تي ڪراچي ۽ بلوچستان ۾ بجلي ۽ گئس جي فراهمي جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو وفاقي وزير طارق فضل چوڌري ايوان کي جواب ڏيندي چيو ته پاڪستان جا وسيلا سمورن صوبن لاءِ برابر آهن ۽ ڪنهن صوبي سان ڪو به اڻبرابري جو سلوڪ نه ٿي رهيو آهي ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ نه ٿي رهي جڏهن ته اعلانيل لوڊشيڊنگ هڪ واضح طريقيڪار تحت ڪئي ويندي آهي هن چيو ته لوڊشيڊنگ جو سڌيءَ ريت تعلق لائن لاسز سان آهي، جتي لائن لاسز وڌيڪ هوندا اتي لوڊمينيجمينٽ ۾ مسئلا پيدا ٿيندا. ايران جي سرحد تان تيل جي اسمگلنگ روڪڻ لاءِ حفاظتي قدم وڌيڪ سخت ڪيا ويا آهن اهو تاثر درست ناهي ته پاڪ - ايران سرحد کي بند ڪيو ويو آهي سرحد کليل آهي ۽ معمول موجب آپريشنل آهي سينيٽر سيد وقار مهدي مختلف علائقن ۾ وڌندڙ لوڊشيڊنگ جو معاملو اٿاريندي چيو ته ڪي اليڪٽرڪ پاڪستان ۾ بجلي فراهم ڪندڙ واحد نجي ڪمپني آهي ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ هفتي ۾ 3 کان چار ڏينهن ڊگهي وقت جي لوڊشيڊنگ معمول بڻجي چڪي آهي مسئلا ڪجهه علائقن تائين محدود ناهن پر سڄو ڪراچي متاثر آهي گئس جي لوڊشيڊنگ به مسلسل جاري آهي جنهن سان عوام شديد مشڪلاتن جو شڪار آهي سينيٽر مسرور احسن چيو ته عوام جي 10 هزار روپين جي بقاياجات تي به ميٽر ڪٽيو ويندو آهي رمضان ويجهو آهي ۽ هر سال وانگر هن ڀيري به سحري ۽ افطاري ۾ لوڊشيڊنگ نه ڪرڻ جا اعلان ٿيندا، پر عملي طور تي به مسئلا برقرار رهن ٿا حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو آهي ته ان مسئلي کي انتهائي سنجيدگي سان ورتو وڃي ۽ مستقل حل فراهم ڪيو وڃي سينيٽ ميمبرن ان معاملي کي عوامي اهميت وارو قرار ڏيندي لاڳاپيل عملدارن کان بجلي ۽ گئس جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جي سفارش ڪئي

بقايا 29 آءِ بي اي ڪانووڪيشن

وڌيڪ شاگردن کي ڊگريون ڏنيون ويون تقريب ۾ معزز چيف گيسٽ سيد ناصر حسين شاهه وزير مڪاني حڪومت ۽ هائوسنگ ٽائون پلاننگ، حڪومت سنڌ، شرڪت ڪئي ڊاڪٽر عشرت حسين، سابق ڊين ۽ ڊائريڪٽر آءِ بي اي ڪراچي ۽ جناب حسن علي خان، چيئرمين بورڊ ۽ مينيجنگ ڊائريڪٽر ڪانٽينينٽل بسڪٽ لميٽيڊ، مهمان خاص طور تي شرڪت ڪئي تقريب جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ، وائيس چانسلر سکر آءِ بي اي يونيورسٽي، پرو-چانسلر ۽ چانسلر جي غير موجودگي ۾ ڪئي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ خوش آمديد خطاب ۾ گريجوئيٽس کي مبارڪباد ڏني ۽ يونيورسٽي جي شاندار ڪاميابين کي نمايان ڪيو هنن ان موقعي تي 410 شاگردن کي ذاتي طور شرڪت لاءِ سڃاڻپ ڏني جنهن ۾ 31 ميڊلسٽ ۽ 5 پي ايڇ ڊي اسڪالرز شامل هئا، جڏهن ته مجموعي طور تي 826 اهل گريجوئيٽس هئا وائيس چانسلر مرحوم پروفيسر نثار احمد صديقي، باني وائيس چانسلر کي خراج تحسين پيش ڪيو جن جي ميرٽ، ايمانداري ۽ شموليت واري قدرن سکر آءِ بي اي يونيورسٽي کي هڪ ننڍڙي ٻه ڪمري واري جڳهه مان هڪ عالمي سطح جي اداري ۾ تبديل ڪرڻ جو بنياد رکيو وائيس چانسلر سيد خورشيد احمد شاهه، سيد ناصر حسين شاهه حڪومت سنڌ ۽ سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي اعليٰ تعليمي سهڪار ۽ سيڙپڪاري تي شڪريو ادا ڪيو هنن يونيورسٽي جي اهم ڪاميابين جهڙوڪ AACSBجي تصديق، قومي اسناد، ڊجيٽل ٽرانسفارميشن، ريسرچ ۾ واڌ، انڊسٽري پارٽنرشپ، اسڪالرشپ ذريعي مالي شموليت، ۽ AI، آٽوميشن، ڊجيٽل فنانس ۽ هائبرڊ مهارتن جي تحت معاشي تياري تي روشني وڌي وائيس چانسلر آخر ۾ دل جي گهراين سان گريجوئيٽس کي مبارڪباد ڏني ۽ انهن جي ڪاميابي لاءِ دعائون ڪيون ناقابل اجتناب حالتن جي ڪري ڊاڪٽر عشرت حسين مهمان خاص طور پنهنجو خطاب ڏنو پنهنجي پيغام ۾ هن سڀني گريجوئيٽس، ميڊلسٽ ۽ پي ايڇ ڊي اسڪالرز ۽ انهن جي خاندانن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني ۽ مرحوم پروفيسر نثار احمد صديقي جي ويزن ۽ قدرن کي خراج تحسين پيش ڪيو هن گريجوئيٽس تي زور ڏنو ته نظم و ضبط، ميرٽ، پيشه ورانه مهارت ۽ اخلاقي قدرن کي برقرار رکن جيڪي سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي ساک آهن هن AI، بگ ڊيٽا، ڪلائميٽ چينج ۽ ٽيڪنالاجي جي عالمي اثرن کي نمايان ڪندي زندگي ڀر سکڻ، ڊجيٽل قابليت، تجزياتي مهارت، جذباتي ذهانت، رابطي ۽ ٽيم ورڪ جي اهميت تي زور ڏنو ڊاڪٽر حسين سيد ناصر حسين شاهه ۽ سيد خورشيد احمد شاهه جي قيادت کي ساراهيو يونيورسٽي جي ترقي ۾ پرنس حسن علي خان جي حصي ۽ اسڪالرشپ جي ڪردار کي مڃيو ۽ وائيس چانسلر جي علمي اصلاحات ۽ اداري جي مضبوط ٿيڻ کي پڻ ساراهيو هن گريجوئيٽس کي چيو ته سکر آءِ بي اي جي ورثي کي ايمانداري ۽ "ڪن-ڊو" جذبي سان اڳتي وڌائين خطاب ڪندي حسن علي خان گريجوئيٽس کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته اهو انهن جو لمحو آهي ته آهي پنهنجون صلاحيتون ثابت ڪن هن والدين جي قربانين کي سڃاتو ۽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي کي هڪ نعمت قرار ڏنو يونيورسٽي جي شاندار سفر تي روشني وجهي، هن مرحوم پروفيسر نثار احمد صديقي جي ويزن جي تعريف ڪئي ۽ پروفيسر آصف احمد شيخ کي ان ورثي کي جاري رکڻ تي ساراهيو يونيورسٽي جي جديد ڪاميابين تي اظهار حيرت ڪندي چيو ته سکر آءِ بي اي جو دورو هميشه خوشي جو سبب آهي ۽ هن يونيورسٽي جي مسلسل ترقي ۽ ڪاميابي لاءِ دعا ڪئي هن گريجوئيٽس کي پاڪستان جو مستقبل ۽ دولت قرار ڏيندي تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪيو ۽ چيو ته تعليم سماجي برابري قائم ڪرڻ ۽ موقعن کي برابر ڪرڻ جي ڪنجي آهي حسن علي خان شاگردن کي سول سروس، مسلح افواج ۽ ٻين اعليٰ عهدن ۾ قيادت جي ڪردار لاءِ ترغيب ڏني ۽ چيو ته سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ان مقصد لاءِ هڪ بهترين پليٽفارم فراهم ڪري ٿي هن اداري تي فخر جو اعادو ڪيو ۽ چيو ته ٻيون ڪوئي يونيورسٽي اهڙي ممتاز تعليمي ۽ ترقياتي ماحول فراهم نه ٿيون ڪن چيف گيسٽ سيد ناصر حسين شاهه خطاب ۾ گريجوئيٽس، ميڊلسٽ ۽ ريسرچ اسڪالرز جي تعريف ڪئي ۽ والدين، فيڪلٽي ۽ اسٽاف جي محنت کي تسليم ڪيو هن وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ جي قيادت کي ساراهيو جنهن تعليمي ميدان استحڪام ۽ اصلاحات کي يقيني بڻايو ۽ مرحوم پروفيسر نثار احمد صديقي جي بنيادي ڪردار کي خراج تحسين پيش ڪيو هن سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي عالمي سڃاڻپ حاصل ڪرڻ واري سفر AACSB جي منظوري، THE Impact Rankings ۾ مضبوط حيثيت، قومي اسناد، شموليت واري اسڪالرشپ ۽ ريسرچ ۾ واڌ کي نمايان ڪيو هن سنڌ حڪومت جي اعليٰ تعليم کي مضبوط ڪرڻ واري عزم جنهن ۾ سنڌ HECلاءِ 40 ارب رپيا اهم الاڪمينٽ شامل آهي تي زور ڏنو هن گريجوئيٽس کي زندگي ڀر سکڻ، مطابقت، اخلاقيات ۽ ذميواري اپنائڻ جي نصيحت ڪئي ۽ آخر ۾ انهن جي ڪاميابي لاءِ دعائون ڪيون ۽ "پاڪستان زنده باد" جو نعرو لڳايو هن سال ڊگريون مختلف شعبن ۾ ڏنيون ويون جهڙوڪ بزنس ايڊمنسٽريشن، ايگري بزنس، اڪائونٽنگ ۽ فنانس، اڪنامڪس، ڪمپيوٽر سائنس، سافٽ ويئر انجنيئرنگ، اليڪٽرڪ انجنيئرنگ، تعليم، رياضيات، فزڪل ايجوڪيشن، ڪمپيوٽر سسٽمز انجنيئرنگ، ۽ ميڊيا ۽ ڪميونيڪيشن ڪل 826 شاگرد گريجوئيٽ ٿيا، جنهن ۾ 766 انڊر گريجوئيٽس شامل هئا—جن مان 43 ڪنڊڪوٽ ۽ 13 ميرپورخاص جا هئا—۽ 60 پوسٽ گريجوئيٽس، جن ۾ 5 پي ايڇ ڊي اسڪالرز شامل هئا بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي 16 گولڊ، 10 سلور ۽ 5 برونز ميڊلز سان نوازيو ويو سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جو 12هين ڪنوڪيشن نه صرف علمي برتري جو جشن هو پر وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ جي متحرڪ ۽ بصيرت ڀري قيادت جي عڪاسي پڻ ڪري ٿو انهن جي قيادت هيٺ، يونيورسٽي قابل اخلاقي ۽ مستقبل لاءِ تيار ليڊر تيار ڪرڻ ۾ مسلسل ڪوشان آهي گريجوئيٽس نئين زندگي جي باب ۾ قدم رکندي سکر آءِ بي اي جي ڏنل علمي مهارتن ۽ قدرن سان ليس آهن ۽ پاڪستان ۽ دنيا ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهن

بقايا 30 ناصر شاهه

۾ اچي فخر محسوس ٿيندو آهي ڇو جو هتي ميرٽ ۽ شفافيت آهي آئي بي اي ملڪ جي ٽاپ يونيورسٽيز ۾ شامل آهي آئي بي اي ۾ پوري پاڪستان مان شاگرد ۽ شاگرديائيون اينديون آهن مختلف پروگرامن ذريعي ٻهراڙي جي ٻارڙن کي معياري تعليم ڏني وئي وڃي جاب پورٽل ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو پيو وڃي نوڪرين وارو عمل شفافيت سان مڪمل ڪيو ويندو اڳ جن کان انٽرويوز ورتا ويا آهن انهن جي عمر ان وقت جي حساب سان لاڳو هوندي ريونيو رڪارڊ کي پيپر ليس ڪرڻ تي ڪم ٿي رهيو آهي ٻين ادارن کي به ڊجيٽل ڪيو وڃي اسپورٽس ڪامپليڪس ۽ ٻيا ترقياتي ڪم واليم سبب رڪيل آهي اسپورٽس ڪامپليڪس ملڪي سطح تي آهي ان کي ڪري ٽائيم لڳو آهي سکر ترقي يافته شهر آهي آبادي وڌڻ سبب مسئلا آهن اسڪيمون آنديون ويون وٺن مستقبل ۾ بهتري ايندي بدقسمتي سان صوبن ۾ پاڻي جو اشو مسئلو آهي بجيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ اسڪيم يا فنڊ صاف پاڻي تي ڏنا ويا آهن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو چونڊيل نمائندن کي پاڻي جي واريون اسڪيمون شامل ڪيون پيون وڃن صوبن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪا به سازش قابل قبول آهي پاڪستان سڀ کان اڳ آهي پر اين ايف سي ايوارڊ ۾ ڪو سمجهوتو نه ڪيو ويندو فيلڊ مارشل جي مقرري متعلق پهريان چيو ويو ڪيئن ٿيندو نوٽيفڪيشن جاري ٿيو آهي ته وري ڳالهيون پيون ٿين ته ڇو دير سان ٿيو آهي هر ڀيري جون ڳالهيون ٿينديون آهن پي ٽي آئي جنهن دور مان گذري پئي ان جو ڪارڻ به منفي پروپيگنڊا آهي پي ٽي آئي جو نوٽيفڪيشن پي ٽي آئي پر امن ۾ آهي سياست پر امن هوندي بدتميزي جي سياست ختم ڪندا ته ڪامياب ٿيندا اليڪشن اچڻ وارا آهن انتظار ڪن. ڪارونجهر تي اسان جو موقف واضح آهي اهم حصو ڪينسل آهي اهو ڪنهن کي نه ڏنو ويندو ڪجهه حصي تي بهتري اچي ٿي ان ۾ رڪاوٽ نه ڪئي وڃي. ايم ڪيو ايم جي ڳالهين کي اسان سنجيده ناهيون وٺندا آهي پاڻ کي زنده رکڻ جي لاءِ ان قسم جي ڳالهه ڪندا آهن سنڌ جي تقسيم جي ڳالهه تي تڪليف ٿيندي آهي بوري بند لاشون ماڻهن کي ساڙڻ تشدد جو خاتمو ڪري ايم ڪيو ايم پاڪستان ڏاهي اسان ويلڪم ڪيو. دعوي سان چوان ٿو ته چئني صوبن ۾ بلدياتي سسٽم آهي سڀ کان وڌيڪ اختيار نظام سنڌ ۾ آهي لا ان آرڊر اوهان جي سامهون آهي هن وقت ماضي کان ڪافي بهتر آهي ڪچي جي ڏوهاري پيش ٿيا ڪجهه مقابلن ۾ مارجي ويا. ٻڪري، پاڻي تي قتل ٿيندا هئا جتي ضرورت آهي اتي ڪم ٿي رهيو آهي اسان جا ٻار به گهمندا آهن اهڙي حادثي سبب تڪليف پهچي گٽرن کي ڍڪ لڳايا ويندا آهن چوري جا وڃن به سامهون اچن ٿا وڏي وزير سڀني تي ذميواري عائد ڪئي آهي ذميوارن خلاف ڪارروائي به ڪئي آهي ۽ وارننگ به ضلعي انتظاميا ۽ بلدياتي جي چونڊيل نمائندن کي پابند ڪيو ويو آهي مريم نواز سٺو ڪم ڪري پئي قيدين جي حقن جي خلاف ورزي جي سپورٽ ڪڏهن به ڪنداسين عمران خان جي حڪومت ۾ آصف زرداري، فريال ٽالپر، خورشيد شاهه، آغا سراج دراني کي قيد ڪيو ويو نواز شريف، ان جي ڌيءَ کي قيد ڪيو ويو

بقايا 31 ميڊلز ڏنا ويا

۾ 766 انڊرگريجوئيٽ شاگرد شامل آهن جن مان 43 ڪنڊڪوٽ ڪيمپس ۽ 13 ميرپورخاص ڪيمپس جا گريجوئيٽ شامل آهن جڏهن ته 60 پوسٽگريجوئيٽ شاگردن کي به ڊگريون ڏنيون ويون جن ۾ 5 پي ايڇ ڊي گريجوئيٽ شامل آهن شاندار بهترين ڪارڪردگي جي اعتراف طور 31 ميڊلز پڻ ڏنا ويا جن ۾ 16 گولڊ، 10 سلور ۽ 5 برانز ميڊلز شامل آهن سکر آئي بي اي يونيورسٽي پنهنجي فارغ التحصيل شاگردن جي ڪاميابين ۽ معياري تعليم جي سفر ۾ هڪ نئون سنگ ميل قائم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 32 اعلان

ميڊيڪل ٽاور تعمير ڪندي هن رقم مان 10 ملين ڊالر اڳ ۾ ئي حاصل ڪيا ويا آهن جڏهن ته باقي 7 ملين ڊالر حڪومت فراهم ڪندي. هن اهو اعلان نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊيزز جي نئين ايمرجنسي بلاڪ جي افتتاح دوران ڪيو. چيئرمين پي پي پي بلاول ڀٽو زرداري افتتاحي تختي جي نقاب ڪشائي ڪئي. وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر طاهر صغير پيشنٽ ايڊ جا مشتاق چاولا سائبر نائف جا پروفيسر طارق محمود، شبير ديوان ۽ ٻيا پڻ تقريب ۾ موجود هئا. NICH جو نئون تقريب دوران ڳالهائيندي مراد علي شاهه ٻڌايو ته فيصل ايڌي کيس آگاهه ڪيو آهي ته NICH ۾ 17 ملين ڊالر جي لاڳت سان هڪ ميڊيڪل ٽاور تعمير ڪيو ويندو جنهن مان 10 ملين ڊالر اڳ ئي حاصل ٿي چڪا آهن. وڏي وزير فوري طور اعلان ڪيو ته هو اها تجويز ڪابينا ۾ پيش ڪندو ته جيئن باقي 7 ملين ڊالر جي منظوري ملي سگهي. هن چيو هي ظاهر ڪري ٿو ته مخير حضرات ۽ هيلٿ ڪيئر پروفيشنلز سان اسان جي ڀائيواري ڪيئن اڳتي وڌي رهي آهي. وڏي وزير شاهه پسمنظر بيان ڪندي ٻڌايو ته ارڙهين آئيني ترميم کان پوءِ اسپتال صوبائي اختيار ۾ اچي ويا. هن هڪ اهم مرحلو ياد ڪرايو جڏهن بنا ڪنهن اڳواٽ صلاح مشوري جي وفاقي حڪومت اوچتو NICH، JPMC ۽ NICVD جي فنڊنگ بند ڪري ڇڏي. هن ٻڌايو ته ان وقت جڏهن هو ناڻي وارو وزير هو پاڻ ۽ فنانس سيڪريٽري وڏي وزير سان ملاقات ڪئي ۽ 7 جولاءِ تي سنڌ حڪومت فيصلو ڪن قدم کڻي انهن ٽنهي ادارن لاءِ نئون بجيٽ منظور ڪيو. اهو هڪ اهم موڙ ثابت ٿيو. ادارن جي منتقل ٿيڻ وقت انهن جو گڏيل ساليانو بجيٽ رڳو 1.9 ارب رپيا هو. اڄ وڏي وزير شاهه فخر سان ٻڌايو ته اهو بجيٽ وڌي 40 ارب رپيا ٿي ويو آهي جيڪو ٽرشري هيلٿ ڪيئر لاءِ صوبائي عزم کي ظاهر ڪري ٿو. فلاح - ترقي جو بنيادي محرڪ: وڏي وزير پنهنجي تقرير جو وڏو حصو فلاح ۽ خيراتي ادارن جي ڪردار جي ساراهه لاءِ رکيو. هن ٽنهي ادارن جي موجوده ۽ اڳوڻن چيف ايگزيڪيوٽوز کي بهتر طريقي سان ترقي سنڀالڻ تي ساراهيو ۽ پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن کي خراج تحسين پيش ڪيو. هن 2017 ۾ جناح اسپتال جي دوري جو ذڪر ڪيو جتي مسٽر چاولا حڪومت کان سهڪار گهريو. وڏي وزير ان وقت پڪو واعدو ڪيو ته سنڌ حڪومت فائونڊيشن جي گڏ ڪيل هر هڪ رپئي جي بدلي هڪ رپيو ڏيندي. هن خوشي جو اظهار ڪيو ته هاڻي مخير حضرات حڪومت جي ميچنگ کان وڌيڪ پئسا گڏ ڪري رهيا آهن ۽ گهڻو ڪري پنهنجو حق دار پورو حصو به نٿا وٺن. هڪ تازو مثال ڏيندي هن ٻڌايو ته فائونڊيشن جناح اسپتال جي ايمرجنسي ٽاور لاءِ 20 ملين ڊالر گڏ ڪيا پر حڪومت کان صرف 15 ملين ڊالر جي ميچنگ رقم طلب ڪئي. عالمي معيار جي بسترن جي ظرفيت: وڏي وزير مراد شاهه اسپتالن جي ظرفيت ۾ غير معمولي واڌ جو احوال ٻڌايو. صرف 12 سال اڳ JPMC، NICVD ۽ NICH ۾ گڏيل بسترن جو انگ 2000 هو جيڪو هاڻي وڌي 4000 ٿي ويو آهي ۽ 2028 تائين 5000 تائين پهچڻ جو امڪان آهي. هن ٻڌايو ته آمريڪا جي سڀ کان وڏي اسپتال ۾ 2800 بستر آهن ۽ برطانيا جي وڏي ۾ وڏي اسپتال ۾ 2200 بستر آهن.

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LBI-PT-CESS-303400684-2025	CONSTRUCTION AND REPAIR WORK OF VOLLEYBALL GROUND WORKER CAMP, BETTANI FIELD, KPK	22.12.2025 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LBT-PT-CESS-304779681-2025	UPGRADATION AND REPAIRING OF INTERNAL ROADS AND CAMP AT TANDO ALAM OIL COMPLEX, HYDERABAD	23.12.2025 AT 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-LD-PT-PNP-QP-305085924-2025	PROCUREMENT OF COUPLINGS	23.12.2025 AT 1130 Hrs
4.	OGDCL-SCM-LBT-PT-CESS-305101446-2025	PAINTING WORK OF PASAKHI CENTRAL FACILITY AND BOUNDRY WALLS	24.12.2025 AT 1130 Hrs
5.	OGDCL-FB-CB-RM-304781872-2025	SUPPLY AND INSTALLATION OF DRILL WATCH INSTRUMENTATION SYSTEM	08.01.2026 AT 1100 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **07.11.2025** and 24.11.2025, it is notified that the bid submission/opening dates of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-303809755-2025	AIR DRILLING SERVICES	23.12.2025 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-FB-CB-PROD-301747273-2025	PRESSURE CONTROL VALVE	29.12.2025 AT 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan

ogdcl.com

ogdcl the energy

No. 320/29

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

هڪ کان 4 گريڊ جي نوڪرين تان پابندي ختم ڪرڻ وارو فيصلو!
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
نظام ڪهڙو به هجي ماڻهو ماني گهري ٿو!
صفحو 4

عطاءُ الحق قاسمي
بيروزگاري هڪ قومي راند!
صفحو 4

سيد ضياءُ عباس
قائداعظم جو حڪمرانن کان سوال؟
صفحو 4

سوڀوديرو تعلقي ۾ انتظامي نااهلي سبب ايل پي جي گئس جا دڪان ڳتيل آبادي وارن علائقن ۾ قائم

انتظاميا پاران آبادي وارن علائقن ۾ کليل دڪان هٽائي هنڌ منتقل ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪرڻ باوجود عمل نه ٿيو

ويگنن ۾ گئس سلينڊر پڻ استعمال ڪرڻ سبب هزارين انساني جانيون داءُ تي لڳل، ضلع انتظاميه اڳهور ننڊ ستل

گئس سلينڊر وڪرو ڪندڙ دڪانن کي آبادي وارن علائقن کان ٻاهر رکيو وڃي ۽ مختلف رستن تي هلندڙ ويگن جي به چيڪنگ ڪئي وڃي: ساڃاهه وند

سوڀوديرو (ن ع) تعلقي سوڀوديرو سميت خيرپورميرس شهر ۾ ايل پي جي گئس سلينڊر جون دڪانون ڊيٿ وارنٽ ورهائي رهيون آهن اهي دڪان شهر ۾ مختلف هنڌن تي بغير اجازت ۽ لائسنس جي کليل آهن انتظاميا انهن سلينڊرن ۾ گئس ڀرڻ وارن دڪاندارن کي نوٽيس پڻ جاري ڪيا آهن پر ان جي باوجود اهي دڪان شهر جي آبادي وارن علائقن ۾ کليل آهن ويگن ۾ گئس سلينڊر پڻ استعمال ڪيا پيا وڃن اهي ويگن نه رڳو تعلقي سوڀوديرو ،سکي پيرجو ڳوٺ، راڻي پور ٺري ميرواھ، سکي فيض گنج، احمد پور، نوابشاهه گمبٽ، راڻي پور نوشهرو فيروز ۽ مورو ڏانهن هلي رهيون آهن ان کان علاوه انهن کي اسڪول جي ٻارن کي گهرن مان کڻڻ ۽ ڇڏڻ لاءِ پڻ استعمال ڪيو پيو وڃي خيرو جي شهرين ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته گئس سلينڊر وڪرو ڪندڙ دڪانن کي آبادي وارن علائقن کان ٻاهر رکيو وڃي ۽ مختلف رستن تي هلندڙ ويگن جي به چيڪنگ ڪئي وڃي

سوڀوديرو: انتظامي نااهلي سبب ايل پي جي گئس جا دڪان ڳتيل آبادي ۾ کليل آهن

خيرپور ۾ 15 مهينا اڳ قتل ٿيل موسن ڪلهوڙو جي قبرڪشائي

خيرپور(ڊ ر) سڳيون پرسان محمود چنه ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي جي ڳوٺ حاجي جوڻ ڪلهوڙو ۾ 15مهينا اڳ قتل ٿيل حاجي موسن ڪلهوڙو جي ڪيس جي عدالتي حڪم تي ٿرڊ سول جج گمبٽ شفقت حسين چچڙ ۽ غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جي ڊاڪٽرن احمد مجتبيٰ ميمڻ جي اڳواڻي ۾ پوليس جي سخت پهري هيٺ قبر ڪشائي ڪرائي وئي ،

حيدرآباد زونگ فور جي طرفان پنهنجو ڪلائوڊ سولوشن Z SAIS Cloud جي تعارفي تقريب

هي پاڪستان جو پهريون مڪمل طور ڪاروبارن لاءِ تيار ڪيل، مقامي طور تي تيار ڪيل ڪلائوڊ پليٽ فارم آهي

Z SAIS Cloud پاڪستان جي نيشنل ڪلائوڊ ۽ اي آءِ انفراسٽرڪچر ايجنڊا کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي

زونگ جي ڪلائوڊ سروس ڊيٽا جي خودمختياري کي يقيني بڻائي ٿي، جنهن سان حساس ڊيٽا پاڪستان جي اندر ئي محفوظ رهي ٿو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان جي مشهور انفارميشن سروسز ۽ ٽيڪنالاجي انوويشن ڪمپني زونگ فورجي طرفان پنهنجو ڪلائوڊ سولوشن Z SAIS Cloud جي تعارفي تقريب حيدرآباد جي مقامي هوٽل ۾ منعقد ڪئي وئي.تقريب ۾ زونگ فورجي کي هڪ مڪمل ٽيڪنالاجي ڪمپني طور اجاگر ڪيو ويو. Z SAIS ڪلائوڊ پاڪستان جو پهريون مڪمل طور ڪاروبارن لاءِ تيار ڪيل، مقامي طور تي تيار ڪيل ڪلائوڊ پليٽ فارم آهي. وڏن ادارن، ايس ايم ايز ۽ سرڪاري شعبي لاءِ ٺاهيل هي سسٽم محفوظ، اسڪيل ايبل ۽ اي آءِ لاءِ تيار انفراسٽرڪچر مهيا ڪري ٿو جيڪو ملڪ ۾ ڊيٽا جي تحفظ، ريگوليٽري گهرجن گهٽ ليٽينسي ڪارڪردگي ۽ جديد ڊجيٽل خدمتن جي وڌندڙ ضرورتن کي پورو ڪري ٿو. زونگ بزنس سولوشنز (سائوٿ) جي ڊائريڪٽر سمير مغل چيو ته Z SAIS Cloud پاڪستان جي نيشنل ڪلائوڊ ۽ اي آءِ انفراسٽرڪچر ايجنڊا کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي جيئن ادارا پنهنجا ورڪ لوڊز محفوظ ۽ مقامي پليٽ فارمز ڏانهن منتقل ڪري سگهن زونگ جي ڪلائوڊ سروس ڊيٽا جي خودمختياري کي يقيني بڻائي ٿي، جنهن سان حساس ڊيٽا پاڪستان جي اندر ئي محفوظ رهي ٿو. هن تقريب ۾ مقامي انڊسٽري ليڊرن کي ان ڳالهه جو جائزو وٺڻ جو موقعو مليو ته ڪيئن زونگ جون ڪلائوڊ سروسز سيڪيورٽي، لچڪ ۽ آپريشنل ڪارڪردگي کي برقرار رکندي ڊجيٽل ٽرانسفارميشن کي اڳتي وڌائي رهيون آهن. شرڪائن ڪلائوڊ انفراسٽرڪچر بابت ماهرن جي ڳالهين، پليٽ فارم جي لائيو ڊيمونسٽريشن، صارفين ۽ انڊسٽري ماهرن جي تجربي مان پڻ فائدو حاصل ڪيو.

X
Z-SAIS CLOUD
حيدرآباد: زونگ فور جي طرفان ڪلائوڊ سولوشن Z SAIS Cloud جي تعارفي تقريب ٿي رهي آهي

دوڙ ايريگيشن ورڪرز يونين نصرت ڊويزن نواب شاهه جي جنرل باڊي جو اجلاس

دوڙ (ن ع) دوڙ ايريگيشن ورڪرز يونين نصرت ڊويزن نواب شاهه جي جنرل باڊي جو اجلاس يونين جي صدر امام بخش سيال جي صدارت هيٺ نصرت ڊويزن ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ مطالبو ڪيو ويو ته ملازمن کي سن ڪوٽا فوري ڪوٽا ڏني وڃي اجلاس ۾ متفق طور فيصلو ڪيو ويو ته نوڪرين ۾ اگر سنڌن اولاد کي نظر انداز ڪيو ويو ته ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي اجلاس کي صدر امام بخش سيال چيئرمين فقير گلاحسين نائب صدر نثار علي ڪوڪر علي بخش ڏاهري جنرل سيڪريٽري ڪندو خان مري خير محمد چنو سائين بخش ڪيريو ملازم حسين واسوائو سڪندر علي پنهور منظور علي خاصخيلي ۽ ٻين يونين عهديدارن خطاب ڪيو جڏهن ته وڏي تعداد ۾ يونين ورڪرز شرڪت ڪئي

هٽڙي ٿاڻي جي پوليس پاران مبينه مقابلو، هڪ مبينه ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

حيدرآباد (اي پي پي)هٽڙي ٿاڻي جي پوليس مبينه مقابلي ۾ هڪ مبينه ڦورو عرفان پٽ قيصر چانڊيو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار جي قبضي مان 30 بور جو لوڊ پسٽول ۽ نسيم نگر ٿاڻي جي حد مان ڦر ڪيل موبائيل فون هٿ آيو آهي جڏهن ته ان جا ٻه ساٿي موٽر سائيڪل سميت فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن جڏهن ته زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار عرفان چانڊيو کي علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد ۾ داخل ڪيو ويو آهي. پوليس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل جوابدار اصل نواب شاهه جو رهواسي آهي. جوابدار خلاف پوليس سان مقابلو ڪرڻ ۽ غير قانوني هٿيار هٿ اچڻ جا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

هالا ۾ معذورن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان تقريب

معذور ماڻهن سان امتيازي سلوڪ جي ڪا گنجائش نه آهي: مخدوم احمد الزمان

معذور ماڻهو تمام قابل آهن ۽ انهن کي موقعا ملڻ سان اهي به اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا

هالا(ن ع) نيشنل ڊس ايبلٽي اينڊ ڊولپمينٽ فورم (NDF)طرفان منعقد ڪيل معذورن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان هالا ويجهو منعقده تقريب کي خطاب ڪندي ضلع ڪائونسل مٽياري جي چيئرمين مخدوم احمد الزمان خطاب ۾ چيو ته معذور ماڻهن سان ڪنهن به قسم جي ڀيٽ ۽ امتيازي سلوڪ جي ڪا گنجائش نه آهي. هن زور ڏنو ته اسان جي سماج کي معذوري کي قبول ڪرڻ سان گڏوگڏ معذور ماڻهن جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تعليم، سکيا، روزگار، ڪم جي جڳهين ۽ ٻين سهولتن تائين باعزت ۽ برابري جي بنيادن تي رسائي فراهم ڪرڻ اشد ضرورت آهي. هن چيو ته معذور ماڻهو تمام قابل آهن ۽ انهن کي موقعا ملڻ سان اهي به اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.مخدوم احمد زمان اين ڊي ايف کي مٽياري ۾ ذهني معذور ٻارن لاءِ ذهني معذور ٻارن جو بحالي مرڪز قائم ڪرڻ ۾ مڪمل سهڪار ڪرڻ جو اعلان ڪيو هن چيو ته ضلعي اهڙي اداري جي سخت ضرورت آهي. ان بعداين ڊي ايف پاڪستان جي صدر عابد لاشاري چيو ته "معذوري مسئلو ناهي پر موقعن جي کوٽ اصل چئلينج آهي". هن چيو ته معذورن جي عالمي ڏينهن جو بنيادي پيغام همدردي کان وڌيڪ همت ۽ سهڪار ۽ سڀني لاءِ باوقار سماجي شموليت آهي. هن وڌيڪ چيو ته اين ڊي ايف مٽياري ۾ ري هيبليٽيشن سينٽر قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجون خدمتون بنا معاوضي فراهم ڪندو.مٽياري لاءِ اين ڊي ايف جي فوڪل پرسن سلمان لغاري نشاندهي ڪئي ته معذورن لاءِ 5 سيڪڙو نوڪرين جي ڪوٽا تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ متعلقه حڪام کي عملي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ زور ڏنو ته ضلعي اندر مددي آلات جي کوٽ ۽ سرڪاري آفيسن جي غير رسائي جو مسئلو پڻ موجود آهي.تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن معذور ماڻهن لاءِ اسيمبليءَ ۾ 5 سيڪڙو مخصوص سيٽن جي اهميت تي به زور ڏنو ته جيئن فيصلن جي عمل ۾ معذورن جي نمائندگي يقيني بڻائي سگهجي.ان موقعي تي طارق حسين چنڙ پروگرام مينيجر اين ڊي ايف، سيد مشي شاهه،صحافي اتحاد گروپ هالا جو سينيئر صحافي محمد افتخارميمڻ، نثارلغاري ،عبدالرحيم ميمڻ ، اعجاز بگهيو حاجي لاکوطاهر ملڪ ،بشير پٺاڻ،خدا ڏنولاکو ،مشتاق ميمڻ ۽ ٻيا موجود هئا.

هالا: معذورن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان منعقد تقريب جو ڏيک

خيرپور جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول سمنگ چنا ۾ ثقافتي تقريب

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول سمنگ چنا خيرپور ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ خاص مهمان سياسي سماجي اڳواڻ منصور علي ڪناسرو چنا برادري جي چڱي مڙس عمران علي چنا غمدار علي ڪٽوهر امجد علي خان عباسي،ميڊم سحر ميمڻ گل مير ڦليپوٽو فرحان علي ميتلو هئا جڏهن ته اسڪول جي هيڊ ماسٽر شاهنواز ڪلهوڙو آيل مهمانن کي آجياڻو ڏنو ۽ سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا استاد نذير احمد سولنگي ماجد علي ڪناسرو محمد بچل عباسي سراج احمد پنهور عرفان علي چنا ذوالفقار علي گهمرو وڪاش ڪمار سميت مختلف علائقن مان آيل ماڻهن اسڪول جي ٻارڙن والدين وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي ثقافت تهذيب، روايتن ۽ نرالي سڃاڻپ اسان جي سڃاڻپ پلاڙي مزاج ۽ سهپ جي علامت آهي هنن چيو ته ثقافتي ڏهاڙو رڳو رنگن ۽ ڏڻن جو ڏينهن ناهي پر پنهنجي وجود، پنهنجي ٻولي، پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ورثي کي زنده رکڻ جو ڏينهن آهي سنڌي معاشري جو حسن اهو آهي ته هتي محبت، امن سهپ ۽ ڀائيچارو هر دل ۾ ڌڙڪندو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ٻارن ۾ ثقافتي شعور اجاگر ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. چوته ايندڙ نسلن کي پنهنجي سڃاڻپ سان وابسته رکڻ ئي اصل وڏو ڪم آهي هنن اسڪول جي انتظاميا کي ساراهيو جنهن اهڙو وڏو ۽ سهڻو پروگرام منعقد ڪيو جنهن سان نه رڳو ٻارن جو حوصلو وڌو پر سنڌن اندر سنڌ سان محبت جو جذبو به وڌيڪ مضبوط ٿيو اڳواڻن والدين ۽ استادن کي اپيل ڪندي چيو ته پنهنجي ٻارن کي پنهنجي ٻولي، لوڪ ادب، روايتن، قومي ورثي ۽ تاريخ کان واقف ڪرايو چوته ثقافت قومن کي زنده رکندي آهي سنڌ جي ثقافت اسان جي شان آهي ۽ اسان سڀني کي گڏجي ان جي حفاظت ڪرڻي آهي

مٺي ۾ هندو دلت برادري پاران احتجاجي مظاهرو

ڀارتي وزير راج ناٿ سنگهه پاران ڏنل تعصبي بيان خلاف مظاهرو ڪيو ويو

احتجاجي مظاهرين پاڪ فوج ۽ پاڪستان زنده باد جا پڻ زوردار نعرا هنيا

مٺي (ڊ-ر) هندو دلت برادري پاران مٺي ۾ ڀارت جي مودي سرڪار ۽ ان جي وزير راج ناٿ سنگهه پاران ڏنل تعصبي بيان خلاف پريس ڪلب مٺي اڳيان هڪ ڀرپور احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سمترا منجهاڻي اشوڪ ڪمار چوهاڻ ڌارومل ترڪيو ميوارام ساقي راجو مل ليمن پوجاڻي ۽ ٻين حصو ورتو مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا ۽ اهي مودي سرڪار ۽ راج ناٿ سنگهه خلاف ڀرپور نعري بازي ڪري رهيا هئا مظاهرين پاڪ فوج ۽ پاڪستان زنده باد جا پڻ زوردار نعرا هنيا

منجانب: هندو دلت ڪميونٽي ٿرپارڪر
مٺي: هندو دلت برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سوڀوديرو ۾ معذورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي تقريب

تاريخي ڪوٽڏيجي قلعي ۾ معذورن لاءِ هڪ نمائش جو پڻ اهتمام ڪيو ويو

معذوري کي مجبوري نه بڻايو وڃي، معذور پڻ هن سماج جو هڪ اهم حصو آهن: مقررين

سوڀوديرو (ن ع) معذورن جي بحالي جو ڪاتو معذورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي، تاريخي ڪوٽڏيجي قلعي ۾ معذورن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو جنهن ۾ هڪ نمائش دورو ۽ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، معذورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي، تاريخي ڪوٽڏيجي قلعي ۾ معذورن لاءِ هڪ نمائش دورو ۽ هڪ شاندار ۽ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ ٻارن استادن آفيسرن ملازمن والدين سماجي تنظيم اسپورٽس ايجوڪيشن هيلٿ ويلفيئر ايسوسيئيشن (SEHWA)۽ سکر علائقي جي مختلف اسڪولن جي ميڊيا نمائندن شرڪت ڪئي جن ۾ اسپيشل ايجوڪيشن اسڪول خيرپور ميرپور ماٿيلو راڻي پور ۽ گهوٽڪي شامل آهن تقريب جي صدارت معذورن جي بااختيار بڻائڻ واري ڪاتي (DEPD) جي ريجنل ڊائريڪٽر عبدالقدوس

عبدالقدوس ميمڻ حفيظ الله شيخ ۽ دريا خان چانڊيو چيو ته معذور پڻ هن سماج جو هڪ اهم حصو آهن جن کي وڌيڪ ڌيان ۽ پيار جي ضرورت آهي معذوري کي مجبوري نه بڻايو وڃي سنڌ حڪومت معذورن جي ڀلائي ۽ بحالي لاءِ بهترين پروگرام ناهي رهي آهي ۽ انهن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي هن چيو ته تعليم صحت ۽ روزگار تائين رسائي هر معذور جو بنيادي حق آهي، جنهن لاءِ هر ممڪن جدوجهد جاري رکندي ان موقعي تي معذور ٻارن مختلف ٽيبلو پيش ڪيا، قومي گيتن تي رقص ڪيو ۽ پوءِ معذور ٻارن کي تاريخي ڪوٽ ڏيجي قلعي جو دورو پڻ ڪرايو ويو جنهن مان ٻارن تمام گهڻو لطف اندوز ٿيو. تقريب ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر وسيم احمد شيخ اسپورٽس ايجوڪيشن هيلٿ ويلفيئر

تعليم ڪاتي دوڙ ۾ مبينا جعلي ڀرتين خلاف احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) دوڙ جي رهواسي تعليم ڪاتي دوڙ ۾ مبينا جعلي ڀرتين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو.ان موقعي تي دوڙ واسي محمد يونس الزام هڻندي چيو ته تعليم ڪاتي دوڙ ۾ مبينا جعلي ڊوميسائل تي پنجاب جي شهر اوڪاڙا واسي سهيل احمد جي ايس ٽي ۽ پنجاب واسڙ

مورو پوليس جا شهر جي مختلف هنڌن تي ڇاپا

نشي آور سوپارين ۽ شراب سميت چار ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدارن مٿان مورو ٿاڻي منشيات ايڪٽ تحت ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا

مورو(ن ع) ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر پوليس نفري سان گڏ مورو شهر جي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي ماجد ولد غلام شبير سيال، مظهر ولد غلام مصطفيٰ سولنگي، مقبول ولد پير بخش سولنگي ۽ عباس ولد ڪمال ڇهواڻ کي نشي آور سوپارين ۽ شراب سميت گرفتار ڪري ورتو آهي جن مٿان مورو ٿاڻي منشيات ايڪٽ تحت ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ گرفتار جوابدارن کي لاڪپ ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر جو چوڻ آهي ته منشيات فروشن کي هرگز بخش نه ڪيو ويندو هنن جو گهيرو هر پاسي تنگ ڪيو ويو آهي، اهي منشيات فروش هاڻي قانون کان ڪٿي به لڪي نه سگهندا جن کي پاڻ کي سٺو انسان ٿي رهڻو آهي اهو منشيات وڪرو ڪرڻ يا واپرائڻ کان پاسو ڪري ۽ پاڻ کي قانون جي حوالي ڪري ڪين قانون موجب سزا ۽ بخشش ملندي

مورو: پوليس ڪارروائين ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

پٿورو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران حدخلين هٽائڻ جو حڪم

نقلي ايڪسپائر ۽ ٻه نمبر دوائون وڪرو ڪندڙ ميڊيڪل اسٽورن کي وارننگ

شهرين پاران شهر ۾ پاڻي جي سپلائي نه پهچڻ ۽ صفائي نه هجڻ تي پڻ دانهون

پٿورو(ن ع) پٿورو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران شهر ۾ رستن پرسان بيٺل ريڙهين ڪيبنن گاڏين ۽ دڪانن اڳيان رکيل سامان کي فوري هٽائڻ جو حڪم ڏنو ان سان گڏ ڪرياڻ دڪانن تي کاڌي پيتي جي شين جي پڻ چڪاس ڪئي ۽ بنالائسنس جي هلندڙ ۽ نقلي ايڪسپائر ۽ ٻه نمبر دوائون وڪرو ڪندڙ ميڊيڪل اسٽور مالڪن جي پڻ چڪاس ڪندي وارننگ ڏني ان موقعي تي شهرين پاران شهر ۾ پاڻي جي نه سپلائي نه پهچڻ ۽ صفائي نه هجڻ تي پڻ دانهون ڪيون اسسٽنٽ ڪمشنر پاران هنگامي بنيادن تي شهرين جون شڪايتون دور ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته جلد حد دخلين خلاف موثر ڪارروائي ڪئي ويندي

پٿورو: اسسٽنٽ ڪمشنر حدخلين نقلي دوائن ۽ ميڊيڪل اسٽورن جو دورو ڪندي

عثمان شاهه هڙي جي ڳوٺ الهورايوميرجت ۾ ثقافتي مچ ڪچهري

ڳوٺاڻن پاران سنڌي ثقافت ۾ شامل اٺ ۽ ڏاندن جي نمائش پڻ ڪئي وئي

ذوالفقار خاصخيلي قومي گيت ڳائي محفل ۾ موجود ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو

عثمان شاهه هڙي(رپورٽ: اي جي عاقلاڻي)عثمان شاهه هڙي جي ڳوٺ الهورايوميرجت ۾ سنڌي ميڊيا سٽ تعلقي جهنڊي مري طرفان ثقافتي مچ ڪچهري جو پروگرام رکيو ويو جنهن ۾ ڳوٺاڻن پاران سنڌي ثقافت ۾ شامل اٺ ۽ ڏاندن جي نمائش پڻ ڪئي وئي مچ ڪچهري ۾ اڏيرولال،ميرآباد،ٻيارولنڊ،عثمان شاهه هڙي،ٽنڊوسومرو سميت علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ناليواري راڳي ذوالفقار خاصخيلي پاران قومي گيت ڳائي محفل ۾ موجود ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو انهي موقعي تي ڳوٺاڻن قربان ميرجت،ارشادميرجت،رضاعلي ميرجت،آفاق علي ميرجت،علي رضا،محبوب ميرجت ۽ ٻين چيو هو ته ڳوٺ الهورايوميرجت ۾ پروگرام رکڻ جو مقصد اهيو ئي آهي ته اسان سنڌي پوري دنيا ۾ اها واحد قوم آهيون جنهن جي ثقافت 7 هزار سال پراڻي ثقافت آهي ۽ هي پروگرام رکڻ سان اوطاقون آباد ٿينديون ۽ اسان جي ايندڙ نسل کي پڻ اهيا ڄاڻ ملندي ته اسان جي ثقافت دنيا جي قديمي ثقافت مان هڪ آهي علائقي جي ٻين سياسي سماجي ڌرين نوڙي ضلعي ۽ تعلقي انتظاميا کي به گهرجي ته ٻين قومي ڏهاڙن سان گڏ ثقافتي ڏهاڙي کي به سرڪاري سطح تي ملهايو وڃي

عثمان شاهه هڙي: ڳوٺ الهورايوميرجت ۾ منعقد ثقافتي مچ ڪچهري جو ڏيک

ماتلي ۾ سني رابطا ڪائونسل طرفان احتجاجي ريلي

حضرت ابوبڪر صديق جي شهادت جي مناسبت سان ريلي ڪڍي وئي

حضرت ابوبڪر صديق نبي صلعم جو پيارو صحابي آهي، عام موڪل ٿيڻ گهرجي: اڳواڻ

ماتلي (ن ع) 22 جمادي الثاني حضرت ابوبڪر صديق جي شهادت جي مناسبت سان سني رابطا ڪائونسل طرفان ريلي ڪڍي بس اسٽاپ چوڪ وٽ جلسو ڪيو ويو ريلي اسٽيشن روڊ کان ڪڍي وئي جنهن ۾ سون جي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي بس اسٽاپ چوڪ وٽ خطاب ڪندي مولانا عبد الله سنڌي، مولانا عارف معاويه ۽ ٻين چيو ته حضرت ابوبڪر صديق نبي صلعم جو پيارو صحابي آهي جنهن جي شهادت جي مناسبت سان ملڪ ۾ عام موڪل ٿيڻ گهرجي ۽ سنڌن جماعت ڪافي پيرا وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کي چٺي چڪي آهي پر سرڪار انهي معاملي تي ذري برابر به ڌيان نه ڏنو هنن چيو ته اسان ماٺ ڪري ويهي نه رهيا آهيون هو مرڪز جي حڪم جي انتظار ۾ آهن جنهن وقت به حڪم ٿيندو هو سمورا رستا بند ڪري ڇڏيندا . هنن 22 جمادي الثاني تي عام موڪل ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي.

ماتلي: سني رابطا ڪائونسل طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

محرابپور پوليس منشيات خلاف آپريشن نالي شهرين لاءِ رڻ ٻاري ڏنو

ايس ايس پي جي کلي ڪچهري تقريب تي ڪيل خرچ اوڳاڙڻ لاءِ ٻڌ ڇوڙ تيز

شهر واسين ۾ سخت ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي، ايس ايڇ او کي هٽائڻ جي گهر

محرابپور (ٽ-ر) محرابپور پوليس منشيات خلاف آپريشن نالي شهرين لاءِ رڻ ٻاري ڏنو ٿاڻو ٿاڻي جي ڪيل مرمت ۽ ايس ايس پي جي کلي ڪچهري تقريب تي ڪيل خرچ اوڳاڙڻ لاءِ ڪيترن ئي بيگناهه ماڻهن کي ڪنهي وٺ وٺي ڇڏيو وڃي ٿو ۽ نه ڏيندڙن کي شراب چرس ۾ چالان ڪري سندن جي مستقبل سان کيڏي رهي آهي جنهن سبب شهر واسين ۾ سخت ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي آهي جڏهن ته پوليس منشيات فروشن جي لسٽ جو پڻ سهارو وٺندي شهرين کي خوف هيراس ڏئي اوڳاڙي ڪري ڪين ڇڏيو وڃي ٿو جڏهن ته اڪثر ماڻهن پاڪ ڪتاب تي پڻ اهڙي عمل کان پاسيرو هئڻ باوجود پوليس جي وڪڙن کان بچي نه سگهيا ۽ ويهه کان پنجاهه هزار رپيا ڏئي جان آجي ڪرائڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي ٻي صورت ۾ منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري خانه پوري ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته مختلف واقعن ۾ حراست ۾ ايندڙن کي پڻ وٺي نه ڪرائڻ تي چرس شراب ۾ ڦاسايو وڃي ٿو محرابپور پوليس جي اوڳاڙي مهم تي شهرين جون ڏنديون آڱريون اڃي ويون آهن ياد رهي ته محرابپور پوليس موٽر سائيڪل چورائڻ جي الزام ۾ گرفتار ٻن مڱڻهار فقيرن کي پڻ شراب جي بوتلن ۾ چالان ڪري ڇڏيو.

پنجاب کان ڪراچي ويندڙ مسافر هاءِ روف وين سان مٽياري وٽ حادثو

مسافر هاءِ روف وين خوفناڪ حادثي جو شڪار، ٻن عورتن سميت ڇهه ڄڻا سخت زخمي

اطلاع تي 1122 سروس ريسڪيو ڪري فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

مٽياري(ڊ ر) مٽياري ويجهو قومي شاهراهه تي پنجاب کان ڪراچي ويندڙ مسافر هاءِ روف وين خوفناڪ حادثي جو شڪار ٻن عورتن سميت ڇهه ڄڻا سخت زخمي، خبر موجب مٽياري ويجهو قومي شاهراهه تي تيز رفتاري سبب پنجاب کان ڪراچي ويندڙ مسافر هاءِ روف اوور ٽيڪ ڪندي وڻ سان ٽڪرائجڻ جي نتيجي ۾ ٻن عورتن سميت ڇهه ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي اطلاع تي 1122 سروس ريسڪيو ڪري فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته زخمين ۾ ياسين عدنان،عمر،افسانه فرزانه ۽ 10 سالا ٽينگر ابراهيم شامل هئا. حادثي سبب قومي شاهراهه تي ٽريفڪ ڪجهه ٽائيم لاءِ رڪجي وئي.

فريدآباد جي شاگردن پاران ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني ملهائڻ جو اعلان

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول قائم جتوئي ۾ ثقافتي تقريب، قومي گيتن تي رقص

تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ ٽوپيون پهري شرڪت ڪئي

فريدآباد(ن ع)فريدآباد ،سموري سنڌ جي شهرن جيان فريدآباد ۽ ڀرپاسي جي اسڪولي شاگردن شاگردياڻين ۽ استادن پاران 7 ڊسمبر تي روزاني عبرت سنڌو گروپ طرفان اعلانيل ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني سان ملهائڻ جون تياريون زور شور

ويو جنهن ۾ اسڪول جي معصوم گلن جهڙن شاگردن شاگردياڻين سنڌ جي ثقافت اجرڪ ٽوپيون پهري شرڪت ڪئي جڏهن ته اسڪول جي شاگردن طاهر جتوئي ڪاشف ضامن جتوئي،فهميدان،حليمه،بسما ۽ ٻين

آءِ بي اي سکر پاران سنڌ پوليس ۾ ڀرتين جي لاءِ امتحان پاس ڪندڙ نوجوانن جو مورو ۾ احتجاج

ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن پاران مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

اسان وڏا خرچ ڪري فزيڪل ٽيسٽ، لکت واري ٽيسٽ ۽ انٽرويوز سميت سڀ مرحلا مڪمل ڪيا آهن: اميدوار

ڪيترائي مهينا گذري ويا آهن پر سنڌ حڪومت ڪنهن به قسم جي وضاحت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، سراسر ناانصافي ۽ زيادتي آهي

مورو(ن ع) آءِ بي اي سکر پاران سنڌ پوليس ۾ ڀرتين جي لاءِ امتحان پاس ڪندڙ نوجوانن کي آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن پاران مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي جنهن جي اڳواڻي وقار ڪورائي، عاشق حسين ڪورائي الگ بخش راهوجو سيد مرتضيٰ شاهه عبيدالله چانڊيو آدم بگهيو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا مظاهرين جو چوڻ هو ته اسان وڏا خرچ ڪري فزيڪل ٽيسٽ، لکت واري ٽيسٽ ۽ انٽرويوز سميت سڀ مرحلا مڪمل ڪيا آهن پر ان جي باوجود به سنڌ حڪومت اسان کي آفر آرڊر جاري نٿي ڪري جيڪو عمل سراسر ناانصافي ۽ زيادتي وارو آهي ڪيترائي مهينا گذري ويا آهن پر سنڌ حڪومت ڪنهن به قسم جي وضاحت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي جنهن سبب اسان ٽيسٽ پاس اميدوار شديد پريشانيءَ جو شڪار آهيون احتجاج دوران مظاهرين وزيراعلي سنڌ ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد SPD-01 ويٽنگ اميدوارن جو مسئلو 16 ڊسمبر تي سي ايم سنڌ جي ڪوئايل اجلاس ۾ حصو بڻايو وڃي ۽ آفر آرڊر جاري ڪري روزگار جا در کوليا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

احتجاج
احتجاج
آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڊسٽرڪٽ پوليس ڪانسٽيبل
SPD01/2024
جي ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪيو
SPD01/2024
پاران: ڊسٽرڪٽ پوليس ڪانسٽيبل ويٽنگ پاس اميدوار
مورو: آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

مٺي جي ڳوٺ قبول جي ڏاٽي ۾ باهه، هڪ چونئرو سڙي رک

مٺي (ڊ-ر) ڳوٺ قبول جي ڏاٽي تعلقي ننگرپارڪر ۾ رحمان گل ولد نيڪ محمد خاصخيلي جي گهر ۾ اچانڪ باهه لڳڻ ڪري هڪ عدد چونئرو ۽ هڪ ڪچي لانڍي ۽ان ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو ڳوٺاڻن پنهنجو پاڻ مدد ڪري باهه تي ڪنٽرول ڪري ورتو جنهن ڪري وڌيڪ جاني نقصان ٿيڻ کان بچائي ورتو ،مالي نقصان تقريبا 2 لک روپيا ٿائين ٿيو آهي

ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد طرفان ڌوهارين خلاف شروع ڪيل مهم دوران ڪيترائي ڌوهاري گرفتار

گذريل رات سڪرنڊ پوليس معمول موجب گشت تي هئي ته هنن جي ڪجهه شڪي ماڻهن تي نظر پئي

بيهڻ جو اشارو ڪيو ويو، جنهن تي هنن پوليس مٿان فائرنگ ڪئي، جوابي فائرنگ تي مقابلو ٿي پيو

پوليس ۾ هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو، قبضي مان هٿيار پڻ هٿ ڪيو ويو آهي: پوليس

سڪرنڊ (س ر) ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد شبيراحمد سيٺار پاران ڌوهارين خلاف شروع ڪيل مهم دوران ڪيترائي ڌوهاري گرفتار ڪيا ويا جن وٽان منشيات ۽ هٿيار هٿ ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ان سلسلي ۾ گذريل رات سڪرنڊ پوليس معمول موجب گشت تي هئي ته هنن جي ڪجهه شڪي ماڻهن تي نظر پئي جن کي پوليس پاران ڪين بيهڻ جو اشارو ڪيو جنهن تي هنن پوليس مٿان فائرنگ ڪئي پوليس پاران جوابي فائرنگ تي مقابلو ٿي پيو جنهن ۾ هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جنهن جي سڃاڻپ اختيار علي ولد محمد عثمان خاصخيلي طور ڪئي وئي آهي جيڪو سانگهڙ روڊ نوابشاهه جو رهاڪو ٻڌايو پيو وڃي سندس قبضي مان هٿيار پڻ هٿ ڪيو ويو آهي جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن پٺيان پوليس ويل آهي زخمي جوابدار کي همدرد فري ايمبولينس ذريعي تعلقه اسپتال سڪرنڊ کان نوابشاهه نيو ويو هوڏانهن ايس ايس پي شبيراحمد سيٺار جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته ڌوهارين خلاف مهم جاري رهندي اسان عزم ڪيو آهي ته جيسين سڪرنڊ سميت ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ امن قائم نه ٿيندو تيسين آپريشن جاري رهندو.

سڪرنڊ: پوليس ڪارروائي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

خيرپور پوليس جو ڌوهارين سان مبينه مقابلو، ٻه اهلڪار زخمي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ ڌوهارين جي هڪ گروهه سان مقابلي دوران ٻه پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا، جن کي سول اسپتال داخل ڪرايو ويو زخمين ۾ شڪيل جوڻيجو ۽ محرم شر شامل آهن ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو سول اسپتال پهچي زخمي اهلڪارن جي عيادت ڪئي

مسوُ ڀرڳڙي لڳ ٻيلي ڪاتي ۾ ڪروڙين روپين جي مبينا ڪرپشن جو انڪشاف

سنڌ سرڪار پاران ليزن تي پابندي باوجود مياڻي ٻيلي ڪاتي جي ملازمن ۽ آفيسرن پاران ليزون جاري

ٻيلي جا قيمتي وڻ ويرائي ٻيلي جون زمينون ۽ باغ مختلف ماڻهن کي ڪروڙين ليزن ذريعي لکين روپين جي رشوت عيوض ڏنيون

مياڻي ٻيلي مان غير قانوني طور مبينا وڻن جي واڍي ۽ سرڪاري زمين مقاطي يا ٺيڪي تي ڏيڻ جو فوري طور تي نوٽيس ورتو وڃي: علائقي واسي

مسوُ ڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي لڳ ٻيلي ڪاتي ۾ ڪروڙين روپين جي مبينا ڪرپشن جو انڪشاف ذريعن جو چوڻ آهي ته سنڌ سرڪار پاران ليزن تي پابندي باوجود مياڻي ٻيلي ڪاتي جي ملازمن ۽ آفيسرن پاران ملي ڀڳت ڪري ٻيلي جا قيمتي وڻ ويرائي ٻيلي جون زمينون ۽ باغ مختلف ماڻهن کي ڪروڙين ليزن ذريعي لکين روپين جي رشوت عيوض ڏنيون ويون آهن. ذريعن جو اهو به چوڻ آهي ته ٻيلي ڪاتي جا ملازم ، ڊي ايف او ۽ ڪنزرويٽر آفيسر ملي ڀڳت ڪري مياڻي فاريسٽ ٻيلي کي تباهه ۽ برباد ڪري رهيا آهن پر ڪو به پڇڻ وارو نه آهي، ان تي علائقي جي ساڃهه وندن ۽ سياسي سماجي ڌرين پاران ٻيلي ڪاتي سان لاڳاپيل اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو وڃي ٿو ته مياڻي ٻيلي مان غير قانوني طور مبينا وڻن جي واڍي ۽ سرڪاري زمين مقاطي يا ٺيڪي تي ڏيڻ جو فوري طور تي نوٽيس وٺي ڪري ان ۾ ملوث ڪردارن کي سخت سزا ڏئي نوڪرين مان فارغ ڪيو وڃي

پيپلزپارٽي ضلع مٽياري جي صدر پير جي فريال ٽالپر سان ملاقات

ملاقات دوران مٽياري ضلعي جي تنظيمي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

پارٽي کي مضبوط ڪرڻ سميت مختلف اهم معاملن تي تفصيلي صلاح مشورا

مٽياري(ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع مٽياري جي صدر پير امير علي شاهه هاشمي، جنرل سيڪريٽري سيد فضيل حبيب شاهه ۽ انفارميشن سيڪريٽري جنيد صالح جکريجو جي اڳواڻي ۾ هڪ اهم وفد پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سان گڏ پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر محترمه فريال ٽالپر سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران مٽياري ضلعي جي تنظيمي صورتحال پارٽي جي آئيندي حڪمت عملي، ضلعي ۾ پارٽي ڍانچي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ سميت مختلف اهم معاملن تي تفصيلي صلاح مشورا ڪيا ويا. فريال ٽالپر ضلعي قيادت پاران ڪيل قدمن کي ساراهيندي مستقبل ۾ به مڪمل سهڪار جي يقينداهاني ڪرائي.

مٽياري: فريال ٽالپر سان پيپلزپارٽي ضلع مٽياري جي صدر پير امير علي شاهه هاشمي سيد فضيل حبيب شاهه ۽ جنيد صالح جکريجو ۽ ٻين جو ورتل فوٽو

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين پاران ڄامشورو ۾ سنڌ جي مشهور فنڪارن جي مان ۾ گيتن جي مهورتي تقريب

حيدرآباد (اي پي پي) سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان عاطف جي سربراهي ۾ ڄامشورو ۾ سنڌ جي مشهور فنڪارن جي مان ۾ گيتن جي مهورتي تقريب ٿي جنهن ۾ ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جي تسلسل ۾ هڪ رنگين ۽ روح کي موهيندڙ محفل موسيقي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ناليوارا موسيقارن فنڪارن استاد امير علي خان، ديبا سحر حيدر علي سدا رنگ علي رباني رباب شاهه ۽ امانت علي فن جو مظاهرو ڪري پنهنجي خوبصورت فن سان شرڪت ڪندڙن کي موهي وڌو محفل جي آجياڻي تقريب سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري مرزا دبير حسين بيگ ڪئي جنهن کان پوءِ مقامي فنڪارن پاران ڪلاسيڪل ۽ لوڪ ڏڻن جو سلسلو جاري رهيو شرڪت ڪندڙن جو جوش ڏسڻ وٽان هو

شهدادڪوٽ جي ڳوٺ ڪيهر خان مگسي ۾ سنڌون ورهائڻ واري تقريب

پ پ ايم پي اي مير نادر خان مگسي علائقي وارن ۾ سنڌون تقسيم ڪيون

سرسو 2003 کان وٺي سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ ڪم پئي ڪري: نادر خان مگسي

شهدادڪوٽ(ڊ ر) ايس پي ايڇ ايف ۽ سنڌ حڪومت جي طرفان 2022 جي سيلاب جي متاثرين ۾ سرسو جي طرفان ڳوٺ ڪيهر خان مگسي ۾ سنڌون ورهائڻ ۽ گهرن جو افتتاح پروگرام رکيو ويو جنهي خاص مهمان پ پ پ ايم پي اي نوابزادهه مير نادر خان مگسي پروگرام ۾ علائقي وارن کي سنڌون تقسيم ڪيون ۽ گهرن جا مالڪانا حقوق وارا ڪاغذات ڏنا ويا ان موقعي تي پ پ ايم پي اي نوابزادهه مير نادر علي خان مگسي سرسو جي ڊويزنل مينيجر اسد علي جتوئي ضلع جي ڊي ايم قلندر بخش ڪورائي ٽائون چيئرمين امتياز علي بروهي سرسو تعلقه انچارج رحيم بخش ابڙو سجاد علي بروهي خادم حسين جاگيراڻي گل حسن مگسي ايس او اياز احمد چانڊيو ۽ ٻين جو چوڻ هيو ته تعلقه قبو سعيد خان ۾ تقريبن ڪافي ڳوٺن جا نالا اچي ويا آهن الحمد الله رهيل گهر به جلد کان جلد اچي ويندا ان موقعي تي پ پ پ ايم پي اي نوابزادهه مير نادر علي خان مگسي سرسو اداري ۽ سرسو ٽيم کي ساراهيندي چيو ته سرسو 2003 کان وٺي سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ ڪم پئي ڪري ان جو ڪم ساراهه جوڳو آهي ۽ سنڌ حڪومت ان سان اڳتي به تمام گهڻو ڪم ڪندي

شهدادڪوٽ: مير نادر مگسي سرسو جي رکيل تقريب ۾ موجود آهي

گهوٽڪي: آغا تجمل حسين پٺاڻ جي پٽ قرآن پاڪ جو ختم مڪمل ڪري ورتو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي پٺاڻ برادري جي معزز شخصيت ۽ يو سي سيڪريٽري آغا تجمل حسين پٺاڻ جي پٽ آغا امان الله خان پٺاڻ جونيئر قرآن پاڪ جو ختم مڪمل ڪري ورتو آهي هن خوشي جي موقعي تي انصاف هائوس گهوٽڪي ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ قاري نصيب الحق حقاني، ڪائونسلر آغا اظهر پٺاڻ آغا خير محمد پٺاڻ آغا اشرف پٺاڻ آغا برڪت پٺاڻ آغا سمير پٺاڻ سميت مٽن مائٽن ۽ دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ آغا امان الله خان پٺاڻ جونيئر کي ناظره قرآن پاڪ مڪمل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ گلن جا هار پارايا جڏهن ته سندس استادن جي محنت ۽ خدمتن جي تعريف ڪندي انهن کي هار پارايا ويا. ان موقعي تي قاري نصيب الحق حقاني آغا تجمل حسين پٺاڻ جي خاندان جي ڪاميابي ٻارن جي روشن مستقبل گهر ۾ برڪت ۽ مرحوم والد سميت سڀني مرحومن جي لاءِ مغفرت ۽ بلند درجات جي لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪرائي

سوڀوديرو لڳ پ پ ايم اين اي پاران عذرخواهيون

سوڀوديرو (ن ع) پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ايم اين اي خيرپور سيد جاويد علي شاهه جيلاني سوڀوديرو لڳ ڳوٺ سردار پيربخش خان ٽنيو پهچي وڏيرو شاهد خان ٽنيو سان سندس والده جي وفات تي تعزيت ڪئي سوڀوديرو ۾ ٽائون سوڀوديرو جي وائس چيئرمين وڏيرو حبيب الله مڪليجو سان سندس ڏاڏي جي وفات تي تعزيت ڪئي، سوڀوديرو لڳ ڪوڪر ڳوٺ پهچي صوبدار ڪوڪر سان سندس ڀاءُ جي وفات تي تعزيت ڪئي، سوڀوديرو ۾ سيٺ برڪت علي شيخ پاران منعقد چانهه پارٽي ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪچهري پڻ ڪئي، پاڪستان پيپلزپارٽي جو مرڪزي اڳواڻ ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني تعلقا سوڀوديرو جي مختلف ٽائون ڪاميٽين مختلف يونين ڪائونسلز ۾ تعزيتون ۽ پڻ ملاقاتون ڪيون ان موقعي تي ايڊووڪيٽ شفقت حسين مهيسر اڳوڻو تعلقا صدر سيٺ الله ورايو چنا، ضلعا ڪائونسل ميمبر

دوڙ ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان جسقم پاران جلسو

دلدار اوٺو سرن جي ورڪا ڪري محفل جي رونق ۾ اضافو ڪري ڇڏيو

سنڌي نوجوانن کي پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ روايتن تي فخر ڪرڻ گهرجي: نياز ڪالاڻي

دوڙ (ن ع) دوڙ ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان جسقم شهيد بشير خان طرفان تعلقي دوڙ جي علمدار چوڪ تي ڊسمبر جو پهريون سنڌي ثقافتي عظيم الشان جلسو ۽ محفل موسيقي جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ جسقم جي مرڪزي اڳواڻن ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو فقير امداد منگي حنان عباسي شاعر شعاب زرداري سميت وڏي انگ ۾ ضلعي شهيد بينظيرآباد جي مختلف شهرن جي قومي ۽ پارٽي عهديدارن ورڪرن ساٿين علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جسقم شهيد بشير خان تعلقه دوڙ جي ثقافتي جلسي ۾ قومي راڳي دلدار اوٺو سرن جي ورڪا ڪري محفل جي

اڳواڻين ڀرپاسي کان آيل هرطبقعه فڪر جي معززين سميت تعلقه دوڙ جي مختلف شهرن جي پريس ڪلبن جي صحافين ۽مختلف تنظيمن جي اڳواڻن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي آيل مهمانن کي جسقم شهيد بشير خان قريشي تعلقه دوڙ جي عهديدارن طارق سنڌي ۽ سنڌس ساٿين طرفان سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ آخر ۾ مرڪزي سربراهه ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو سرفراز ميمڻ طاهر سنڌي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ثقافت سنڌ جي سڃاڻپ، تاريخي ورثي ۽ سماجي حسن جي علامت آهي هنن زور ڏنو ته سنڌي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
ڇنڇر 06 ڊسمبر 2025ع

هڪ کان 4 گريڊ جي نوڪرين تان پابندي ختم ڪرڻ وارو فيصلو!

سنڌ حڪومت تازو ئي گريڊ 1 کان 4 تائين جي سرڪاري نوڪرين تي لڳايل پابندي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جيڪو صوبائي سطح تي اهم ۽ خوش آئند قدم طور ڏٺو پيو وڃي. سرڪاري ڄاڻ موجب، سنڌ ڪابينا جي فيصلي تحت، هڪ کان چار گريڊ تائين جي نوڪرين تان پابندي ختم ڪئي وئي آهي ۽ سروسز کاتي طرفان سينيئر ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته اهي ڀرتي ٿيل ملازمن کي آفر ۽ جوائننگ آرڊر ڏيڻ ۾ ڪا به دير نه ڪن. اهو فيصلو خاص طور تي 2021-22 جي اشتهارن تحت چونڊ ڪيل ملازمن لاءِ آهي، جن جي چونڊ ڪاميٽيءَ جي منٽس جي مُدي کي 30 جُون 2026 تائين وڌايو ويو آهي. سرڪاري اختيارين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته آفر آرڊر ۽ جوائننگ ڏيڻ کان اڳ، سموريون قانوني گهرجون پوريون ڪيون وڃن. هن فيصلي جو مقصد صرف انتظامي سطح تي پابندي ختم ڪرڻ نه آهي پر سنڌ جي نوڪرين جي مارڪيٽ ۾ هڪ نئين زندگي ڏيڻ ۽ ماڻهن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ به آهي. گريڊ 4 تائين جي نوڪرين تي پابندي ختم ٿيڻ سان، ڪيترن ئي نوجوانن لاءِ نوڪري حاصل ڪرڻ جو رستو کوليو ويو آهي. جيڪي ڪيترن سالن کان بيروزگاري ۽ اقتصادي ڏکيائين جو شڪار آهن. سنڌ ۾ وڌندڙ بيروزگاريءَ جو بحران ڪجهه عرصي کان گهٽتيءَ جو سبب بڻيل آهي. تعليم يافته نوجوان جيڪي پنهنجي صلاحيتن ۽ تعليمي قابليت جي بنياد تي روزگار جا اميدوار آهن، ڪيترن سالن کان نوڪريءَ جي تلاش ۾ آهن. هر سال هزارين نوجوان اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان فارغ ٿين ٿا، پر روزگار جا محدود موقعا انهن جي اميدن کي ٽوڙين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ سرڪاري نوڪرين جي پابندي ختم ڪرڻ، هڪ طرف نوجوانن لاءِ راحت جو سبب بڻجي سگهي ٿي ته ٻئي طرف مقامي معيشت کي به متحرڪ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. پر اهڙي خوشخبري سان گڏ، ڪجهه خدشا به سامهون آهن. سرڪاري نوڪرين ۾ شفافيت، قانوني گهرجن جي پوري ٿيڻ ۽ چونڊ ڪاميٽي جي عملداريءَ تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لازمي آهي. جيڪڏهن اهي مرحلا صحيح طرح نڀايا نه ويا ته نوڪرين جي حصول ۾ اڻ برابري، رشوت يا سياسي مداخلت جا امڪان وڌي سگهن ٿا، جيڪو بيروزگاري جي مسئلي کي حل ڪرڻ بدران نئين مسئلن کي جنم ڏئي سگهي ٿو.

ٻئي طرف، مقامي معيشت لاءِ به سرڪاري نوڪريون اهم آهن ڇو ته اهي ڪيترن ئي خاندانن جي روزاني زندگيءَ کي سنڀالڻ جو ذريعو آهن. جڏهن نوجوانن کي سرڪاري نوڪرين ۾ شامل ڪيو ويندو، ته اهي صرف پنهنجن گهرن جي اقتصادي حالت بهتر نه ڪندا، پر مقامي سطح تي خرچ ۽ سيڙپڪاري به وڌائيندا. جيڪو ڪاروبار ۽ ننڍن دڪاندارن لاءِ پڻ فائديمند ثابت ٿيندو. تنهن ڪري، پابندي ختم ڪرڻ جو فيصلو صرف نوڪرين جي فراهميءَ جو مسئلو نه آهي پر اهو سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي حالت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم به آهي. بيروزگاريءَ جي صورتحال کي ڏسندي، اهو واضح آهي ته صرف سرڪاري نوڪرين تي ڀروسو ڪافي نه آهي. نوجوانن لاءِ نجي شعبي ۾ به روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لازمي آهن. سرڪاري پاليسين سان گڏ، نجي شعبي ۾ سيڙپڪاري، سمارٽ تعليمي نظام ۽ ٽريننگ پروگرام نوجوانن کي مهارتون ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. جيڪي سندن ملازمت جو موقعو وڌائين ٿا.

اڄ سنڌ ۾ هزارين نوجوان بي روزگار آهن ۽ انهن لاءِ هر موقعو اهم آهي. حڪومت جو فيصلو سندن لاءِ هڪ روشني آهي پر اصل ڪم ان جي شفاف ۽ قانوني عملداريءَ کي يقيني بڻائڻ جو آهي. جڏهن نوجوانن کي اعتماد ۽ موقعا ملندا ته اهي نه صرف پنهنجي زندگي بدلائيندا پر سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندا. بهرحال گريڊ 1 کان 4 تائين جي پابندي ختم ڪرڻ هڪ نئين اميد جي شروعات آهي جيڪا سنڌ جي نوجوانن جي زندگي ۾ نئون موڙ آڻي سگهي ٿي پر ان لاءِ ايمانداري، شفافيت ۽ قانوني عملداري لازمي آهي ته جيئن بيروزگاريءَ جو مسئلو حقيقت ۾ حل ٿي سگهي.

نظام ڪهڙو به هجي ماڻهو ماني گهري ٿو!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون ڊينگ زياؤ پنگ جي انهن لفظن سان شروع ڪريان ٿو جن ۾ هو چوي ٿو ته، "اهو مقصد نه آهي ته ٻليءَ جو رنگ ڪارو هجي يا اڇو مقصد اهو آهي ته ڪئا ڪهڙي ٻلي گهڻا ٿي ماري." آسان زبان ۾ ائين سمجهو ته ڊينگ زياؤ پنگ چوڻ اهو پئي چاهيو ته نظام ڪهڙو به هجي ليڪن ماڻهو ماني گهري ٿو ۽ اسان کي هن تائين ماني پهچائڻي آهي. ڊينگ زياؤ پنگ جي انهي ڊاهپ جو اعتراف ڪندي چين جو هاڻوڪو صدر شي جن پنگ چوي ٿو ته "چين ۾ هڪ پارٽي جي رائج نظام ۾ ڪا به تبديلي نه ايندي، هي اصلاحات ڪميونسٽ ليڊر ڊينگ زياؤ پنگ جون ڪيل آهن جيڪي هن چين کي هڪ غريب ملڪ مان جديد ۽ امير ملڪ بڻائڻ جي لاءِ متعارف ڪرايون هيون اڄ چيني جيڪي ڪجهه لُٽين پيا اهو ڊينگ زياؤ پنگ جي پاليسين جو نتيجو آهي "آئون عرض ڪريان ته اهو چوڻ ۾ مون کي ڪو به عار محسوس نه پيو ٿئي ته ڊينگ زياؤ پنگ ئي ماڊرن چين جو باني آهي هن ئي پنهنجي ويژن سان چين جي تقدير مٽائي ڇڏي ۽ پوءِ چين اڪنامڪ سپر پاور بڻجي دنيا جي سامهون آيو.

ڊينگ زياؤ پنگ پنهنجي ابتدائي تعليم چين ۾ ئي حاصل ڪئي ۽ پوءِ اتائين گريجوئيشن ڪري اڳتي تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ هو فرانس هليو ويو، جڏهن هو فرانس ۾ زير تعليم رهيو، انهي ئي دوران هو ڪميونسٽ تحريڪ ۾ سرگرم ٿي ويو. چين واپس اچڻ کان پوءِ ماؤزي تنگ جي قيادت ۾ ڪميونسٽ تنظيم جو اهم علائقائي، سياسي، عسڪري رهنما بڻجي اڀريو. 1947ع کان 1949ع جي خانه جنگيءَ ۾ هن پنهنجي تنظيم جي هڪڙي حصي جي قيادت ڪئي پنهنجي جماعت جي ڪاميابي کانپوءِ ڊينگ زياؤ پنگ جنوب مغربي چين ۾ هڪ رهنما بڻجي سامهون آيو 1950ع جي ڏهاڪي جي وچ کان ئي ڊينگ زياؤ پنگ مادي ترغيبات ۽ ٽيڪنيڪي ۽ انتظامي هنرمند افرادي قوت جي ذريعي معاشي ترقيءَ کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ اندروني ۽ بيروني ماهرن ۾ وڏا فيصلا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا هي مادي ترغيبات جي بجاءِ معاشي ترقيءَ جي لاءِ انقلابي جذبي ۽ برابريءَ جي پاليسين جو خواهان هو ايستائين جو انهن معاملن ۾ هن جا چيئرمين ماؤزي تنگ سان به اختلاف ٿيا. اهوئي سبب هو جو ڪميونسٽ يوٿ ليگ ڪانفرنس جيڪا جولاءِ 1962ع ۾ ٿي انهيءَ ۾ ڊينگ زياؤ پنگ تقرير ڪندي چوي ٿو ته، "اهو مقصد نه آهي ته ٻلي جو رنگ ڪارو هجي يا اڇو، مقصد اهو آهي ته ڪئا ڪهڙي ٻلي گهڻا ٿي ماري، ڊينگ زياؤ پنگ چوڻ اهو پي چاهيو ته نظام ڪهڙو به هجي ليڪن ماڻهو ماني گهري ٿو ۽ اسان کي ماڻهوءَ جي گهرج پوري ڪرڻي آهي.

آئون عرض ڪريان ته ڊينگ زياؤ پنگ پنهنجي نظريات جي مطابق چين ۾ سماجي ۽ معاشي اصلاحات جو آغاز ڪيو اهو ڊينگ زياؤ پنگ ئي هو جنهن چين ۾ هڪ ٻار پاليسي کي نافذ ڪيو. هن چيني هارين کي ملڪيت ۽ منافعي جو حق ڏئي ڇڏيو. جنهن جي ڪري پيداوار ۾ خاطرخواهه اضافو ٿيو. هن مغربي دنيا سان تعلقات سڌا ڪيا ۽ غير ملڪي ڪمپنين کي به چين ۾ سرمائيڪاري جي اجازت ڏني انهيءَ جي دور ۾ چين معاشي قوت بڻجي اڀريو ڊينگ زياؤ پنگ چين ۾ آزادانه معاشي پاليسي متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1970ع جي ڏهاڪي کان 19 فيبروري 1997ع يعني پنهنجي وقتِ وفات تائين ڊينگ زياؤ پنگ چين جي انتهائي طاقتور شخصيت رهيو. ياد رکو چيئرمين ماؤزي تنگ کي چين جي ڪميونسٽ انقلاب جو باني چيو وڃي ٿو ۽ هن کي پهريون پيراماؤنٽ ليڊر قرار ڏنو وڃي ٿو ليڪن موجوده چين چيئرمين ماؤزي تنگ جو چين نه بلڪ هن چين جو تمام تر اقتصادي ۽ معاشي نظام سياسي دانشور ڊينگ زياؤ پنگ جي ذهن جي تخليق آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اڄ اهو چيو وڃي ته غلط نه ٿيندو ته موجوده چين هر لحاظ کان ڊينگ زياؤ پنگ جو چين آهي ڊينگ زياؤ پنگ هڪ ريفارمر هو. جنهن 1992ع ۾ پنهنجي رضاڪارانه ريٽائرمينٽ تائين پنهنجي نامزد ڪيل شخصيتن جي ذريعي چين تي حڪمراني ڪئي ڊينگ زياؤ پنگ پنهنجي قابليت، سياسي سمجهه ۽ مثبت سوچ سان چين کي دنيا ۾ وڏو مقام ڏياري معاشي سپر پاور بڻائي ڇڏيو. انهيءَ جو سبب اهو هو ته چين جي صاحبانِ اختيار هميشه هر فيصلو چين کي سامهون رکي ڪيو ڇو ته هنن جي محبت پنهنجي ۽ پنهنجن جي وجود سان نه بلڪ چين جي وجود سان هئي آئون عرض ڪريان ته ملڪ جي ترقيءَ انهي سان ئي ممڪن آهي ته اوهان جي محبت پنهنجي ۽ پنهنجن جي وجود سان نه بلڪ ملڪ جي وجود سان هئڻ کپي ياد رکو وطن جي محبت هڪ فطري جذبو آهي جنهن کي ڪنهن به دليل جي ضرورت ناهي انسان جنهن جاءِ تي پيدا ٿئي ٿو جتي هو ننڍپڻ گذاري ٿو، جنهن گهٽين ۽ پاڙن ۾ هو وڏو ٿئي ٿو ان هنڌ جي در و ديوار سان هو مانوس ٿيو وڃي اتي جي ذري ذري سان هن کي محبت ٿيو وڃي، گهٽين ۽ پاڙن ۾ جتي هو رانديڪيڏندو وڏو ٿئي ٿو اتي جي هر شيءِ سان هن کي پيار ٿيو وڃي ٿو ۽ پوءِ هو پنهنجي وطن ۽ اُن جي يادن کي هميشه ساهه سان سانڍي رکندو آهي آئون عرض ڪريان ته هر ذي روح پنهنجي وطن سان پيار ڪري ٿو انسان اشرف المخلوقات آهي، هن جو پنهنجي وطن سان پيار ڪرڻ ڪا عجيب ڳالهه نه آهي، جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته انسان کان علاوه هر ذي روح فطري طرح سان پنهنجي مُسڪن سان محبت ڪري ٿو. مثال طور شينهن به جهنگ ۾ پنهنجي مسڪن جي حفاظت جي لاءِ ڪجهه به ڪرڻ جي لاءِ تيار هوندو آهي لومڙي جهڙو بزدل جانور به پنهنجي مسڪن جي حفاظت جي لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار رهي ٿو. ايستائين جو ڪو به حشرت الارض ڪنهن کي پنهنجي ٻر ۾ داخل ٿيڻ نه ڏيندو آهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته هو به پنهنجي مسڪن سان پيار ڪندو آهي ۽ هو انهيءَ ۾ ٻين جي داخل ٿيڻ کي پنهنجي تقدس جي توهين سمجهندو آهي اسان ڪڏهن پنهنجو هٿ ڪکرين جي ڇٽ ۾ وجهي ڏسون ته ڪکرون پنهنجي مسڪن جي محبت ۾ اسان جو ڪهڙو ٿيون حشر ڪن هو پنهنجي مسڪن ڏاڍهن ايندڙ هٿن سان اهو حشر ڪنديون آهن جو جڻ ته هٿ ئي شل ڪيو ڇڏين ڪکرون پنهنجي ڇٽ ڏاڍهن وڌندڙ هٿن تي انهيءَ ڪري حملو نٿيون ڪن ته هو هٿ انهن کي پڙڪائي ٿو پر هو حملو انهي ڪري ٿيون ڪن جو توهان انهن جي وطن جي سرحدن جي ڀڃڪڙي ڪريو ٿا يعني ٻين لفظن ۾ آئون ائين چوان ته انهن جي پڙڪڻ جي پويان انهن جي پنهنجي مسڪن جي محبت آهي هاڻي آئون پنهنجي نوجوان پڙهندڙن جي لاءِ عرض ڪريان ته قومن جي باوقار زندگي ۽ انهن جي ترقيءَ جو دارومدار مقصدن سان وابسته هوندو آهي، جيڪڏهن انهن جي جدوجهد ۽ ڪوششون مقصد حاصل ڪرڻ جي خاطر هجن ته عزم ۽ همت کي بلند ڪريو ڇڏين ۽ جيڪڏهن منزل تي پهچڻ ڪانپوءِ مقصدن کي وساري ڇڏجي ته پوءِ قومون زوال جو شڪار ٿي وينديون آهن جيڪڏهن اسان تاريخ تي نظر وجهنداسين ته تاريخ ۾ قومون سياسي، سماجي، مذهبي واقعات جي اهميت کي مدنظر رکي انهن ڏينهن کي بطور يادگار يا بطور ٿي سوڳ ملهائينديون اچن هاڻي غور ڪريو ته مسلسل انهن ڏينهن کي بطور يادگار يا بطور سوڳ ملهائڻ جو سبب ڇا آهي؟ جيڪڏهن اسان انهيءَ تي غور ڪنداسين ته انهيءَ جو سبب آهي نسلن جي درميان هڪ قسم جو تعلق قائم رکڻ تاڪي انهي ڏينهن جي ياد ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهي اهو طريقيڪار هر دور ۾ موجود رهيو. هر دور جا حڪمران پنهنجي پنهنجي ذهني سوچ جي مطابق اهم واقعات وارن ڏينهن کي خاص اهتمام سان ملهائيندا هئا. هاڻوڪي زماني ۾ ڏينهن جي اهميت جو تعلق قومن جي جدوجهد سان مشروط رکيو ويو آهي مثال طور آزاديءَ جي ڏينهن کي قومي ڏينهن قرار ڏيڻ جو سلسلو آمريڪا کان شروع ٿيو. جنهن جي تيرهن ڪالونين برطانيه سان جنگ ڪري 1776ع ۾ پاڻ کي آزاد ڪرايو. انهيءَ ڪري اهلِ آمريڪا هر سال 4 جولاءِ تي آزاديءَ جو ڏينهن ملهائن ٿا. انهن ڏينهن کي ياد رکڻ جو سبب اهو هوندو آهي ته انهيءَ مزاحمت ۾ اسان ڪيترين تڪليفون برداشت ڪيون. اسان جا ڪيترا ڪونئر انهيءَ جدوجهد جي نظر ٿي ويا. پوءِ جڏهن اهي قومون آزادي ماڻين ٿيون ته پوءِ هو انهن ڏينهن کي پنهنجي جدوجهد جي پس منظر ۾ اهميت سان ملهائن ٿيون ۽ انهيءَ ڏينهن تي هو اهو تجديد عهد ڪن ٿيون ته اسان کي پنهنجي ملڪ کي ترقيءَ جي رستي ۾ اڳيا اڳتي وٺي وڃڻو آهي.

ياد رکو اسان جو معاشرو ترقي يافته معاشرو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان جي معاشري جي هر فرد جي سوچ محنت ڪرڻ ۾ عار محسوس نه ڪندي ورنه اها چوڻي مشهور آهي ته اونداهيءَ جي سڀ کان خطرناڪ قسم بڇڙي سوچ هوندي آهي جيڪا اميد جو هر ڏيئو وسايو ڇڏي هاڻي هتي سوال صرف اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا زوال پذير معاشرو ٻيهر اڀري سگهي ٿو؟ تاريخ ۾ تهذيبن ۽ قومن جي عروج ۽ زوال جا داستان موجود آهن آهي تهذيبون ۽ قومون جيڪي هڪڙي دفعي زوال پذير ٿيون. انهن مان اڪثر ته تاريخ جي ورقن ۾ غائب ٿي ويون ڪجهه اهڙيون آهن جيڪي اڄ تائين پنهنجو وجود رکن ٿيون. ليڪن انهن جون تخليقي صلاحيتون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ اهي گمناميءَ ۾ رهنديون اچن ليڪن انهن جي باوجود چين اسان وٽ اهڙو مثال آهي جيڪا بدعنواني ۽ برائين ۾ غرق ٿيل هئي ليڪن هو ٻيهر اڀري، هي اندروني ۽ بيروني اثرات ڪانپوءِ پنهنجون صلاحيتون وڃائي چڪي هئي ليڪن چيئرمين ماؤزي تنگ جي انقلاب هن کي ٻيهر زنده ڪيو ۽ ڊينگ زياؤ پنگ هن کي جيئڻ جو ڍنگ سيکاريو هاڻي اچو ته گڏجي اسان به پنهنجي معاشري جي لاءِ اهڙي جدوجهد ڪريون جو اسان به رنگ، نسل فرقي، سياست ۽ قوميت کان بالاتر ٿي پنهنجي هن عظيم وطن جي ترقيءَ جي لاءِ سوچون ته جيئن اسان به پنهنجي معاشري جي هرفرد جي لاءِ مانيءَ جو انتظام ڪري سگهون هر ماڻهوءَ جي لاءِ صحت جو نظام بهتر ڪري سگهون پنهنجي معاشري ۾ موجود نوجوانن کي روزگار ڏئي سگهون ياد رکو منهنجا نوجوانو انهيءَ جي لاءِ اسان جي معاشري جي هر فرد کي ڊينگ زياؤ پنگ جيان سوچڻو پوندو!

بيروزگاري هڪ قومي راند!

عطاءُ الحق قاسمي

چوندا آهن ته ضرورت ايجاد جي ماءُ هوندي آهي پر اسان وٽ ته ضرورت گهڻو ڪري مشورا پيدا ڪندي آهي توهان جنهن کان به پڇو، هر ماڻهو بي روزگار کي اهڙو مشورو ڏيندو جڻڪ حڪومتِ پاڪستان کيس خاص طور تي ’بيروزگارن جو مشير‘ مقرر ڪيو هجي. مون هڪ دوست کي پڇيو: ’ادا، ڪنهن نوڪريءَ جو پتو هجي ته ٻڌاءِ.‘ هُو چوڻ لڳو: ’قاسمي صاحب! اڄڪلهه نوڪريون ملڻ سولو نه ناهي، پر جيڪڏهن توهان چاهيو ته مان توهان لاءِ دعا ڪرائي ڏيان.‘ مون وراڻيو: ’ادا! دعا ته مان پاڻ به ڪرائي سگهان ٿو مون کي نوڪري کپي، استخارو نه کپي!‘ فوراً کلندي چيائين: ’پوءِ ته صاحب معاملو ڏکيو آهي! اڄڪلهه نوڪريون ايتري تيزي سان غائب ٿي رهيون آهن، جيئن بجليءَ جو بل اچي ته گهر مان خوشي غائب ٿي وڃي ٿي.‘ سچ پڇو ته بيروزگاري اسان جي قوم جي اها واحد شيءِ آهي، جيڪا بنا يونيفارم جي به هرهنڌ نظر اچي ٿي. بس ۾، چانهه واري هوٽل تي، گهر جي ڇت تي ويٺل فلسفين ۾ ۽ ڪجهه گهرن ۾ ته ماشاءَالله حال اهڙا آهن جو هر ڪمري ۾ جڻ الڳ بيروزگاري جو نمائندو مقرر ٿيل هجي. اسان جي پاڙي جو هڪ ڇوڪرو هر صبح سُٺو تيار ٿي نڪري پوندو هو. آئون سمجهندو هئس ته شايد آفيس وڃي ٿو.

هڪ ڏينهن مون پڇي ڇڏيو ته ’پُٽ، اڄ ڪٿي پيو وڃين؟‘ کلندي چيائين: ’چاچا! جيڪڏهن آفيس هجي ها ته وڃان به ها... مان ته بس اهو تاثر قائم رکڻ لاءِ نڪرندو آهيان ته جڻڪ ڪجهه ڪريان پيو نه ته امڙ روز پڇي ٿي ته ’پُٽ! زندگي ۾ ڪڏهن اڳتي وڌندين؟‘ مون کيس چيو: ’پُٽ، نڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي... ماڻهو تاثر به رکندا آهن ۽ عزت به. اصل مسئلو ته انهن وٽ آهي جيڪي سڄو ڏينهن گهر ۾ ويهي سرڪاري پاليسين جو تجزيو ڪن ٿا، اهو به بغير ڪنهن جي درخواست جي!‘ اسان جي اڳيئن پاڙي ۾ هڪ ڇوڪرو هرفن مولا سمجهيو ويندو آهي سبب اهو ته بيروزگار رهندي هن تقريباً هر ڪم جو تجربو ڪري ڇڏيو آهي ڪڏهن مرغين جو ڪاروبار، ڪڏهن يوٽيوب چينل، ڪڏهن ديسي بيدا وڪرو ڪرڻ ڪڏهن آن لائن ٽيوشن... ايتري قدر جو ڪجهه وقت پاڙي وارن لاءِ رشتا ڳولڻ جو ڪم به ڪيائين ۽ هن جي قسمت ڏسو انهن سڀني ۾ ايترين ناڪامين ٿيون جو ماڻهن فيصلو ڪري ڇڏيو ته هن جي شادي نه ٿيڻ به سندس پنهنجين ئي غلطين جو نتيجو آهي! بيروزگاري جا ماريل دوست گهڻو فلسفي ٿيندا آهن هڪ ڏينهن چيائين: ’قاسمي صاحب، مون کي لڳي ٿو ته ماڻهوءَ جي اصل ڪاميابي اها آهي ته هو پاڻ سان مطمئن هجي.‘ مون وراڻيو: ’پُٽ! پهرين نوڪري ڳولي وٺ، مطمئن بعد ۾ ٿجانءِ هيءَ جيڪا بيروزگاري هوندي آهي نه، اها ماڻهوءَ کي وقت کان اڳ دانائي ڏيئي ڇڏيندي آهي!‘ هڪ ٻئي دوست مشورو ڏنو: ’قاسمي صاحب! اڄڪلهه آن لائن ڪم هلي رهيو آهي توهان به فري لانسنگ شروع ڪريو.‘ مون پڇيو: ’چڱو اهو ته ٻڌاءِ ته فري لانسنگ ۾ ماڻهو ڪندو ڇا آهي؟‘ جواب مليو: ’قاسمي صاحب! ڪجهه به نه... بس سڄو ڏينهن گهروارن کي اهو ٻڌائڻو پوندو ته ڪم ’آن لائن‘ آهي!‘ هڪ صاحب ته حد کان وڌيڪ حساس نڪتو.

جڏهن ڪنهن هُن کان پڇيو ته ’ادا، توهان ڇا ڪندا آهيو؟‘ هو فخر سان چوڻ لڳو: ’في الحال بيروزگار آهيان، پر ايڪٽو بيروزگار!‘ هاڻي ڪو به حيران ٿي پوي ته ’ايڪٽو بيروزگار وري ڪهڙو ٿئي ٿو؟‘ سندس جواب تي توهان کي به کِل اچي ويندي: ’بس روزانو جابن تي درخواستون ڀريندو آهيان، ٻن هنڌن تي فون ڪري پيو پڇندو آهيان ۽ هڪ هنڌ وڃي درخواست سان گڏ ٿوريون منٿون به ڪري ايندو آهيان. تڏهن وڃي ڏينهن پورو ٿئي ٿو!‘ اسان جي ملڪ جو مسئلو صرف بيروزگاري ناهي، مسئلو اِهو آهي ته بيروزگار ماڻهن جو انگ گهڻو وڌيڪ آهي. اِهو عالم آهي جو شاديءَ جي ڪارڊ تي ’منجانب‘ لکڻ ڪانپوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار جي 25-50 بيروزگار ڪزنن جا نالا ايتري شان سان لکيل هوندا آهن، جڻڪ اهي ملڪ جا مالياتي مشير هجن!

شاديءَ جي تقريبن ۾ به بيروزگاري پوري شان ۽ شوڪت سان پنهنجو جلوو ڏيکاريندي آهي، هڪ پاسي اهي نوجوان هوندا آهن، جيڪي بار بار ٻوڙ وٺڻ اچن ٿا، فقط اُن لاءِ ته ماڻهن کي لڳي ته اهي تمام گهڻو مصروف آهن. ٻئي پاسي اهي شوقين مزاج بيروزگار، جيڪي پنهنجي ڪيسي ۾ سي وي رکي گهمندا رهن ٿا ته شايد ڪنهن چاچا کي رحم اچي وڃي. ڪجهه ماڻهو بيروزگاريءَ باوجود اهڙا پُراعتماد هوندا آهن، جو ڪين ڏسي لڳندو آهي جڻ ملڪ انهن کان قرض ورتو هجي. هڪ ڏينهن هڪ نوجوان وڏي فخر سان چوڻ لڳو: ’سرا آئون بيروزگار ضرور آهيان، پر بي مقصد نه!‘ مون کيس چيو: ’شاباس پُٽ! جيڪڏهن مقصد نوڪري هجي ها ته ڳالهه ٻي هجي ها، پر خير... وڏن ماڻهن جا خواب به وڏا هوندا آهن.‘ هڪ ڏينهن هڪ صاحب مون وٽ اچي چيو: ’قاسمي صاحب! اوهان ايترا ڪالم لکو ٿا، ڪو اهڙو ڪالم لکو جو حڪومت بيروزگار نوجوانن لاءِ ڪجهه ڪري.‘ مون کيس چيو: ’حڪومت ته بيروزگارن لاءِ ايتري فڪرمند آهي جو بجيٽ ۾ به ساڳيون شيون مهانگيون ڪري ٿي، جيڪي بيروزگار خريد ڪري ئي نٿا سگهن.‘ توهان ڪڏهن ڪنهن بيروزگار نوجوان کي مشورو ڏئي ڏسو، اهو اهڙي سنجيدگيءَ سان ٻڌندو آهي جڻ توهان سرڪس جي شينهن کي صبر ڪرڻ سيکاري رهيا هجو. هر مشوري جو هن وٽ هڪ تيار جواب هوندو آهي: ’سر اڄڪلهه مارڪيٽ سلو آهي... ماڻهو هائرنگ نٿا ڪن... حالتون عجيب آهن... ملڪ ۾ بي يقيني ڇانيل آهي...‘ گويا جيڪڏهن توهان کيس فوري طور اڄ ئي وائيٽ هائوس ۾ نوڪري جي آڇ به ڪريو ته هو وڏي سنجيدگي سان چوندو: "سرا آمريڪا جي اڪانومي به ته unstable آهي نه!‘ اسان جي ملڪ ۾ بيروزگاري اهڙي عام ٿي چڪي آهي، جو لڳي ٿو قوم قومي راند بدلائي ’نوڪري ڳوليو‘ رکي ڇڏيو آهي. ڪٿي ڪو نوڪريءَ جو اشتهار اچي وڃي ته ماڻهو اهڙي بي تابيءَ سان ٽٽي پون ٿا، جڻ ڪنهن مفت برياني جي ديڳ جو اعلان ٿي ويو هجي. اسان جي پاڙي جو هڪ بزرگ اڪثر چوندو هو: ’پُٽ! روزگار مقدر ۾ لکيل هوندو آهي.‘ مون وراڻيو: ’چاچا! مقدر ته لکيل آهي، پر ڪجهه ماڻهو ته قسمت کي به بيچاري ڇڏيندا آهن.‘ اوچتو مون کي منهنجو هڪ بيروزگار دوست ياد اچي ويو، جيڪو هر شام چوندو هو: ’يار قاسمي! الله ڪنهن کي بيروزگار نه ڪري... پر ها، وقت ملندو آهي سوچڻ لاءِ، دنيا سمجهڻ لاءِ ۽ سڀ کان اهم ڳالهه... چانهه پيئڻ لاءِ!‘ مون کيس چيو: ’پُٽ، بيروزگاري ۾ ته چانهه ضرور پيئندا رهو... اها ئي هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن اسان جي قومي معيشت ۽ قومي اعصاب ٻنهي کي سنڀالي رکيو آهي.

دهشتگرديءَ خلاف اتحاد جي ضرورت!

اعجاز ممنائي

هونءَ ته سڄي پاڪستان ۾ دهشتگردن جو نيٽ ورڪ ڪم ڪري رهيو آهي پر صوبي خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگرديءَ ۾ مسلسل اضافو پوري قوم لاءِ سخت پريشانيءَ جو سبب آهي گذريل ڏينهن بنون ضلعي ۾ ميرانشاهه روڊ تي اتر وزيرستان جي اسسٽنٽ ڪمشنر جي گاڏيءَ تي فتنه الخارجي دهشتگردن حملو ڪيو، جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر، ٻه پوليس ڪانسٽيبل ۽ هڪ شهري شهيد ٿي ويا، جڏهن ته ٻه پوليس آفيسر پڻ مارجي ويا. جيئوٽيڪ پاڪستان گذريل ٻن ڏهاڪن کان دهشتگرديءَ جي سنگين چيلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي پر 2014 ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي صورت ۾ لاڳو ڪيل متفقه قومي حڪمت عملي ذريعي 2017-18 تائين مسئلي کي اطمينان بخش طور تي ڪنٽرول ڪيو ويو. 2021 ۾ افغانستان مان آمريڪي فوجن جي واپسي ۽ طالبان جي عبوري حڪومت جي قيام کان پوءِ مسئلو ٻيهر اڀريو ۽ پاڪستان گلوبل ٽيررازم انڊيڪس 2025 ۾ دنيا ۾ دهشتگرديءَ کان متاثر ملڪن ۾ ٻئي نمبر تي رهيو آهي هڪ بين الاقوامي سيڪيورٽي تنظيم جي ڊيٽا تصديق ڪري ٿي ته پاڪستان لاءِ سيڪيورٽي خطرا گذريل ٽن سالن ۾ مسلسل وڌيا آهن. جڏهن کان افغانستان ۾ طالبان جي حڪومت اقتدار ۾ آئي آهي سال 2022 ۾، 2021 جي مقابلي ۾ دهشتگرد واقعن ۾ 36 سيڪڙو، 2023 ۾ 44 سيڪڙو ۽ 2024 ۾ 49 سيڪڙو اضافو ٿيو. هن سال اهو اضافو 36 سيڪڙو آهي ۽ 1 جنوري کان 30 نومبر تائين 982 دهشتگرد واقعا رڪارڊ ڪيا ويا، جن ۾ 1,080 سيڪيورٽي اهلڪار ۽ 612 شهري شهيد ٿيا قابل ذڪر آهي ته ملڪ جي ٻن صوبن بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ 90 سيڪڙو دهشتگرد واقعا ٿيا، ان جو سبب انهن صوبن جو افغانستان سان الحاق ۽ افغانستان مان دهشتگردن جي دراندازي آهي هن سال ڪل دهشتگرد واقعن (982) مان 51 سيڪڙو (504) صرف خيبر پختونخواهه ۾ ٿيا فوجي قيادت خيبرپختونخواهه ۾ وڌندڙ دهشتگرديءَ کي سياسي ۽ مجرمانه ڳنڍ جو نميوار قرار ڏنو آهي ۽ وفاقي حڪومت صوبائي حڪومت جي تعاون جي کوٽ کي دهشتگرديءَ جي بلند گراف جو نميوار قرار ڏنو آهي ان جو سبب ڪجهه به هجي زميني حقيقت اها آهي ته دهشتگرد گروهه وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ بي اعتماديءَ جو فائدو وٺي رهيا آهن ۽ رياست کي نقصان پهچائڻ جو ڪو به موقعو ضايع ٿيڻ نه ٿا ڏين اختيارين کي اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي ته رياست جي ٿنڀن ۾ عدم تعاون رياست لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي رهيو آهي ۽ ان کي فوري طور تي حل ڪرڻ گهرجي دهشتگرديءَ جي هن عفريت کي ساڳئي عزم ۽ جوش سان منهن ڏيڻ گهرجي جيڪو اي پي ايس سانحي کان پوءِ سڀني سياسي پارٽين، وفاق ۽ صوبائي حڪومتن پاران نيشنل ايڪشن پلان جي صورت ۾ هڪ گڏيل ايڪشن پلان تيار ڪندي ڏيکاريو ويو هو اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر اسان کي نيشنل ايڪشن پلان جهڙي هڪ گڏيل دستاويز جي ضرورت آهي، جنهن تي سڀئي سياسي، انتظامي ۽ فوجي اسٽيڪ هولڊر متفق هجن جيستائين پوري قوم، خاص طور تي مذهبي سماجي قبائلي فوجي ۽ سياسي حلقا، دهشتگرديءَ جي خاتمي جي حڪمت عملي ۾ متحد نه ٿين اهڙن واقعن جي مڪمل روڪٿام کي يقيني نه ٿو بڻائي سگهجي 2021 ۾، سياسي ۽ فوجي قيادت هڪ نظرثاني ٿيل نيشنل ايڪشن پلان پڻ تيار ڪيو، جنهن کي بعد ۾ عزم ۽ استحڪام جي ويژن تحت وڌيڪ بهتر بڻايو ويو، پر دهشتگرديءَ جا وڌندڙ واقعا واضح ڪري رهيا آهن ته انهن نقطن تي عمل نه ٿي رهيو آهي ضروري آهي ته سڀئي اسٽيڪ هولڊر گڏجي ويهي هن سلسلي ۾ گڏجي ڪم ڪن دهشتگردن اسان جي صفن ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوشش ۾ آهن اسان کي انهن تي نظر رکڻي پوندي ۽ اتفاق راءِ، اتحاد ۽ مڪمل اتحاد سان انهن جو مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ هڪ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي ڇوته ملڪ ۾ دهشتگردي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي وفاقي حڪومت پنهنجي طور تي قدم کڻڻ چاهي ٿي، پر صوبائي حڪومت رڪاوٽ بڻيل آهي جيڪڏهن سياسي مخالفت جي بنياد تي پاڪ فوج جي خلاف محاذ قائم ڪيو ويو ته نقصان پوري قوم جو ٿيندو پاڪستان جي مقابلي ۾ هندستان ۽ افغانستان کي اهميت ڏيڻ غلط عمل آهي عام طور ڏٺو ويو آهي ته صوبائي حڪومت افغان پناهگيرن کي واپس موڪلڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪري رهي آهي. ڇاڪاڻ ته وزير اعليٰ سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ افغان پناهگيرن کي واپس موڪلڻ جي حق ۾ نه آهن ۽ اهي ئي ماڻهو دهشتگردن لاءِ جاسوسي ڪري رهيا آهن ۽ دهشتگرد حملن ۾ ملوث آهن صوبائي حڪومت جي افغان پناهگيرن خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ پنيان هڪ ڏکي ڪهاڻي آهي پوليس دهشتگرديءَ خلاف آپريشن صرف تڏهن ڪندي آهي جڏهن ادارن يا عوام تي حملا ٿيندا آهن هي صورت ۾ صوبائي حڪومت وٽ دهشتگردي خلاف ڪا حڪمت عملي ۽ پلان ناهي تنهن ڪري باقاعده آپريشن ڪرڻ جي ضرورت آهي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ وفاق ۽ عوام جو فوج سان گڏ بيهڻ لازمي آهي ڇوته اسان جي فوج تربيت يافته آهي ۽ ان وٽ وسيلا به آهن پر پي ٽي آءِ ۽ صوبائي حڪومت فوجي آپريشن جي خلاف آهي صاف حقيقت اها آهي ته صوبائي حڪومت پاڻ ڪجهه به نه ڪري رهي آهي ۽ وفاقي حڪومت جي ڪاروائين کي صوبائي معاملن ۾ مداخلت طور سمجهيو وڃي ٿو پريشانيءَ جو لمحو اهو آهي ته دهشتگردي ڪيتري وقت تائين ۽ ڇو جاري رهندي، ڪنهن به پاڪستاني کي افغان پناهگيرن جي واپسي سان مسئلو ڇو آهي پاڪستان ۾ رهندڙ ڪو ماڻهو هندستان، افغانستان ۽ دهشتگردن لاءِ ڇو ڪم ڪري رهيو آهي؟ جيڪي پاڪستاني هجڻ ڪري قومي ترانې ۽ قومي جهنڊي جو احترام نٿا ڪن، پاڪستان جي خلاف هندستان ۽ افغانستان جي حمايت ڪن ٿا، دهشتگردن

قائداعظم جو حڪمرانن کان سوال؟

سيد ضياءُ عباس

ڊسمبر وارو مهينو پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي پيدائش جو مهينو آهي هن ئي مهيني ۾، دنيا جي ٻين ملڪن وانگر پاڪستان ۾ رهندڙ اقليتي برادري به پنهنجو وڏو مذهبي ڏڻ ڪرسمس ملهائي ٿي ملڪ ۾ هن وقت سخت سياري جي ٿڌ مڪمل زور تي آهي، پر گڏوگڏ سياسي ماحول جو گرمي پد به تمام تيز ٿي ويو آهي خيبر پختونخواهه ۾ گورنرراڄ لاڳو ڪرڻ جون ڳالهيون زور وٺي رهيون آهن پي ٽي آءِ عمران خان جي آزادي لاءِ احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ ڏانهن وڌي رهي آهي، جڏهن ته بلوچستان ۾ به بي چيني ۽ افراتفري جو سلسلو اڃا تائين جاري آهي سڄي ملڪ ۾ نون انتظامي يونٽن ٺاهڻ بابت بحث تيزي سان گرم ٿي ويو آهي سنڌ ۾ حڪمران پارٽي ۽ اپوزيشن هن معاملي تي هڪ ٻئي جي سامهون بيٺل نظر اچن ٿيون، ٻئي ڌريون هڪ ٻئي خلاف مورچو بندي ڪنديون پيون نظر اچن معاشي حالتن ۾ ڪجهه بهتري اچڻ باوجود حڪمران جماعت مسلم ليگ (ن) مهانگائي ۽ وڌندڙ قيمتن جي جِنَ تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪا به خاص ساک يا بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري نه سگهي آهي، جنهن سبب اُن جي سياسي سڃاڻ تي وڏو سوال اڀري آيو آهي ٻئي پاسي ڀارت ۽ افغانستان طرفان ملڪ کي جيڪي خطرا درپيش آهن اهي به گهٽجڻ بدران اڃا تائين اتي جو اتي بيٺل آهن في الحال حالتون عارضي طور تي خاموش ضرور آهن پر ٻنهي پاڪستان مخالف ملڪن جو رويو ۽ پوزيشن ساڳي لائين تي گڏ بيٺل نظر اچي ٿي اهڙي صورتحال ۾، گڏيل قومن (يو اين) جي انساني حقن واري هاءِ ڪميشنر پاڪستان ۾ ٿيل تازي 27هين آئيني ترميم بابت ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي، جنهن ذريعي پاڪستان کي علمي سطح تي انساني حقن جي نالي ۾ بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي هي قدم سڌي طرح پاڪستان جي پارليامينٽ جي آزادانه ۽ خودمختيار فيصلا سازي تي مداخلت ڪرڻ برابر آهي ڇاڪاڻ ته هن ۾ نه پاڪستان جو موقف ڏٺو ويو ۽ نه ئي زميني حقيقتن جو صحيح نمونو پيش ڪيو ويو. افسوس جي ڳالهه آهي ته اسان جون سياسي پارٽيون جڏهن حڪومت ۾ هونديون آهن تڏهن ملڪ سان محبت جون وڏيون دعوائون ۽ نعرا هڻنديون آهن. پر جيئن ئي اقتدار هٿ مان هتي وڃي، تڏهن اهي ساڳيون پارٽيون رياست خلاف زهر اوڳاڇڻ شروع ڪري ڇڏينديون آهن انهن جو هي رويو ئي ملڪ اندر افراتفري، بيچيني ۽ قومي سطح تي عدم استحڪام جو وڏو سبب بڻجي ٿو ۽ علمي سطح تي به پاڪستان جي بدنامي جو دروازو کولي ٿو. ڊسمبر جي هن مهيني ۾ قائد اعظم جڻ ته حڪمرانن کان سوال پڇي رهيو آهي ته 77 ورهيه گذرڻ باوجود به اسان پنهنجي رياست کي اُنهن اصولن ۽ نظرين مطابق ڇو نه بڻائي سگهيا آهيون، جن جو خواب تحريڪ پاڪستان جي اڳواڻن ڏٺو هو؟ ڇا اسين ملڪ کي سچ پچ اسلامي ۽ جمهوري رُخ تي هلائي سگهيا آهيون؟ ڇا اسين قوم کي اهو سڀ ڪجهه ڏئي سگهيا آهيون، جيڪو پاڪستان جي قيام وقت واعدن جي صورت ۾ عوام آڏو رکيو ويو هو؟ قائداعظم پاڪستان کي هڪ جديد، اسلامي، جمهوري ۽ فلاح و بهبود واري رياست بڻائڻ چاهيو ٿي هُو چوندو هو ته ملڪ ۾ اصل اقتدار جو سرچشمو عوام هئڻ گهرجي ۽ قومي آزادي ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ پاڪستاني فوج جي طاقت ۽ ڪارڪردگي تي ڀروسو ڪرڻ ضروري آهي ملڪ جي دولت ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورهاست ٿيڻ گهرجي هر شهري کي، بنا ڪنهن فرق جي، ڀلي اهو مسلمان هجي يا اقليتي برادريءَ سان تعلق رکي، سڀني بنيادي انساني حقن جي مڪمل ضمانت ملڻ گهرجي عوام کي اهو حق حاصل هجڻ گهرجي ته اُهي پنهنجي حڪمرانن کي پاڻ چونڊي يا ضرورت پوڻ تي هٽائي سگهي. پاڪستان ٺاهڻ کان اڳ ئي قائداعظم صاف لفظن ۾ هڪ اسلامي رياست جو تصور پيش ڪيو هو جنهن ۾ اقليتن جي حقن جي مڪمل حفاظت ۽ برابري جي ضمانت شامل هئي قائداعظم ان وقت ئي معاشري کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ جا سڀ اصول ٻڌائي ڇڏيا هئا. پر افسوس جو اسان اڄ به خراب منصوبابندي ۽ غير سنجيدگي سبب اُتي ٿي بيٺا آهيون جتي آزادي ملڻ وقت هئاسين پاڪستان جا سماجي مسئلا به انتهائي سنجيده نوعيت جا آهن تعليم، صحت، عورتن جا حق، مذهبي آزادي، بيروزگاري ۽ غربت جهڙا مسئلا عوام جي روزمره زندگي کي وڏي پيماني تي متاثر ڪري رهيا آهن. ٻئي طرف نسل زبان ۽ علائقائي تعصب ملڪ جي وحدت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو، جنهن جو نتيجو مشرقي پاڪستان جي جدا ٿيڻ جي صورت ۾ وڏي قومي سانحي طور سامهون آيو اهڙي ماحول ۾ نه ته مضبوط قومي ادارا ٺهي سگهيا ۽ نه ئي مضبوط ۽ مستحڪم سياسي جماعتون تيار ٿي سگهيون، جنهن ڪري جمهوريت جا اصلي فائدا عام ماڻهو تائين نه پهچي سگهيا. اُلٽو حال اهو آهي ته هر سال لکين ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ لهڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن. پاڪستان اسلامي نظريي تي ٺهيل رياست آهي، پر قائداعظم جي ڏنل ويژن مطابق نه ته هتي جديد اسلامي فلاحي رياست قائم ٿي سگهي ۽ نه ئي 1300 سال اڳ واري اسلامي جمهوريت جو نظام هتي رائج ٿي سگهيو. عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) جيڪا پاڪستان ۾ ڪرپشن ۽ خراب گورننس بابت رپورٽ جاري ڪئي آهي، تنهن ملڪ جي چيلهه ٿي ٻيهر ٽوڙي ڇڏي آهي. ٽيڪس چوري عام آهي، اشرافيه ڪنهن جي به ڪنٽرول ۾ نه آهي ۽ سرڪاري خزانو اڃا تائين لٽجڻ کان نه بچي سگهيو آهي. قائداعظم ڪڏهن به سرڪاري خزانو پنهنجي ذات لاءِ استعمال نه ڪيو هُن هميشه سادگي ايمانداري ۽ بچت جي زندگي گذاري. اهو طريقو اسان جي حڪمرانن لاءِ هڪ مثالي مثال هئڻ گهرجي، پر بدقسمتي سان اسان جا حڪمران صرف تقريرن ۾ وڏيون ڳالهيون ڪن ٿا. سندن عمل ۽ ڪردار انهن سڀني ڳالهين جي مڪمل ترديد ڪري ٿو.

پاڪستان جي سياست اڳ ئي بي شمار مشڪلاتن سان ڀريل آهي ملڪ جون سياسي پارٽيون پاڻ ۾ لڳاتار جهيڙي ۽ ڇڪتاڻ ۾ لڳل نظر اچن ٿيون هن سياسي جنگ ۽ تڪرار جا سخت اثر سڌو سنئون ملڪ جي ترقي تي پئجي رهيا آهن پاڪستان جي معيشت کي به دنيا جي سڀ کان ڪمزور معيشتن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو اسان کي بيروني قرضن، مهانگائي، بيروزگاري ۽ وڌندڙ خرچن جهڙن ڳرن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي روپئي جي قدر ۾ لڳاتار گهٽتائي ۽ توانائي بحران ڪاروبار ۽ صنعتن کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي ڇڏيو آهي حڪومت پنهنجي ملي صورتحال بچائڻ لاءِ آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جهڙن عالمي ادارن کان قرض وٺڻ تي مجبور آهي ملڪ اندر دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جا واقعا به اڃا وڏو سيڪيورٽي چيلينج بڻيل آهن جيئوٽيڪ سڪيورٽي فورسز دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن پڻ ڪيا آهن پر هن مسئلي جو مڪمل خاتمو اڃا تائين ممڪن نه ٿي سگهيو آهي سرحدن تي ڇڪتاڻ ۽ پاڙيسري ملڪن سان تڪرار به ملڪ جي سلامتي ۽ امن لاءِ خطرا پيدا ڪري رهيا آهن هن وقت پاڪستان کي گهري سطح تي اصلاحن جي ضرورت آهي. جيئن جمهوريت مضبوط ٿئي معيشت صحيح رُخ تي اچي ۽ سماجي انصاف حقيقي معنيٰ ۾ قائم ٿي سگهي سياست ۾ استحڪام، ادارن جي مضبوط ڪرڻ ۽ عوام کي فيصلاسازي ۾ شامل ڪرڻ بنا ملڪ ترقي نٿو ڪري سگهي سياسي پارٽين کي گهرجي ته اُهي پنهنجي ترجيحن ۾ عوام جا اصل مسئلا شامل ڪن ۽ اهڙيون پاليسيون آڻين جيئن سياست، سماج ۽ معيشت جا موجوده مسئلا حل ٿي سگهن ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ نئون سال شروع ٿيڻ وارو آهي قوم وري به ساڳي اميد ۽ ڀرپور آس سان نئون سال ڀليڪار ڪندي، جشن ملهائيندي ته شايد نئون سال انهن لاءِ بهتر مستقبل جو پيغام کڻي اچي پر سوال اهو آهي ته ڇا صرف سال جا انگ بدلائڻ سان حالتون به پاڻمرادو بدلجي وينديون؟

سياري جون موڪلون 25 ڊسمبر کان 15 جنوري تائين ڪيون وڃن

سنڌ جي تعليمي ادارن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سياري جون موڪلون 25 ڊسمبر کان 15 جنوري تائين ڪرڻ گهرجن نه ته وري پنجاب صوبي جيان 22 ڊسمبر کان 10 جنوري تائين موڪلون ڪيون وڃن ڇاڪاڻ ته سرديءَ جي موسم انهي دوران شديد وڌي وڃي ٿي ۽ پرائمري جي معصوم ٻارڙن شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ حاضري برقرار رکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿي وڃي ٿو ۽ اڌ کان وڌيڪ شاگردن توڙي شاگردياڻين جي سيءَ ۾ شدت گهٽي وڃڻ ڪري اسڪولن ۾ نٿا پهچي سگهن ۽ اهڙي طرح تعليمي ڪم اڻ پورو ۽ متاثر ٿيڻ لڳي ٿو ان لاءِ هاڻي اجهان ايتري سردي جي شدت نه آهي جهڙي سردي جنوري مهيني ۾ ٿيندي آهي ته پوءِ هاڻي ضروري ناهي ته ڊسمبر مهيني ۾ ئي هرورڀرو سياري جي وئڪيشن ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ ائين سمجهو ته برسات کان اڳ ئي ڪٽون اندر ڪرڻ بيوقوفي سمجهي ويندي جڏهن سنڌ صوبي ۾ سرديءَ جي شدت اچي ته انهن ڏهاڙن ۾ سياري جي موڪلن جو اعلان ڪيو وڃي، باقي جيڪڏهن فارملٽي رسمي طور تي تعليم کاتي کي هلايو ويندو ته ڪير ڇا تو چئي سگهي پر سنڌ صوبي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي والدين جو اهو مطالبو آهي ته سياري جون موڪلون ڪرڻيون آهن ته 22 يا 25 ڊسمبر کان 10 يا 15 جنوري تائين ڪري سردي جي

عبرت پوسٽ
Ibrat Post

خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

ڏينهن جي موقعي تي مقامي هنر، موسيقي، رقص، شاعري ۽ روايتي ڪلاڪي جي نمائش ڪئي ويندي آهي جيڪا صوبي جي مختلف قسمن جي روايتن کي اجاگر ڪندي آهي اهو ڏينهن صرف ثقافتي مظاهرو نه آهي پر سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ موقعو آهي ته هو پنهنجي تاريخ، ٻولي ۽ هنر سان وابستگي جو احساس مضبوط ڪن تعليم ۽ ميڊيا جا ادارا پڻ اهڙن ڏينهن کي قومي سطح تي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. جيئن سنڌ جي ثقافتي ورثي کي نوجوانن ۽ نئين نسل تائين پهچايو وڃي ماهرن جو چوڻ آهي ته ثقافت ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ آهي ۽ سنڌ جي ثقافتي ڏينهن کي قومي ڪاڄ طور تسليم ڪرڻ سان نه صرف صوبي جي اهميت وڌندي پر پاڪستان جي مختلف علائقن جي وچ ۾ هڪ ٻئي جي ثقافت کي سمجهڻ ۽ قدر ڪرڻ جو عمل به تيز ٿيندو اهڙيون ڪوششون اتحاد ۽ قومي سڃاڻپ کي مضبوط ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون انهيءَ ڏينهن تي رواج، هنر، موسيقي ۽ ادبي تقريبون قومي سطح تي متعارف ڪرايون وڃن ته نوجوان نسل کي پنهنجي اصل سڃاڻپ سان جڙڻ جو موقعو ملي

وفاق ۽ صوبن جي ملي سهڪار جو اهم مرحلو

ڪراچي ۽ اسلام آباد جي سياسي ۽ ملي منظرنامي ۾ اين ايف سي جو اجلاس هر سال اهميت رکي ٿو ۽ گذريل ڏينهن ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب جي سربراهيءَ ۾ 11هين قومي مالياتي ڪميشن جو افتتاحي اجلاس منعقد ٿيو. جيڪو وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ ملي معاملن جي اڳڀرائي لاءِ اهم سنگ ميل ثابت ٿيو. اجلاس ۾ صوبن جا وڏا وزير ۽ ملي ميمبرن شرڪت ڪئي، جن ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، ڪي پي ڪي جي وڏي وزير سهيل آفريدي، پنجاب ۽ بلوچستان جا ناڻي وزير ۽ پرائيويٽ ميمبر شامل هئا. اجلاس ۾ بنيادي طور تي اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبن ۽ وفاق جي وچ ۾ ملي ورڇ، ٽيڪس آمدني، تعليم ۽ ٻين شعبن ۾ خرچ ۽ وفاقي خساري جي صورتحال تي بحث ڪيو ويو. وفاقي وزارت پاران صوبن کان تعليم سميت مختلف شعبن ۾ ٿيندڙ خرچن جا تفصيل طلب ڪيا ويا، جنهن تي سنڌ پاران اعتراض ڪيو ويو ته صوبن کي اين ايف سي ايوارڊ تحت ملندڙ رقم ڪٿي ۽ ڪيئن خرچ ٿيندي، اهو صوبا پاڻ طئي ڪيو وڃي اجلاس ۾ اين ايف سي جي معاملن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ 6 کان 7 ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، انهن ۾ هڪ گروپ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ وسيلن جي ورڇ بابت تجويزون تيار ڪندو، ٻيو گروپ هارزنٽل منتقلين جي ماهري تي ڪم ڪندو، ٽيون گروپ صوبن ۾ ٽيڪس آمدني وڌائڻ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪندو ۽ چوٿون گروپ فاٽا کي ضم ڪرڻ ۽ ان لاءِ شيئر مقرر ڪرڻ بابت ڪم ڪندو اهڙين ورڪنگ گروپن ذريعي اين ايف سي جي فيصلن کي تڪميل تائين پهچائڻ ۽ ملي شفافيت کي يقيني بڻائڻ جو مقصد آهي ناڻي وزير محمد اورنگزيب اجلاس دوران زور ڏنو ته 11هين اين ايف سي جو اجلاس آئيني ذميواري ۽ گڏيل تعاون جو اهم موقعو آهي، جنهن تحت وفاق ۽ صوبا گڏجي ملي منصوبابندي ۽ ملي استحڪام لاءِ ڪم ڪندا هن ٻڌايو ته صوبن پاران نيشنل فسڪل پيڪٽ تي دستخط ۽ آءِ ايم ايف پروگرام تي عملدرآمد ۾ تعاون ساراهه جوڳو آهي وفاق ۽ صوبن وچ ۾ تعميري ۽ شفاف بحث رڳو ملي مساوات نه پر قومي مفاد لاءِ به اهم آهي سماجي ۽ سياسي ماهرن موجب، اين ايف سي جهڙا اجلاس وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ ملي توازن ۽ شفافيت کي برقرار رکڻ لاءِ انتهائي ضروري آهن خاص طور تي جڏهن ملڪ کي ٻوڏ، معاشي بحران ۽ ٻين قومي چيلينجن جو مقابلو ڪرڻو هجي، اهڙين گڏجاڻين ذريعي مسئلن کي بروقت حل ڪرڻ ۽ ملي استحڪام قائم رکڻ ۾ مدد ملي ٿي.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 590 سال 2025

مسمات سيرا جمالي ڌيءُ شاهنواز جمالي رهندڙ تاج ڪالوني نوابشاهه ....پلينٽف....خلاف: مهتاب علي جمالي پٽ علي محمد جمالي رهندڙ ڳوٺ ٻالو جمالي تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد سيل نمبر: 0305-2908364....ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر Nil سال 2025

مسمات ريشمان ڳوپانگ...پلينٽف...خلاف: اوشاق پٽ خدا داد ڳوپانگ بالغ مسلم رهندڙ ڳوٺ مير محمد ڳنبول پي.او ڏوڪري پي.ايس ڪراڻي ضلعو لاڙڪاڻو سيل نمبر: 0300-0366458...ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-IX حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2464 سال 2025

مسمات شهناز....پلينٽف...خلاف: محمد حسن پٽ مير محمد بالغ مسلم رهندڙ پاڙو نور محمد يونٽ نمبر 04 لطيف آباد حيدرآباد حال رهندڙ ڳوٺ پليڊنو ڪاڪا جاگير تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري...ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

IXth سول اينڊ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشاد علي سومرو)
گارڊين ايپليڪيشن نمبر 19 سال 2025

سڪندر علي پٽ نياز محمد رهندڙ ڳوٺ حاجي نياز محمد ڪيهري پي.او جهڏو ديهه نمبر 313 تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) صدام حسين (2) ريناز (3) غلام نبي سڀ پٽ سڪندر علي (4) مسمات ايلان زال سڪندر علي (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...آپونينٽس... ان دي ميٽر آف مائنر: قلندر بخش پٽ سڪندر علي

تلي معين آپونينٽس ڏانهن

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين ايپليڪيشن يو/ايس 07 ۽ 10 ريڊ سيڪشن 29 ۽ 31 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 08-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-II هالا
فيملي سوٽ نمبر.... سال 2025

(1) مسمات زينت ڌيءُ غلام حيدر حاجاڻو زال ظفر الله عرف ساجن حاجاڻو رهندڙ ڳوٺ ساجن حاجاڻو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري...پلينٽف...خلاف: ظفر الله عرف ساجن پٽ علي نواز ذات حاجاڻو رهندڙ ڳوٺ سانڌاڻ تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري....ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج-II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
اينفيس سوٽ نمبر 166 سال 2025

(1) محمد قاسم پٽ محمد ايوب ڏاهري فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (اي) محمد هارون (پٽ) (بي) سائين بخش ڏاهري (پٽ) (سي) عارف ڏاهري (پٽ) (ڊي) علي رضا ڏاهري (پٽ) (اي) رستم ڏاهري (پٽ) (2) سائين رکيو پٽ محمد ايوب ڏاهري فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (اي) محمد ڏاهري (پٽ) (بي) رحيم ڏاهري (پٽ) (سي) مسمات سبحان خاتون (ڌيءُ) (ڊي) مسمات ڏال (ڌيءُ) (اي) مسمات زهران (ڌيءُ) (3) ميدن ڏاهري پٽ محمد ايوب ڏاهري فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (اي) مسمات سيائل (ڀيڻ) سڀ مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ ايوب آباد ديهه جاري تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد معرفت سندس اسپيشل اٽارني پلينٽف نمبر 01 (اي) محمد هارون ڏاهري...پلينٽفس...خلاف: (1) پراونس آف سنڌ ٿرو بي سروڌ معرفت ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد (2) اسسٽنٽ ڪمشنر قاضي احمد (3) مختيارڪار (روينيو) قاضي احمد (4) ڊي ايس ايڇ او پي.ايس پيڇو (5) ڊي ايس پي قاضي احمد (6) علي شير پٽ جانب ڏاهري (7) مور عرف ابراهيم پٽ جانب ڏاهري (8) رمضان پٽ جانب ڏاهري (9) ياسين پٽ رمضان ڏاهري ڊفينڊنٽ نمبر 06 کان 09 سڀ رهندڙ ڳوٺ ڳولو رند تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد....ڊفينڊنٽ

دي پرائيويٽ ڊفينڊنٽ نمبر 06 کان 09 ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن. انجنڪشن يو/او VII رول 1 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سينئر سول جج-II نوابشاهه

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار دريا خان پٽ شهداد اسان کي درخواست ڏني آهي ته فڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 108 ديهه هنڙي تپو هنڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي ڪاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن. فوتي شهداد پٽ مٺو ڪيڙو جيڪو تاريخ 24-03-1980 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: دريا خان (پٽ)، ٻاڊل (پٽ)، رسول بخش (پٽ)، محمد عثمان (پٽ)، ڪريم بخش (پٽ)، مسمات حوا (ڌيءُ)، مسمات حليمان (ڌيءُ) مسمات زليخان (ڌيءُ)، مسمات خانزادي (ڌيءُ) مسمات گل بانو (ڌيءُ)، مسمات رضيه (ڌيءُ) مسمات ايمنان (ڌيءُ)، مسمات مراد خاتون (ڌيءُ) فوتي جانو ولد ڏتل ڪيڙو جيڪو تاريخ 15-07-1977 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: محمد بچل (پٽ)، محمد عرس (پٽ)، مسمات ختو (ڌيءُ) مسمات جيئندو (ڌيءُ)، فوتي ڏنو ولد مٺو جيڪو تاريخ 05-03-2003 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: مٺو (پٽ)، وسايو (پٽ)، محمد ملوڪ (پٽ) مسمات پٺاڻي (ڌيءُ)، مسمات راڻي (ڌيءُ) مسمات ميرزادي (ڌيءُ)، مسمات ختو (بيواهه) فوتڻ مسمات سياڻي ڌيءُ مٺو جيڪو تاريخ 10-07-1972 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث مراد علي (پٽ)، ڪيهڙو عرف ماڪوڙو (پٽ) مسمات خانزادي (ڌيءُ)، فوتڻ مسمات ايمنان ڌيءُ مٺو جيڪو تاريخ 05-06-1965 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث: شهداد (پٽ)، ڏنو (پٽ) مسمات سياڻي (ڌيءُ)، مسمات ايشان (ڌيءُ) جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي يار محمد ولد حاجي خان رهندڙ ڳوٺ عثمان ڏيھو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي (1) مٺو ڏيھو پٽ حاجي خان تاريخ 08-06-2013 (2) محمد ابراهيم ڏيھو پٽ حاجي خان تاريخ 31-12-2020 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ پلاٽ/ سروي نمبر 182/1to4، 180/3,4، 184/1to4 ايراضي حصي موجب ديهه چچا ڏيها تپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي. جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ڏني آهي (1) مٺو جا وارث: (1) يار محمد (ڀاءُ) (2) مسمات ارشاد (ڀيڻ). (3) مسمات ملوڪ زادي (ڀيڻ). (4) محمد ابراهيم (ڀاءُ). فوتي محمد ابراهيم ڏيھو جا وارث: (1) يار محمد (ڀاءُ). (2) مٺو ڏيھو (ڀاءُ). (3) مسمات ارشاد (ڀيڻ). (4) مسمات ملوڪ زادي (ڀيڻ). (5) محمد ابراهيم ڏيھو (ڀاءُ). جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

نالي سڪندر علي پنو ويٺل ڳوٺ واحد بخش پنو ديهه راجا واهه ۾ آهي مختيار ڪار روينيو آفيس قاضي احمد ۾ فوتي ڪاتو تبديل ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏني آهي ته منهنجي والد محمد ساجن پنو ۽ چاچي محمد شريف پنو جي نالي زرعي زمين 10 ايڪڙ ڪجهه گهٽتا آهي جيڪي هن وقت هو فوت ٿي چڪا آهن جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪيو وڃي ۽ اهو سان جي نالي تي ڪاتو ڏنو وڃي ۽ هن زمين ۾ حصيدار سڪندر علي پنو پٽ محمد ساجن پنو ضمير علي پنو پٽ محمد ساجن پنو زبير پٽ محمد ساجن پنو آهن ان کان سواءِ ڪوبه وارث ناهي اگر هن زمين بابت ڪنهن کي ڪوبه اعتراض هجي ته اهو هڪ هفتي اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي سگهي ٿو وقت گذرڻ کان پوءِ ڪوبه اعتراض قبول نه ڪيو ويندو.

مختيار ڪار روينيو تعلقو قاضي احمد

عام اطلاع

سڀني عام و خاص ماڻهن لاءِ پڌرو ٿو ڪجي ته عرضدار نالي سيد پيرل شاهه ذات سيد رهندڙ ڳوٺ عالي شاهه اسان وٽ درخواست ڪئي آهي ته سندس نالي والد نالي سيد علي بخش شاهه جيڪو تقريبن ڪجهه سال اڳ وفات ڪري ويو آهي ديهه هنگوراڻي ۾ زرعي زمين آهي جنهن جو فوتي ڪاتو سندس جائز وارثن ۾ تبديل ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ علائقي جي ٻن معزز ماڻهن نالي هر هڪ (1) ڪيهر ولد محمد بخش (2) سيد سائينڏل شاهه ولد سيد ماڪن شاهه ٻئي رهندڙ ڳوٺ سيد عالي شاهه تعلقو جهنڊو مري پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو آهي جنهن موجب فوتي جا هيٺ جائز وارث ظاهر ٿيا آهن (1) سيد پيرل شاهه (پٽ) (2) سيد اختيار علي شاهه (پٽ) (3) مسمات امام زادي (ڌيءُ). (4) مسمات بادشاهه زادي (ڌيءُ). (5) مسمات سيدل بي بي صغير (ڌيءُ). (6) مسمات گلشن بي بي صغير (ڌيءُ). تنهنڪري هن اشتهار ذريعي سڀني عام خاص ماڻهن کي پڌرو ٿو ڪجي ته مٿي ڄاڻايل فوتڻ جي فوتي ڪاتيبدل بابت جيڪڏهن ڪنهن به فرد يا اداري کي ڪوبه اعتراض آهي ته فوتڻ بابت هن اشتهار جي اشاعت بعد 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت جي صورت ۾ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ داخل ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتي بابت وڌيڪ تحرڪ ورتو ويندو ۽ ڪابه حجت ڪونه ٻڌي ويندي.

مختيارڪار تعلقو جهنڊو مري

لاتعلقي جو اظهار

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تابش ولد محمد جهانگير قريشي جيڪو منهنجي گهرواري جو اڳوڻو پٽ آهي جنهن کي مون نپايو آهي تابش جي والد جو نالو محمد جهانگير قريشي آهي جڏهن ته تابش پنهنجي شناختي ڪارڊ ۽ ڊوميسائل منهنجي ولديت يعني عبدالقادر جتوئي سان ٺهرايو آهي. جڏهن ته تابش منهنجو پٽ نه آهي جنهن سبب آئون ان سان لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿو ان جو منهنجي منقولا ۽ غير منقولا جائيداد سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه آهي ۽ نه رهندو. اگر ڪو به شخص يا ادارو ان سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو ته ان جو ذميوار هو پاڻ رهندو ان ڪنهن به قول فعل سان منهنجو ڪو به واسطو نه آهي هو پنهنجي ٻري ڀلي جو پاڻ ذميوار رهندو وڌيڪ منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

المشتهر: عبدالقادر جتوئي ولد غلام حسين
شناختي ڪارڊ نمبر 4120516522975
رهندڙ گهر نمبر 17 محلا ڪهيا آباد ڪالوني
ڪچي آبادي حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي محمد حسن ولد محمد سهيل ذات شيخ رهندڙ لياقت ڪالوني شهر ٽنڊو محمد خان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته سندس پيءُ نالي محمد سهيل ولد جهيل محمد جيڪو ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ملازم هو جيڪو تاريخ 07-09-2025 تي وفات ڪري چڪو آهي جنهن صرف وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن. تفصيل وارث فوتي (1) محمد رضا پٽ فوتي (2) ميناهير ڌي فوتي (3) محمد حسن پٽ فوتي (4) تسبيحه ڌي فوتي تنهن ڪانسواءِ فوتي جي ڪو به جائز قانوني خواهه شرعي وارث ڪونه آهي انهي ڳالهه جي شاهدي هر هڪ نالي (1) محمد قدير ولد عبدالڪريم ذات غوري پيشاڻ رهندڙ پاڻيلي محلا شهر ٽنڊو محمد خان (2) شارق نذير ولد نذير احمد ذات غوري پيشاڻ رهندڙ پاڻيلي محلا شهر ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو ٻنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري نه ته صورت ۾ وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو.

مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته آئون نالي محمد فيصل ميمڻ ولد محمد محبوب ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4130349200245 هڪ عدد پلاٽ نمبر 123 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ نالي ظهيراقبال ولد غلام محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4250114492417 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن آشاعت جي 07 ڏينهن اندر تمام دستاويزي ثبوت سان سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي آگاهه ڪري معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

محمد فيصل ميمڻ ولد محمد محبوب ميمڻ
موبائل نمبر 03239900186

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج I ڪنري
فيملي سوٽ نمبر 81 سال 2025

(1) شريمتي Namaa ڌيءُ Channu زال راڄيچند هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ شمس الدين جوڻيجو تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ ....پلينٽف...خلاف: راڄيچند ولد ڳوپال هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ خير محمد پرڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص 03483030801...ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج I ڪنري

بقايا 1 جڳ پرڪاش

وڪيل برادري ۽ قانوني ماهرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. بيٺڪ دوران مقررين ميڊم پشپا ڪماري، ڪرشن شرما، جڳ پرڪاش، رام ڪولهي، چندن مالهي، جنيد، جيوت رام وڪيل وڪيو راجواڻي ڏيوسي مل، پارو بيدار ۽ ٻين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هندو ميرج ايڪٽ ۾ ٿيندڙ سڌارا برادري جي ماڻهن جي شادي، ورڇ، طلاق ۽ رجسٽريشن جهڙن مسئلن کي قانوني تحفظ ڏيڻ لاءِ اهم آهن مقررين چيو ته ترميمي بل ۾ اهڙا نقطا شامل ڪيا پيا وڃن جيڪي مستقبل ۾ ڪنهن به قسم جي قانوني پيچيدگين کي گهٽائيندا شرڪت ڪندڙن ٻڌايو ته ڪيترن ئي علائقن ۾ پنڊتن جي رجسٽريشن ۾ مسئلا درپيش آهن جنهن سبب شادي جا سرٽيفڪيٽ قانوني طريقي سان جاري نٿا ٿي سگهن تنهن ڪري حڪومت کي گهرجي ته رجسٽريشن واري عمل کي وڌيڪ سولو بڻائي بيٺڪ دوران سوال جوابن جو سيشن پڻ رکيو ويو جنهن ۾ آيل مهمانن طرفان پڇيل سوالن جا تفصيلي جواب ڏنا ويا شرڪت ڪندڙن هندو شادي رجسٽريشن بابت پنهنجا خدشا ڏيکارئون ۽ تجويزون پيش ڪيون ذميوارن طرفان پنڊتن جي مڪمل قانوني رجسٽريشن سنڌن تربيت، ۽ رجسٽريشن عمل کي آسان بڻائڻ لاءِ مڪمل سهڪار جو يقين پڻ ڏياريو ويو مقررين چيو ته هندو خاندانن جي قانوني مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي ضروري آهي جڏهن ته برادري جي ماڻهن کي به پنهنجي شادي رجسٽريشن کي يقيني بڻائڻ گهرجي جيئن مستقبل ۾ وراثت نالي جي درستگي ۽ ٻارن جي قانوني دستاويزن ۾ ڪا رڪاوٽ نه اچي بيٺڪ ۾ شرڪت ڪندڙن انتظاميا ۽ ذميوار عملدارن طرفان اهڙي ڳالهائي کي مثبت قدم قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا هندو برادري سان ٿيل واعدن تي جلد عمل ڪندا.

بقايا 2 احتجاج

روئيندي دانهون ڪيون ۽ احتجاج ڪندي هن ٻڌايو ته مان هڪ غريب مسڪين پورهيت آهيان ۽ گهر جو اڪيلو فرد آهيان مسواڙ تي رڪشو هلائي گهر جو گذر سفر ڪندو آهيان جڏهن ته 2 ڏينهن اڳ نامعلوم چور منهنجي گهر مان رات جي وقت مينهن چوري ڪاهي فرار ٿي ويا جڏهن ته چورن جو پيرو ڪٽي ڳوٺ ڦلجي وليج پرسان هڪ گهر تي هنيو ويو جن کي مون مينهن جي واپسي لاءِ ايلاز منٿون ڪيون پر انهن تدارڪ نه ڪيو ۽ مينهن نه ڏنيون جڏهن ته هيڊ ٿاڻين پوليس ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي هن چيو ته منهنجا معصوم ٻارڙا کير لاءِ پريشان آهن احتجاج ڪندڙ ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته خدارا مون مسڪين جي چوري ٿيل مينهن جي واپسي لاءِ مدد ڪئي وڃي.

بقايا 3 مظاهرو

پئجي سگهيو آهي جنهن ڪري آئون ۽ سندس امڙ پيئر تمام گهڻو پريشان آهيون هن وس وارن ۽ حڪومتي نمائندن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته منهنجي پٽ تنوير ڪلهوڙو جي ڳولها ۾ مدد ڪري اسان جي بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 4 احتجاج

پيٽرول غائب ٿيڻ ۽ سنگين نتيجن جا خوف ڏياري پريشان ڪيو پيو وڃي شهرين موجب بازار ۾ 8 کان 10 ڄڻن تي مشتمل هي ٽولو هر وقت موجود هوندو آهي جن جي هٿن ۾ لٺيون هونديون آهن جڏهن ته شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي ته انهن وٽ لڪل هٿيار به ٿي سگهن ٿا. پتو وٺندڙن جو چوڻ آهي ته هو هي رقم لغاري ڳوٺ جي هڪ بااثر شخص ۽ ڪينٽ روڊ جي هڪ سوسري جي چوڻ تي وٺي انهن ڏانهن پهچائين ٿا ٻئي طرف ميونسپل ڪميٽي بدين ضلعي ڪائونسل ۽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس طرفان واضع ڪيو ويو آهي ته هن جمعي بازار لاءِ ڪابه اين او سي جاري نه ڪئي وئي آهي، جنهن ڪان پوءِ هي بازار مڪمل طور غيرقانوني ثابت ٿي رهي آهي شهرين جو چوڻ آهي ته بازار انتهائي حساس علائقي جي ويجهو لڳل آهي جتي ٻاهر جا شڪي ماڻهو واپاري بڻجي اچي رهيا آهن جيڪو وڏي سيڪيورٽي رسڪ جو سبب بڻجي سگهي ٿو شهرين پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته شهرين جي جان مال ۽ عزت جي حفاظت خاطر هن غيرقانوني بازار کي فوري طور بند ڪيو وڃي ۽ پتو وصول ڪندڙ ٽولي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 5 گرفتار

رند کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن ڪڙيو گهنور انسپيڪٽر فيصل زمان جت پنهنجي عملي سان گڏ فرار ٿيل جوابدار بابو ميگهواڙ کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جيڪو منشيات جي اسمگلنگ ڪيس ۾ گهربل هو ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن ٽنڊو باگو انسپيڪٽر امتياز علي ٿيبو پنهنجي عملي سان گڏ مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪئي ۽ 5 فرار ٿيل جوابدار عبدالغفار ڪاٺيار خادم حسين ڪاٺيار عبدالغفار ملاح، نثار ملاح ۽ عبدالجبار ملاح کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن راڄو خانائي انسپيڪٽر اصغر علي سليو پنهنجي عملي سان گڏ هڪ ديسي شراب جي ڪارخاني تي ڇاپو هنيو ۽ 110 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪئي. پوليس ڪارروائي دوران فيڪٽري جي مالڪ راهب لنجوائي کي گرفتار ڪيو ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن ڪور واهه انسپيڪٽر محمد خان ڪلوئي پنهنجي عملي سان گڏ هڪ ديسي شراب جي ڪارخاني تي ڇاپو هنيو ۽ 100 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪئي پوليس ڪارروائي دوران فيڪٽري جي مالڪ عيدو ملاح کي گرفتار ڪيو ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن شهيد فاضل راهو انسپيڪٽر محمد انور لغاري پنهنجي عملي سان گڏ گٽڪو وڪرو ڪندڙ عبدالرئوف آرائين کي گرفتار ڪيو جوابدار جي قبضي مان 300 گٽڪا هٿ ڪيا ويا ايس ايڇ او بدين پوليس اسٽيشن انسپيڪٽر اعجاز احمد سومرو پنهنجي عملي سان گڏ ملزم گٽڪو وڪرو ڪندڙ آفتاب ملاح کي گرفتار ڪيو آهي ۽ جوابدار جي قبضي مان 250 ديسي ٺهيل گٽڪا هٿ ڪيا ويا آهن

بقايا 6 گرفتار

الصوبائي سفينا سپلائرز جا 3 شڪي گرفتار ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن ڪيڙ انسپيڪٽر غلام قادر سرڪي هڪ اطلاع تي ڪارروائي ڪندي، ڪيڙ-بدين روڊ تي ڪاٺيار پل ويجهو ڪارروائي ڪري ڪرولا ڪار BMY-142 جي تلاشي دوران 17,600 سفينا ساشيون هٿ ڪيون پوليس موقعي تي ئي بين الصوبائي سفينا سپلائر غلام مرتضي جمالي تعلقي ڳڙهي خيرو ضلعي جيڪب آباد جي رهواسي کي گرفتار ڪيو ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن ڪيڙ انسپيڪٽر غلام قادر سرڪي پنهنجي عملي سان گڏ ڏيپلو روڊ ويجهو هڪ ڪرولا ڪار BQV-234 کي روڪيو ۽ تلاشي ورتي جنهن مان 16,500 سفينا جا ٿيلها هٿ ڪيا ويا پوليس بين الصوبائي سفينا سپلائر عامر علي بروهي جيڪو بلوچستان جي جعفرآباد ضلعي جو رهواسي هو کي گرفتار ڪيو گرفتار ٿيل جوابدارن خلاف گٽڪا ايڪٽ تحت پوليس اسٽيشن ڪيڙ ۾ الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 7 ريلي

چوڪن تي قومي گيتن تي جهمريون پاتيون ريلي ۾ شامل نوجوانن جي مختلف شهري علائقن جي مصروف چوڪن تي گلن جي ورکا سان آجيان ڪئي وئي، ريلي شهر جي ڦليلي روڊ تي جلسي ۾ تبديل ٿي وئي ، ريلي ۾ شامل مقامي نوجوان سنگت جي نوجوان گونڊا راٺوڙ، غلام رسول پنهور ، عرفان پنهور، ثناالله پٽي ، رحمان چوهاڻ ، شيراز ملاح ، وزير علي سليو ۽ ٻين چيو ته اسان کي فخر آهي ته اسان سنڌي هزارين سالن جي ثقافت رکندڙ سنڌي آهيون جن کي پنهنجي الڳ تهذيب شاهوڪار ثقافت آهي ، سنڌي ٽوپي اجرڪ اسان جو شان آهي ، اسان کي فخر آهي ته اسان سنڌي آهيون ، نوجوانن 7 ڊسمبر ثقافتي قومي عيد جي ڏهاڙي کي قومي جذبي سان ملهائڻ جو عزم ڪيو ويو، جڏهن ته خانگي اسڪول لال بائي ۾ منعقد ثقافت جي شاندار تقريب ۾ اسڪولي شاگردياڻين شاگردن ٽيبلوز خاڪا ، ڊراما توڙي ثقافتي گيتن سان تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ، اسڪولي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سنڌن بهتر ڪارڪردگي شيلڊس انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا، ان موقعي تي ميڊم سوزي خواجه ، عاطف خواجه ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ثقافتي ڏهاڙو سنڌ جي عوام لاءِ قومي عيد جو پيغام آهي جنهن ۾ سڄي سنڌ جي اندر خوشيون ملهائڻ سان گڏ پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌي عوام پوري دنيا ۾ ان کي عيد جو ڏهاڙو ڪري ملهائيندو

بقايا 8 اوچتا ڇاپا

عملو وڏي عرصي کان غائب آهي جڏهن ته ڳوٺ آلاڻي ڀهراڻي چوڙيو بڙتلاءِ ۽ ٻين اسڪولن ۾ ماسٽر گوبند، پورو لالا مڪيش ڪمار دليپ ڪمار لونيو مل ۽ ٻيا غير حاضر هئا. جڏهن ته ڳوٺ آلاڻي جي گرلس اسڪول ۾ ماسترياڻي ڪوٺيا وڏي عرصي کان غير حاضر هئي ماسترياڻي پنهنجي ڊيوٽي تي ڳوٺ جي هڪ پرائيويٽ ڇوڪري رکي ڇڏي آهي جيڪا شاگردياڻين کي پڙهائي ٿي ان ڇوڪري اعتراف ڪيو ته مسترول ۾ ماستريائي جون ڪوڙيون صحيحون پاڻ ڪري ٿي ٽنگيارڪر جي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ڌاڙو پرتي ٿيل ماسترن توڙي ماستريائين ڊيوٽي ڪرڻ جاءِ پنهنجي جڳهه تي پرائيويٽ ماڻهون رکي پاڻ ٻيا ڪاروبار ڪرڻ ۾ مصروف آهن ٻي طرف ٻڌايو وڃي ٿو جڊيشنل مئجسٽريٽ غير حاضر عملي خلاف رپورٽ سيشن جج کي موڪلي چڪي آهي ٻي طرف ٽنگيارڪر تعلقي ۾ مقرر بابو ميٽرڪ آفيسر رشوت عيوض استادن کي هر مهيني فون ذريعي گهرائي ڪين حاضر ڄاڻائي چڙهندو آهي. ٽنگيارڪر جا اڪثر اسڪول استادن کان خالي پيل آهن شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي

بقايا 9 ٽنڊوآدم

سڙي رک ٿي ويو باهه لڳڻ بعد متاثر ڪٽنب کليل آسمان هيٺ ويٺل آهي ۽ سياري جي سخت سردي سبب سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيو آهي متاثر گهر وارن غلام شبير سانڊ وس وارن سماجي تنظيمن ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌن مالي سهائتا ڪئي وڃي جيئن هو پنهنجي ٻچن سميت مناسب ڇت هيٺ زندگي جو گذر سفر جاري رکي سگهن.

بقايا 10 اجلاس

جي آفيس تي گڏريو جنهن ۾ ثقافتي ڏهاڙي واري ڏينهن 7 ڊسمبر تي نڪرندڙ ريلي کي ڀرپور نموني سان ڪامياب ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي، پريس ڪلب صوفي شاهه عنايت پاران نڪرندڙ ريلي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين کي 7 ڊسمبر تي شهر جي ٽلا چوڪ وٽان نڪرندڙ ريلي ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي وئي آهي، اجلاس ۾ پريس ڪلب جو سرپرست اعلي بابو خيرپوري ، سينئر صحافي ڪريم داد چانڊيو صحافي عبدالغفور ميمڻ حاجي موسي ڪلي ،صحافي مشتاق چانڊيو صحافي نظير احمد لاشاري صحافي انتظار ڪلي صحافي مظهر نواز زئور صحافي سجاد سومرو نوجوان صحافي قيوم ملاح، صحافي سجل شوراڻي صحافي قربان چانگ، صحافي بشير ملاح لطيف ملاح ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 11 احتجاج

يرغمال بڻائڻ خلاف وارثن شهزاد لاشاري ، شعيب لاشاري ، جبار لاشاري، شفيق راڄپر ۽ ٻين احتجاج جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو.ان موقعي تي فوتي نوجوان جي وارثن الزام هڻندي چيو ته 30 نومبر2025تي نوجوان مراد لاشاري کي ڊينگي جي مرض جي علاج لاءِ اسرا اسپتال ۾ داخل ڪرايو هو. جيڪو2ڊسمبر2025تي ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب فوت ٿي ويو جنهن خلاف احتجاج ڪرڻ تي اسان کي اسپتال جي سيڪيورٽي عملي يرغمال بڻايو ۽ پوليس جي موجودگي ۾ فائرنگ ڪري حراسان ڪيو. هنن چيو ته اسان اسپتال جو سمورو بل ادا ڪري چڪا هو بل ادا نه ڪرڻ وارو الزام ۾ ڪا به صداقت نه آهي. هنن چيو ته احتجاج ڪرڻ بعد سڪيورٽي عملي خلاف هٽڙي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو پر پوليس هڪ جوابدار به گرفتار نه ڪيو آهي. هنن چيو ته ڊاڪٽرن جي غفلت خلاف هيلٿ ڪيئر ڪميشن ۾ درخواست ڏئي ڇڏي آهي. هنن مطالبوڪيو ته مراد لاشاري جي علاج ۾ غفلت ڪندڙ ڊاڪٽرن ۽ سڪيورٽي عملي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 12 ريلي

يو بي جا جهنڊا کڻي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙن دلمراد ڏاهاڻي، سرمد جاگيراڻي، نور خان سبزوئي، قربان ملڪ ۽ ٻين چيو ته قبائلي تڪرارن اسان جي ضلعي کي هزارين سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي قبائلي تڪرارن جي آڙ ۾ سوين بيگناهه انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن ڌرهارين فرض شناس پوليس آفيسر سڪندر پنهور جي معصوم ٻچڙن پٽ گل حسن پنهور ۽ پوٽي مزمل پنهور کي قتل ڪري انسانيت جي ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن پر افسوس پوليس انتظاميا اڃان تائين قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي قبائلي تڪرارن کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪو به سردار سنجيده ڪوشش نه ٿو وٺي سردار صرف پنهنجي سرداري هلائڻ لاءِ پورا آهن پر ڪو به انساني درد نه ٿو رکي حڪمران به اهڙن معاملن تي مڪمل طور خاموش بڻيل آهن جنهن ڪري ضلعي اندر ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ اسڪول ويران ڳوٺاڻا غريب مسڪين تعليم کان محروم آهن ۽ بنيادي سهولتن کان به پري آهن حڪمرانن کي گهرجي ته ضلعي اندر هلندڙ قبائلي تڪرارن بدامني جو نوٽيس وٺي انهن جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ سڪندر پنهور جي قتل ٿيل ٻچڙن جا قاتل گرفتار ڪري خون سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسين احتجاجي تحريڪ هلائينداسين

بقايا 13 ريلي

مهيشوري، غلام حسين شيدي، ڪامريڊ رتنو مل ڏاڪر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نظاماڻي پيٽرول پمپ کان شهيد فاضل راهو چوڪ تائين ثقافتي ريلي ڪڍي وئي، ريلي شهر جي مٺن بازار کان ٿيندي شهيد فاضل راهوچوڪ تي پهتي جتي ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان سنڌي ميڊيا جا شڪر گذار آهيون ته جنهن هميشه سنڌ جي ماڻهن جي آواز کي اعليٰ ايوانن تائين پهچايو آهي 7 ڊسمبر ثقافت ڏهاڙو ملهائڻ جي اسان ڀرپور آجيان ڪريون ٿا جيڪو سلوگن منشيات ۽ بدامني کان آجي سنڌ انتهائي اهم ۽ موجوده وقت جي ضرورت آهي منشيات وايرائڻ سبب نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي جڏهن ته بدامني سبب ماڻهو غير محفوظ آهن اسان عهد ٿا ڪريون ته سنڌي ميڊيا پاران ڏنل سنڌ جي ساڃيان لاءِ هر قدم تي ڀرپور ڪوشش ڪري منشيات ۽ بدامني کان آجي سنڌ جو خواب پورو ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين

بقايا 14 مشاعرو

ميزباني شاعر شير محمد هاليپوٽو، غلام مرتضا ڪالرو ۽ پرتاب مالهي گڏجي ڪئي مشاعري جي تقريب جا مهمان خاص ٽائون چيئرمين علي حسن قائمخاني، پ پ پ تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي هئا. جڏهن ته سگهڙ صالح احمداڻي، شاعر محمد ٿيٻو برڪت شر جماعت اسلامي جي حاجي حنيف قائمخاني راڻو مل سميت شاعرن اديبن ۽ معزز شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.تقريب دوران شاعرن خان محمد ٿيٻو ۽ شير محمد هاليپوٽو عورت جي آزادي ۽ سنڌي ثقافت بابت دلڪش ۽ نڪور شاعري پيش ڪئي. جيڪا شرڪت ڪندڙن کان داد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي ۽ مشاعري کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيو.هن موقعي تي اڳواڻن ۽ شاعرن عورت جي آزادي ۽ سنڌ جي خوشحالي جي عنوان سان ثقافتي ڏهاڙو عيد جيان ملهائڻ جو اعلان ڪندي، عوام کي وڏي پيماني تي شرڪت ڪرڻ جي دعوت پڻ ڏني

بقايا 15 ريلي

پبلڪ پارڪ سجاول تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سول سائيٽي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سنڌ زنده آباد سنڌي ٽوپي اجرڪ زنده آباد جا زوردار نعرا هنيا ويا ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو سنڌي ٽوپي اجرڪ اسان جو شان آهي سنڌ ڌرتي کي اسان پنهنجي ماءُ سمجهون ٿا سنڌ تي جڏهن به ڪنهن وار ڪيو سنڌ جي ماڻهن ڊاڪٽر قادر مگسي انهن سنڌ دشمنن جي سازشن کي ناڪام ڪيو آهي سنڌ کي ڌارين کان پاڪ ڪيو وڃي سنڌ گورنمينٽ فل فور ايڪشن وٺي افغانين کي سنڌن ڏيهه واپس موڪلي ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ عملي ايڪشن وٺي منشيات جي روڪ لاءِ ٺڪڙا قدم ڪري نوجوان نسل کي بچايو وڃي، ريلي ۾ ضلعي صدر محمد اشرف ٿهيم ، جنرل سيڪريٽري منظور مگسي، جوائنٽ سيڪريٽري محمد اسماعيل جت، پريس سيڪريٽري ممتاز علي لغاري ، رابطا سيڪريٽري سيڪريٽري پرويز سنڌي ، محمد جمن سنڌي، تعلقه صدر شهمير سنڌي، جمن هٿيان دادا خان سنڌي، نظير هٿيان بجو ملاح، ريحان بوبڪ تعلقه جاتي جي صدر علي ملاح عرس گهنو حفيظا رونجهو ۽ ٻين اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 16 شهري پريشان

بازارن جي فٽ پاٿن تي قبضو مافيا جو راڄ قائم ٿي ويو آهي. ميناره روڊ، اسٽيڊيم روڊ، انور پراچا روڊ، ڊولفن بيڪر روڊ سميت ڪيترن ئي هنڌن تي غير قانوني لنڊا بازار جا اسٽال ٺيلها ۽ ريڙهيون بيٺل آهن.هاڻ فٽ پاٿن کان پوءِ شهر جي مرڪزي جناح ميونسپل اسٽيڊيم جي نئين تعمير ڪيل چارديواري تي به قبضو مافيا پنهنجا ڏيرا ڄمايا آهن ۽ اسٽيڊيم جي مين گيٽ سان لڳو لڳ لنڊا بازار لڳائي ڇڏي آهي جنهن سبب روڊ مڪمل بند ٿي وڃي ٿو.واضح رهي ته اسٽيڊيم روڊ ۽ عيدگاهه روڊ تي مهراڻ ڪلچرل هال، نيشنل بئنڪ سکر بلڊ اسپتال سينٽ ميري اسڪول عيدگاهه ايس بي پي اسپيشل برانچ ۽ ليبارٽريون موجود آهن جتي آمد و رفت روزانو جاري رهي ٿي پر افسوس جو ادارن جا عملدار رشوت جي عيوض خاموش آهن.شهري ۽ سماجي حلقن مطالبو ڪيو آهي ته ڪمشنر سکر ڊي سي سکر ميئر سکر ۽ ٻيا اعليٰ اختيارين شهر ۾ کان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ مستقل بنيادن تي گرينڊ آپريشن شروع ڪيا.

بقايا 17 ذوالفقار چانڊيو

کي راشن ڪمبل گهريلو سامان دوائون کڻي پهتو ۽ علاج جي خاطري ڪرائي عشر زڪوات ضلع سانگهڙ چيئرمين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو ڪم غريب ۽ مستحق ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي جئين ئي مون پريس ڪلب ڪنڊياري ۽ سوشل ميڊيا تي غريب بيمار گل شير کي تڪليف ۾ ڏٺو ته انساني همدردي تحت هتي پهتو آهيان ۽ هن جي هرممڪن مدد ڪئي ويندي

بقايا 18 سکر

ڪئي شهيد بينظير ڀٽو هيومن ريسورس ڊولپمينٽ بورڊ BBSHRRDE طرفان به نوجوانن کي مختلف ڪورسن ۾ ڄاڻ ڏيڻ اسٽال قائم ڪيو ويو ڊاڪٽر خان زنگيجو ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ ڪوآرڊينيٽر سکرپنهنجي ڊپارٽمينٽ جي باري ۾ اينڊ ماڻهن کي مڪمل ڄاڻ ڏني پروگرام ۾ مختلف ڪورسن ۾ شاگردن جي وچم مقابلا رکيا ويا ڪامياب شاگردن کي نقد انعام به ڏنا ويا هن پروگرام ۾ طارق منظور چانڊيون مينيجنگ ڊائريڪٽر اسٽيوٽا STEVTA بينظير يوٿ ڊولپمينٽ جي اسٽال جو وزٽ ڪيو ۽ جتي ڪين اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر خان زنگيجو ڪيس ۽ گڏ آيل سائين کي اجرڪ اوڍايا، ۽ ميڊيا جي دوستن سان ڳالهائيندي چيو ته بينظير يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام تحت سنڌ ۾ پنج لک کان وڌيڪ شاگردن کي سکيا ڏني وئي آهي جنهن ۾ هڪ لک کان وڌيڪ سکيا وٺندڙ نوجوان هن وقت دائين شانائتو روزگار ڪري رهيا آهن ان موقعي تي غلام اصغر سهاڳ ريجنل ڊائريڪٽر STEVDA اسٽيويڊا سکر ريجن پڻ موجود هئا جن کي پڻ تمام گهڻو ساراهيو ويو ڪامياب ايڪسپو ڪرڻ طارق منظور چانڊيو پروگرا م جي سموري ٽيم کي ڪامياب اسٽال هڻڻ تي واڌايون ڏنيون

بقايا 19 نوجوان فوت

ه حراست ۾ ورتو ويو آهي جڏهن ته ٽريلر کي قبضي ۾ وٺي پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو ويو آهي واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڪارروائي جاري آهي

بقايا 20 مين هول

هنڌ تان گذرندڙ هڪ شهري بروقت ڇوڪري کي کليل مين هول مان ڪڍي ورتو ڇوڪري جي سڃاڻپ عنايا امين جي نالي سان ٿي کليل مين هول 4 کان 5 فوٽ ڊگهو هو پر کليل مين هول ۾ پاڻي جو وهڪرو تمام گهٽ هو ذريعن موجب، ڇوڪري موڪلن کان پوءِ ٻين ڇوڪرين سان گڏ اسڪول کان گهر وڃي رهي هئي ته اسڪول جي ٻاهران کليل مين هول ۾ ڪري پئي.واقعي کان فوري پوءِ ڇوڪري جا والدين خانگي اسڪول پهچي ويا حادثي جي اطلاع ملڻ تي پوليس به موقعي تي پهچي وئي ايس ايڇ او منگهو پير زبيرنواز چيو ته منگهو پير ۾ ڪيترن ئي گٽرن جا ڍڪ کليل آهن کليل مين هول ۾ ڦاسي پوڻ واري اسڪول جي شاگردياڻي کي موقعي تي موجود هڪ شهري بچايو واقعي کان پوءِ ٽائون چيئرمين نواز بروهي کي به واقعي واري هنڌ طلب ڪيو ويو ٽائون چيئرمين چيو ته هن يو سي چيئرمين کي گٽر جا ڍڪ ڏنا هئا، ۽ جاچ ڪئي پئي وڃي ته هن انهن کي ڇو نه لڳايو

بقايا 21 فوت

ايڌي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 30 سالن جي محمد حنيف ولد محمد صديقي طور ٿي آهي فوت ٿيل شخص موچ ڳوٺ جو رهواسي هو ايس ايڇ او سوڪو فيصل لطيف موجب فوت ٿيل شخص نشئي هو فوت ٿيل شخص بي ڪي ايم کان تارون چوري ڪرڻ ويو هو ۽ بي ڪي ايم تي تي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

بقايا 22 ڪارروايون

ڪري ڇڏيو جنهن دوران عملدارن واپارين کي سختيءَ سان هدايت ڪئي ته هو حددخلين کان پاسو ڪن ٻي صورت سنڌن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ان حوالي عملدارن جو چوڻ آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ لاڙڪاڻو ۾ وڪيل آصف چانڊيو ريشم گلي ۾ حددخلين خلاف پٽيشن داخل ڪرائي هئي جنهن جي اڄ ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر هڪ هفتي جي مهلت گهري آهي اڄ عدالتي حڪم ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي ريشم گلي ۾ حددخلين خلاف ڪارروائي ڪندي حددخليون ختم ڪري ريڙها، صندل ۽ ٽيبل کڻايا ويا آهن اهڙي ڪارروائي ايندڙ ڏينهن ۾ به جاري رهندي

بقايا 23 ڪيس داخل

کي گرفتار ڪري انهن خلاف منشيات قلم تحت ڪيس داخل ڪيا.ٻي ڪارروائي ڪري واري علائقي ۾ ڪئي وئي جتي ٻن جوابدارن احسان علي ڳوپانگ ۽ طارق راڄپر کي گرفتار ڪيو ويو ۽ انهن جي قبضي مان 200 نشو آور سيراپون ۽ 3 ليٽر ڪچو شراب برآمد ڪيو ويو جن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا.هن موقعي تي ڪامياب ڪارروائين تي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو پوليس ٽيمن کي شاباش پڻ ڏني.

بقايا 24 احتجاج

محلا فيض آباد ڪالوني پنهجتي محلا پرڳڙي محلا ۽ ٻين علائقن ۾ گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ ڪندي فراهمي معطل ڪئي وئي آهي جنهن ڪري شهري تڪليفن جي ور چڙهي ويا آهن شهرين موجب گئس انتظاميا سياري جي موسم ايندي ئي گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ شروع ڪئي جنهن ڪري رڌپچاءُ ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي جڏهن ته اسڪول ۽ آفيسن ڏانهن ويندڙن کي به سخت تڪليف جو شڪار آهن ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته گئس نه هجڻ جي ڪري شديد پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا آهيون ٻي طرف خيرپور شهري اتحاد جي صدر ميان غلام حسين فاتح، تاجر اڳواڻ آفتاب پنهور احسان الله پنهور اسدالله ناريجو عامر عباسي ۽ ٻين چيو آهي ته گئس جا وڏا ذخيرا به خيرپور ۾ موجود آهن پر افسوس جي ڳالهه آهي ته خيرپور ۾ گئس جو شديدبحران آهي هنن چيو ته گئس جي لوڊشيڊنگ ختم ڪري خيرپور جي شهرين کي تڪليفن کان نجات ڏني وڃي هنن چيو ته ضلعي ۾ گئس جو پريشر ئي ناهي جنهن سبب گهرن ۾ چولها نٿا ٻرن ۽ شهري ڪلاڪن تائين بک ڪاٽڻ تي مجبور آهن هنن مطالبو ڪيو ته گيس جي لوڊشيڊنگ ختم ڪري خيرپور ضلعي جي شهرين کي فل گيس فراهم ڪئي وڃي

بقايا 26 ڪراچي

سرڪاري اسپتالن ۾ 26 نوان ڊينگي مريض داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته خانگي اسپتالن ۾ 29 وڌيڪ مريض رپورٽ ٿيا آهن اهڙي طرح صوبي ۾ ڪل 49 ڊينگي جا مريض داخل ڪيا ويا آهن ڪراچي ڊويزن ۾ سرڪاري اسپتالن ۾ 16 نوان ڊينگي مريض داخل ڪيا ويا آهن. جڏهن ته حيدرآباد جي سرڪاري اسپتالن ۾ 7 نوان مريض رپورٽ ٿيا آهن ان کان علاوه، سرڪاري اسپتالن ۾ 38 مريض صحتياب ٿي پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا آهن ۽ خانگي اسپتالن ۾ 25 مريض صحتياب ٿي ويا آهن سٺي خبر اها آهي ته سنڌ ۾ اڃا تائين ڊينگي کان ڪا به موت رپورٽ نه ٿي آهي. ڊينگي ٽيسٽ جي صورتحال جي حوالي سان ٻڌايو ويو ته سرڪاري ۽ خانگي ليبارٽرين ۾ 2151 ماڻهن جي ڊينگي جي ٽيسٽ ڪئي وئي آهي جن مان 170 ٽيسٽ مثبت آيا آهن ڪراچي جي ليبارٽرين ۾ سڀ کان وڌيڪ مثبت 109 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. جڏهن ته حيدرآباد جي ليبارٽرين ۾ 61 مثبت ڪيس رپورٽ ٿيا آهن ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سنڌ شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته هو پنهنجن گهرن ۽ آس پاس جي علائقن ۾ صفائي کي يقيني بڻائين ۽ ڊينگي جي مريضن جي فوري تشخيص ۽ علاج لاءِ ويجهي اسپتال سان رابطو ڪن

بقايا 27 ثقافتي پروگرام

ميمڻ گسٽا ڄامشورو جي جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان گبول هيڊ ماسٽر احمد علي پالاري، پريس ڪلب جي صدر سهيل يوسف ميمڻ ۽ ٻين معززين شرڪت ڪئي ۽ چيو ته سنڌ جي ثقافت هزارين سالن جي آهي ان کي ڪا به ميري اک ختم نٿي ڪري سگهي اسڪولن ۾ اهڙا پروگرام ڪرڻ تي هيڊ ماسٽر نورالدين خاصخيلي ۽ استاد غلام مصطفي خاصخيلي کي جس هجي جيڪي پنهنجي اسڪول ۾ اهڙيون تقريبون منعقد ڪن ٿا.

بقايا 28 احتجاج

عيوضي ۾ ذوالفقار پليپوٽو جي پٽ فريد کي مان پنهنجي 6 ورهين جي ڀاڻيجي ڪومل جو سڱ ۽ هڪ لک روپيا ڏيڻ جو طلبي ڪيس جنهن ۾ آئون ڪيس 50 هزار روپيا پڻ ادا ڪري چڪو آهيان هن الزام لڳايو ته هن وقت بااثر سهرو پئسن جي لالچ ۾ اچي منهنجي گهرواري وحيده جي شادي زبردستي ٻي هنڌ ڪرائي رهيو هيو جنهن دان گهرواري 3 ڏينهن اڳ والد جي گهران نڪري مون وٽ آئي آهي .

بقايا 29 گرفتار

رپيا گهريا هئا. جوابدار کان ڀتا خوري ۾ استعمال ٿيل موبائل فون هٿ ڪيو ويو آهي ۽ جوابدار جي سڃاڻپ اسام جي نالي سان ٿي آهي ايس ايس پي ايس آءِ يو چيو ته گرفتار جوابدار خلاف ايس آءِ يو ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ سندس اڳوڻي ڪرمنل رڪارڊ جي جانچ ڪئي پئي وڃي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 30 مظاهرو

ڪري قبرستان کي چارديواري ڏيارڻ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته گذريل ٻن مهينن کان قبرستان کي چارديواري ڏيارڻ لاءِ مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون پر چونڊيل نمائندن توڙي ضلعي انتظاميه جي ڪنن تي جوءِ به نه پئي سري. هنن چيو ته چارديواري نه هئڻ ڪري رولو ڪتا ۽ ڍڳا قبرستان اندر داخل ٿي قبرن جي بيحرمتي ڪن ٿا.

بقايا 31

بوائز ڪاليج شڪارپور روڊ، بورڊ آفيس جي پرسان گاهه ۽ جهاڙين کي باهه لڳي وئي، سينٽرل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول روم سکر کان اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122 جي فائر فائٽر ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي، ريسڪيو 1122 جي ٽيم سکر فائر برگيڊ ٽيم سان گڏجي بروقت آپريشن ڪندي باهه تي ضابطو آڻي وڌيڪ نقصان کان بچاءُ ڪيو.

بقايا 32

د ڪيو ويو جنهن ۾ تعلقي جي مختلف اسڪولن جي شاگردن بيت، وائي، تقرير ۽ ڊرائنگ جي پروگرام ۾ .مقابلي ۾ حصو ورتو مقرر ڪيل ججن مقابلي ۾ حصو وٺندڙ ٻارڙن جي ڪارڪردگي جي بنياد تي پوزيشن هولڊرز جو فيصلو تنهن هوندي به ضلعي .جاري ڪيو جي فوڪل پرسن تصير ميمڻ ججن طرفان جاري ڪيل فيصلي کي رد ڪندي، پنهنجي طرفان نوان نتيجا جاري ڪري پنهنجو الڳ تصير .نادري حڪم لاڳو ڪيو ميمڻ طرفان ججن جي رد ڪيل فيصلي کان پوءِ پنهنجي تيار ڪيل لسٽ مطابق شاگردن کي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا، جنهن تي استادن، شاگردن ۽ والدين شديد استادن .ناراضگي جو اظهار ڪيو جو چوڻ هو ته ججن ڪيترن ئي ڪلاڪن جي ڪارڪردگي ڏسي مڪمل غيرجانبدار ۽ شفاف طريقي سان نتيجا جاري ڪيا، پر فوڪل پرسن تصير ميمڻ طرفان انهن نتيجن کي رد ڪرڻ ناانصافي ۽ والدين .ضابطن جي ڀڃڪڙي آهي اها قدم " ۽ شاگردن پڻ چيو ته ڪئي پوزيشن ماٺيندڙ ٻارڙن جي .محنت سان ڏاڍي زيادتي ٿي آهي جيڪڏهن اڳوات ئي فوڪل پرسن کي پنهنجا نتيجا جاري ڪرڻا هئا ته پوءِ ججن کي مقرر ڪرڻ جو ڪو ان ڏانڊو وڃار .مقصد نه هو اختيارين کان سخت نوٽيس وٺڻ علائقي .جو مطالبو ڪيو ويو آهي واسين ۽ استادن زور ڏنو آهي ته تصير ميمڻ کي فوڪل پرسن واري عهدي تان فوري طور هٽايو وڃي ۽ لطيف شناسائي پروگرام جا نتيجا ججن جي اصل فيصلي مطابق پروگرام ۾ ٿيل .بحال ڪيا وڃن هن واقعي سبب شاگردن ۾ مايوسي پکڙجي وئي آهي ۽ والدين جو چوڻ آهي ته اهڙيون غيرمنصفاڻي ڪارروايون ٻارن جي همت ۽ ذهني نشونما تي منفي اثر .ڇڏين ٿيون

بقايا 33 منتقل

دين شر ڊيوٽي تان واپس گهر وڃي رهيو هو ته اوچتو هٿيارٻندن مٿس حملو ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو زخمي کي گنڀير جوکي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي حد جي ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي .

بقايا 34 ريلي

وڏي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت، سول سوسائٽي اسڪولن جا شاگرد ۽ سوين شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي پريس ڪلب کنب کان نڪري پراڻي قومي شاهراهه تائين ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ منظور اڄڻ ڊاڪٽر مشتاق ڦل درياءَ خان شيخ، صادق علي ثمراڻي سانول ڳاهي نويد کهوڙو ۽ ٻين ڪئي ريلي کي خطاب ڪندي منظور اڄڻ چيو ته ضلع ۾ منشيات جا اڏا سرعام هلن پيا. هن چيو ته آئس، چرس، ماوا شراب ۽ ٻي منشيات جو ڪاروبار وڌي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته هيروئن، آئس ۽ چرس سميت منشيات خيبرپختونخواهه مان اچي پنجاب رستي سنڌ جي مختلف علائقن تائين پهچن ٿيون سندس چوڻ هو ته اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد به آئس جو نشو ڪرڻ لڳا آهن جنهن سان هو پنهنجو مستقبل تباهه ڪري رهيا آهن ريلي کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر مشتاق ڦل نئين ۽ ايماندار ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو کي اپيل ڪئي ته هو خيرپور کي منشيات کان پاڪ ڪري هن چيو ته نوجوان نسل آئس، شراب ۽ هيروئن جي لت ۾ مبتلا ٿي رهي آهي، تنهن ڪري منشيات جي وڏن ڊيلرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ته جئين پورو ضلعو منشيات کان آجو ٿي سگهي.ان موقعي تي نويد کوڙو صادق ثمراڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 35 ثقافتي

سومرو پروفيسر عقيل احمد لاکير پروفيسر انعام علي سپرو سميت ڪاليج جي شاگردن توڙي شاگردياڻين ثقافتي ويس رڳا پائي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز لاڙڪاڻو پروفيسر الطاف حسين ابڙو چيو ته اسان پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪيون ٿا ۽ فخر ڪيون ٿا ته اسان جو ڪلچر ڪيڏو شاندار آهي جنهن جي تاريخ صدين تائين محيط آهي. ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر رضوان گل خطاب ڪندي چيو ته اسان اڄوڪي پروگرام ذريعي شاگردن کي اهو پيغام ڏنو آهي ته پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ سان پيار ڪيو اسان عظيم تهذيب جا وارث آهيون هوڏانهن ڪاليج جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ جي حوالي سان ٽيبلوز ۽ تقريرون پيش ڪري تاڙين جي صورت ۾ ڀرپور داد حاصل ڪيو.

بقايا 36 احتجاج

جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن عورت ڪمالان مسيح پنهنجي گهرڀاتين ۽ علائقي واسين سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته ڪجهه مهينا اڳ اسان جتوئي برادري سان پنهنجي 300 فوٽن تي مشتمل جڳهه جو سودو ڪيو هيو سين جنهن دوران چاڪي ذات سان واسطو رکندڙ هڪ بااثر شخص وچ ۾ اچي 50 لک ۾ جڳهه جو سودو ڪري اسان کي 14 لک روپيا ڏنا هن وڌيڪ الزام لڳايو ته جڳهه جي سودي کان انڪار ڪرڻ تي چاڪي ذات سان واسطو رکندڙ بااثر شخص پنهنجي سائين سان گڏجي اسان جي گهر تي حملو ڪري فائرنگ ڪئي اهڙي دانهن اسان حد جي سول لائين ٿاڻي جي پوليس کي ڏني سين. پر پوليس هن وقت تائين بااثر خلاف ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي جيڪا وڏي زيادتي آهي متاثر پيرسن عورت لاڙڪاڻو جي ڊي آءِ جي ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 37 ثقافتي ڏهاڙو

ڪچهري عطا محمد لوڙهائي علي نواز سولنگي بچل ٻرڙو ۽ اسڪول جي شاگردن پنهنجي تقريرن ۾ سنڌ جي ثقافت کي پيدا پيش ڪندي چيو ته اسان سنڌ واسي اڳڪئا ۽ ثقافتي ڏهاڙي جي عيد جيان آجيان ڪريون ٿا ۽ اسان هن ڪاڄ تي سنڌي ميڊيا کي سلام ۽ جس پيش ڪريون ٿا جن اسان جي ثقافت، ۽ سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري، ڪرپشن ۽ منشيات کان پاڪ سنڌ سميت ٻين ٻرندڙ مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪردار نڀايو آهي اهو شاندار ۽ وقتائتو آهي، سنڌ ڪرپشن جي ور چڙهيل آهي جيڪو سنڌ واسين لاءِ ناسور بنيل آهي ان کي بدعنواني جو خاتمو وقت جي ضرورت بنجي چڪو آهي، سنڌ ۾ افغانين سميت ٻيا غير قانوني ترسيل پرڏيهي سنڌ لاءِ ناسور ۽ خطرناڪ بنجي چڪا آهن ۽ انهن سنڌ کي منشيات ۽ دهشتگردي جو گڙهه بنائي ڇڏيو آهي ان ڪري هاڻي انهن لاءِ سنڌ ۾ رهڻ جي ڪابه گنجائش موجود ناهي رهي، سنڌ جي هر ماڻهون ۽ ڌرتي ڌڻين کي اڳتي اچڻ گهرجي ۽ ڌارين کي سنڌ مان نيڪالي ڏيڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، هتي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سنڌ مان افغانين سميت سمورن غير قانوني ترسيل ڌارين کي جلد سنڌ نيڪالي ڏئي منشيات جو خاتمو آڻي ڌرتي ڌڻين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 38 ڇاڇرو

ڌوڪ جي اي ٽي ايم ڪارڊ مان مبينه طور 3 لک 80 هزار رپيا فراڊ ذريعي نڪري ويا انهي سلسلي ۾ عورت پاران پوليس کي درخواست ڏني وئي آهي جنهن ۾ ٻڌايو آهي ته هوءَ ڪجهه ڏينهن اڳ نيشنل بئنڪ ڇاڇرو جي اي ٽي ايم تان رقم ڪيرائڻ وئي، جتي هڪ نامعلوم شخص موجود هو. زرينا ڌوڪ موجب هن نامعلوم شخص کي پنهنجو اي ٽي ايم ڪارڊ ڏئي رقم ڪيرائڻ لاءِ مدد گهري، جنهن دوران مبينه طور اهو شخص چالاڪي سان اصلي ڪارڊ مٽائي پنهنجو ڪارڊ هن کي واپس ڪري ڇڏيو. ٻن ڏينهن بعد جڏهن اڪائونٽ چيڪ ڪيو ته معلوم ٿيو ته اڪائونٽ مان 3 لک 80 هزار رپيا حيدرآباد جي مختلف شاپنگ سينٽرن ۽ اي ٽي ايم مشينن تان ڪڍي ورتا ويا آهن. مسمات زرينا ڌوڪ الزام هنيو آهي ته نيشنل بئنڪ ڇاڇرو جو اسٽاف ۽ مقامي پوليس هن معاملي ۾ ڪو به اڳرائتو قدم نه کڻي رهيا آهن هن مطالبو ڪيو آهي ته ڪڍيل رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ نامعلوم جوابدار خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 39 ڊي سي

احمد چاچڙ چيو ته ان ڏس ۾ لاڳاپيل ڪاتيدارن عوام ۽ ٻين جي تحفظات بابت تفصيلي ملاقات رکي سگهجي ٿي ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ چيو ته ايم 6 موٽروي بابت هفتي وار اجلاس ۾ ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل طور ڪم ڪيو ويندو ان بابت ڪمشنر سکر ڊويزن ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ کي آگاهي تحريري طور ڪئي ويندي ڊي سي خيرپور چيو ته زمينن جي ڪاتن بابت ڪليئرنس لاءِ بورڊ آف روينيو کان پڻ تجويزن بابت آن بورڊ رکيو ويندو ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ چيو ته اينڊ هفتي نيشنل هاءِ وي جي آفيسرن سان پڻ اجلاس ۾ ايم 6 موٽروي بابت تفصيل سان تجويزن سفارشن مشورن ۽ قانون موجب ويچاريو ويندو اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر رياض حسين شيخ اي ڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شارخ منگنهار اي سي سيد ارباب علي شاهه، سيد محمد علي شاهه ارسلان حيدر ڦليوٽو سي ايم او غلام قادر ٿيٻو سميت ٻين آفيسرن فوتي ڪاتن گروي رکيل پئسن جي ادائيگي اريوارڊ ٿيل ۽ ٻين اهم معاملن تي تفصيل تجويزن قانون موجب عملدرآمد سفارشن ۽ روينيو جي رڪارڊ بابت آگاهي ڏني وئي.

بقايا 40 زخمي

رياض احمد ، مجيب الرحمان مهتم ۽ ٻيا شامل آهن. زخمين کي ايڌي ايمبولنس ذريعي تعلقه اسپتال پنو عاقل منتقل ڪيو ويو. پوليس جي ابتدائي رپورٽ موجب وين پنو عاقل کان سکر وڃي رهي هئي ته رستي ۾ حادثو پيش اچي ويو

بقايا 41 خيرپور

سرڪيولر جاري پهريون پيرڊ لازمي طور قرآن پاڪ جو هوندو ڊي اي او جو حڪم تفصيل موجب خيرپور جي سيڪنڊري اسڪولن ۾ پهريون پيرڊ قرآن پاڪ جي تعليم لاءِ مخصص ڪري ڇڏيو آهي هن سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري پروفيسر عبدالسميع پنهور سرڪيولر جاري ڪري ڇڏيو آهي پروفيسر عبدالسميع پنهور ٻڌايو ته گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول گورنمينٽ مڊل اسڪول ۽ گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ۾ پهريون پيرڊ لازمي طور قرآن پاڪ پڙهايو ويندو هن چيو ته جاري ڪيل سرڪيولر تي عمل درآمد هر صورت ۾ لازمي هوندو ڊي اي او وڌيڪ چيو ته سيڪنڊري اسڪولن جا اهي هيڊ ماستر جيڪي سرڪيولر تي عمل نه ڪندا، تن خلاف قانون مطابق ڪارروائي ڪئي ويندي سندس چوڻ هو ته پاڪستان هڪ اسلامي ملڪ آهي تنهن ڪري پهريون پيرڊ قرآن پاڪ لاءِ وقف ڪيو ويو آهي ۽ ان سلسلي ۾ لکت ۾ هدايتي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 42 ورسي ملهائي

چام صاحب ۾ ملهائي وئي جنهن ۾ ٽائون آفيسر محمد صالح زرداري ،استاد لياقت بروهي، اٿهنه موري پريس ڪلب جي صدر غلام سرور خاصخيلي ،پريس ڪلب چام صاحب جي صدر سيد شاهه محمد شاهه ڊاڪٽر جمشيد آفريدي، خميسو خان وسطڙو ، ۽ ٻين شهرين سياسي سماجي تنظيمن صحافين شرڪت ڪئي مرحوم محمد هاشم شر کي لفظن جي پيٽا پيش ڪئي وئي چيو ته مرحوم محمد هاشم شر سدائين حق سچ لکيو ۽ مظلوم ۽ غريب ماڻهن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچايو ۽ سندس ڪيل قلمي پورهيو ۽ سندس ڪيل صحافتي خدمتون عوام کي هميشه ياد رهنديون مرحوم محمد هاشم شر جهڙا ماڻهو تاريخ ۾ لکيا ويندا آهن ۽ آخر ۾ مرحوم جي مغفرت لاءِ پڻ دعا گهري وئي ،

بقايا 43 لاش هٿ

جي مسواڙي گهر مان لاش هٿ آيو آهي واقعي جو اطلاع علائقي واسين پاران فوري طور هالا پوليس کي ڏنو ويو جتي هالا پوليس فوري طور پهچي علائقي واسين جي نشاندهي تي تفصيل معلوم ڪري فوتي واپاري ميرخان بروهيءَ جي وارثن کي اطلاع ڏنو آهي جڏهن ته وارثن کي اطلاع ملندي ئي هالا پوليس کي لاش جڳهه مان ڪڍڻ کان منع ڪيو ويو جنهن سبب فوتي واپاريءَ جو لاش ڪافي دير تائين گهر ۾ پيل رهيو ياد رهي ته فوتي جو لاش ڪافي دير تائين جڳهه اندر ڪمري ۾ پيل رهيو ۽ لاش ڪمري ۾ پڻ اندر کان دروازو بند هجڻ سبب بند هو وارثن جي پهچڻ بعد لاش دروازو ٽوڙي ڪڍيو ويو ۽ بعد ۾ تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوتي واپاريءَ جي وارثن پاران پوسٽ مارٽم بغير ڪرائڻ بعد لاش اباڻي ڳوٺ منتقل ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو-

بقايا 44 محمد ابراهيم قادري

تعمير انتهائي بابرڪت عمل آهي، جنهن جو مقصد صرف الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ آهي اهو عبادت جو ڪم آهي ۽ ان جو اجر بي حساب آهي. جيترو وڌيڪ اخلاص هوندو اوترو وڌيڪ ثواب ملندو.هن چيو ته حديث نبوي ﷺ مطابق جيڪو ماڻهو الله جي رضا لاءِ مسجد جوڙي ٿو الله تبارڪ وتعاليٰ ان لاءِ جنت ۾ گهر ٺاهي ٿو. مسجد جي تعمير هڪ ديني فريضو آهي، جنهن جو مقصد ماڻهن لاءِ پاڪيزه جاءِ تي عبادت جو انتظام ڪرڻ آهي.اهي خيالات هن ريلوي انجڻ شيڊ ڪالوني ۾ احساس انسانيت فائونڊيشن جي طرفان "سفيد نوري جامع مسجد" جي نئين سر تعمير بعد افتتاح جي موقعي تي خطاب دوران ظاهر ڪيا. هن وقت احساس انسانيت فائونڊيشن جي چيئرمين نثار آشرفي ڊائريڪٽر محمد عارف، مسجد انتظاميا جا ميمبر علائقي معززن ۽ علماء ڪرام موجود هئا.افتتاح دوران مسجد جو نئون نالو "جامع مسجد فيضان ابن آدم" رکيو ويو. خطاب ۾ علماء ڪرام چيو ته تاريخ ۾ پهرين مسجد "مسجد قباء" ۽ پوءِ "مسجد نبوي" رسول اڪرم ﷺ جي هٿن سان تعمير ٿي.

بقايا 45 ختم ڪيل شاخن جو

جلالاڻي شرڪت ڪئي اجلاس جي صدارت سنڌي ادبي سنگت شاخ راڻيپور جي سيڪريٽري مختيار چنو ڪئي جڏهن ته ڪارروائي ضلع رابطا سيڪريٽري آزاد انصاري هلائي اجلاس ۾ سورهن شاخن جي سيڪريٽرين ۽ عيوضين شرڪت ڪئي سڀني شاخن گڏيل فيصلو ڪيو جڏهن ته صدارتي خطاب مختيار چنو ڪندي چيو ته سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران ڪاروباري ڪاميٽي جي اجلاس ۾ خيرپور ضلعي جي ختم ڪيل شاخن نصير فقير جلالاڻي ۽ فقيرآباد جي شاخن جو الحاق بحال ڪرڻ لاءِ مرڪزي سيڪريٽري جنرل نور چاڪراڻي کي گذارش ٿي ڪجي ته ڪاروباري ڪاميٽي جي فيصلي تي نظرثاني ڪري شاخن جو الحاق بحال ڪري ووٽ جو حق ڏنو وڃي اجلاس ۾ ضلع رابطا سيڪريٽري آزاد انصاري تي اعتماد جو اظهار ڪيو ويو اجلاس ۾ سنڌي ادبي سنگت خيرپور منظور خاموش گل بانو برڙو مختيار احمد چنا قربان گل چنا عنايت پنهيار ساگر بشير پنهور اسلم ٻڌ رضا راڄپر عبدالرحيم سولنگي راهب علي سجاد ميراڻي شيراز اسلم آبڙو چام محبت سهتو ضمير سهتو گلن ڄامڙو حليم الله سومرو وفا حاڪم وساڻ مخلص جلباڻي زاهد عباسي زاهد ڄامڙو نائب ناشاد شرڪت ڪري ختم ڪيل شاخن جو الحاق بحال ڪري ووٽ جو حق ڏنو وڃي

بقايا 46 گل محمد رند

جي حوالي سان ٿيل گڏجاڻيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو هن وڌيڪ چيو ته همدرد هر سال جيان هن سال به ثقافتي ڏهاڙو ۽ نئين سال جي آجيان جو گڏيل پروگرام ڪندي جنهن ۾ سنڌ جي ثقافت جا رنگ پيش ڪيا ويندا جڏهن ته مچ ڪچهري سميت صوفياڻو راڳ پڻ ڪرايو ويندو هن اهو پڻ ٻڌايو ته مچ ڪچهريءَ ۾ شعوري شخصيتن کي گهرايو ويندو جيڪي ثقافت جي حوالي سان پنهنجا ويچار پڻ ونڊيندا گڏجاڻيءَ ۾ لالا امام بخش رند ، قاضي جاويد سنائي ، غلام حيدر سولنگي ، عطا محمد رند ، رضا محمد سيال ، نظير حسين رند ، فهيم پاهي ، مير حسن رند ، عبدالغني مگسي ، امير گل رند ۽ مير حسن رند پڻ موجود هئا

بقايا 47 گڏجاڻي

سکر سٽي سارا فراز کان علاوه چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ، تعليمي ادارن پوليس قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ نمائندن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي کي خطاب ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان چيو ته اهڙي پاليسي جو مقصد معاشري ۾ انتها پسندي خاصڪري ٻارن ۽ عورتن خلاف انتهاپسندي جي خطرن کي سمجهڻ ۽ روڪڻ آهي هن چيو ته تشدد جي انتهاپسندي کي هوا ڏيندڙ نظرين جي روڪٿام ڪرڻ ۽ معاشري، خاصڪري تعليمي ادارن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پاليسي جي مقصدن ۽ تشدد جي ذهني ۽ جسماني صحت تي پوندڙ هاڃيڪار اثرن بابت آگاهي سيشن ڏيڻ پاليسي جو مکيه مقصد آهي هن چيو ته انتظاميا طرفان انهي سلسلي ۾ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کان علاوه سوشل ميڊيا توڙي سکر شهر جي رستن سان لڳايل ميونسپل ڪارپوريشن جي ايل اي ڊيز ذريعي به اسڪرين تي عوامي آگاهي لاءِ قدم ورتا پيا وڃن ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان چيو ته ڪنهن به مهذب معاشري ۾ انتهاپسندي جي ڪهڙي به شڪل کي برداشت نه ٿو ڪجي هن چيو ته عدم تشدد جي سلسلي ۾ آگاهي ۽ تحفظ جي فراهمي لاءِ انتظاميا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان علاوه معاشري جي هر شعور مند فرد تي اخلاقي ذميداري به لاڳو ٿئي ٿي ته هو پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن

بقايا 48 احتجاج

به بک هڙتالي ڪري احتجاج ڪيو ويو بک هڙتالي ڪئمپ تي ننگرپارڪر جي نوجوانن پهچي ڏڪجهتي جو اظهار ڪيو ننگرپارڪر واسين اعجاز ڪوسو ڏاڪر ڪوسو واسديو ميگهواڙ ۽ ٻين چيو ته ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف هر فورم تي آواز اٿاريو ويندو هنن چيو ته ڪارونجهر بابت چوڻي مشهور آهي ته ڪارونجهر روزانو سوا ڪلو سون جو پيدا ڪري ٿو هنن چيو ته ان جو اهو مطلب ته ڪارونجهر مان سياحت، محنت مزدوري ۽ جڙيون ٻوٽيون وڪرو ڪري سون برابر ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو

بقايا 49 ميهڙ

غلام محمد راهڙ صاحب پڻ جي ايس او دادو سب ڊويزن مان شموليت ڪئي پيغام يونين جو صوبائي چيئرمين محمد عثمان پنهور ريجنل چيئرمين لياقت علي مهيسر ريجنل جوائنٽ سيڪريٽري اڪبر مهيسر زونل چيئرمين محمد علي شيخ ڊويزنل چيئرمين اعجاز بروهي امير علي ڪوسو جي موجودگي ۾ شموليت ڪئي وئي زوردار نعرا هنيا ويا مزدور مزدور ڀائي ڀائي جا نعرا هنيا ويا مزدورن جي حقن خاطر جدوجهد جي علامت پيغام يونين آهي جيڪا سدائين مزدورن جي مسئلن کي حل ڪرايو آهي سجاڳ ٿي ويا آهن سندس حقن خاطر وڙهڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو آهي

بقايا 50 گرفتار

پسٽل هٿ ڳوٺ جهنگ ڪاٺيار ۾ ٻن ڌرين جي جهيڙي ۾ قتل ٿي ويل مقتول امجد علي ڪاٺيار جي قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار محمد صديق عرف بابو پٽ الهڏنو ڪاٺيار کي ايس ايڇ او بلڙي شاهه ڪريم عبدالحڪيم سومرو گرفتار ڪري وٽانس کي ٽي ٽي پسٽل هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي...

بقايا 51 تقريب منعقد

تقريب جو مقصد سنڌي ثقافت، روايتن ۽ ورثي کي نئين نسل تائين منتقل ڪرڻ ۽ مقامي فن ۽ ادب کي اجاگر ڪرڻ هو ان موقعي تي آيل مهمانن خطاب ڪندي چيو ته ثقافتي ڏينهن نه رڳو سجاول جي سڃاڻپ کي اجاگر ڪن ٿا پر عوام کي پنهنجن روايتن ۽ تاريخ سان جوڙي به رکن ٿا. انهن وڌيڪ چيو ته هي ٻارڙا معذور نه آهن هي ٻارڙا خاص اسپيشل آهن موروڙو مرڪز جي پرنسپال بلقيس ڪلي ۽ سندس ٽيم جس لهڻن جن اهڙي تقريب ڪرائي معذور شاگردن جي وڏي همت افزائي ڪئي انهن اهو پڻ چيو ته اسان اميد رکون ٿا ته موروڙو مرڪز جي انتظاميه ايندڙ وقتن ۾ پڻ اهڙيون تقريبون جاري رکي تقريب جا ميزبان شاداب جوڻيجو بلقيس ڪلي حسنين شاهه دانيال شيخ اسد لوهار سمرا جوڻيجو هئا تقريب ۾ سائين عبد شاعن چانڊيا اسڪول جي هيڊ ماستر نثار احمد ميمڻ شهري اتحاد جي صدر اياز ميمڻ سروبج سجاولي لائبريري جي انچارج زبير احمد جعفراڻي ايڊووڪيٽ لياقت جماري، شاعر محمد ٻارڻ مشتاق سعيد واحد سوز ملاح فريد گل شاعر سيف الله جوڻيجو عبدالغفور پليپوٽو نديم شهزاد ڪلي ۽ شبير سمون سميت ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 52 گرفتار

بعد گرفتاري ظاهر، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ ايس ايس پي جي ترجمان طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ بلڙي شاهه ڪريم ويجهو پڪين جي شڪار تان هڪ هفتو اڳ بيدردي سان قتل ٿي ويل 55 سالا ڳوٺائي حسين ملاح جي قتل واري واقعي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل هڪ مڪ جوابدار ناظم ملاح جي هفتي جي بعد پوليس گرفتاري ظاهر ڪري ڇڏي آهي جنهن ۾ واقعي جا 2 جوابدار حبيب جماري ۽ سندس پٽ گلي جماري حيدرآباد جي عدالت مان ضمانت ڪرائي ورتي هئي پوليس واقعي کي نئون رخ ڏئي داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ اهو ظاهر ڪيو آهي ته ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي تڪرار تان جهيڙو ٿيو هو جنهن ۾ هڪ قتل ۽ هڪ زخمي ٿيو هو، جڏهن ته ايف آءِ آر ۾ هڪ جوابدار ناظم ملاح سان گڏ 2 جماري برادري سان تعلق رکندڙ حبيب جماري ۽ سندس پٽ گلي جماري ايف آءِ آر ۾ جوابدار نامزد ڪيا ويا هئا جنهن ڪانپوءِ وارثن بلڙي شاهه ڪريم ٽنڊو محمد خان ۾ الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪري بااثر جي نالي کي ايف آءِ آر ۾ شامل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو پر ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان وارثن سان سندس ٽنڊو محمد خان واري آفيس ۾ ملاقات دوران واقعي جي جانچ ٽيم تشڪيل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ، جڏهن ته بلڙي شاهه ڪريم جي جهنگ ڪاٺيار ۾ قتل ٿي ويل ڪاٺيار برادري جي نوجوان امجد ڪاٺيار جي قتل ۾ پوليس وٽ گرفتار ٿيل جوابدار محمد صديق عرف بابو ڪاٺيار جي پڻ گرفتاري ظاهر ڪئي وئي آهي .

بقايا 53 مطالبو

واحد بخش ولد علي انور پنڊ ميڊيا آڏو دانهيندي ۽ احتجاج ڪندي چيو ته ڳوٺ ۾ 15جريب زرعي زمين آهي جيڪا مان 33سالن کان وٺي ڪندو پيو اچان ۽ ان جو ٻج ڀاڻ سميت سمورو خرچ مان خود ڪندو آهيان هن چيو ته ڇهن سالن کان وٺي ان زمين جو ان منهنجا سڳا ڀائر الهوڙايو پنڊ ۽ عبدالڪريم پنڊ ۽ انهن جو هاري مور پنڊ هٿيارن جي زور تي زبردستي کڻي پيا وڃن ۽ مون تي انهن ڪافي دفعا مارڪٽ به ڪئي آهي هن چيو ته مان معذور ۽ غريب آهيان انهن سان پڄي نه ٿو سگهان هو بااثر آهن هن چيو ته منهنجا ڀائر سالن کان وٺي ڪراچي ۾ رهندا آهن انهن جون شاديون به اتان ٿيل آهي پر اتان جي ملڪيت ۾ به مون کي حصو نه ٿا ڏين هن چيو ته پوليس ۾ منهنجو ڪوهه داد فرياد نه پئي ڪري هن آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته مون معذور غريب مسڪين جي واهر ڪري مون کي پنهنجي زمين جو ان ڏياريو وڃي ۽ انهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 54 اسپتال داخل

25 سالا نوجوان سرفراز ولد محمد قاسم گهرو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم داخل ڪيو ويو آهي جتي سندس حالت سڌرندڙ ٻڌائي وڃي پئي.